زندگي جا پنڌ ۽ پيچرا

(آتم ڪٿا)

ڊاڪٽر راٽاسي راٺوڙ

زندگي جا پنڌ ۽ پيچرا

(آتم ڪٿا)

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب نمبر 143

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب : زندگي جا پنڌ ۽ پيچرا
موضوع: آتم ڪٿا
ليکڪ : ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ
معاونِ خاص : انسپيڪٽر گومن مل راٺوڙ
ڪمپوزنگ : مينڌرو ڪاڇيلو، پونجاجي ڪمپيوٽر سينٽر، مٺي
فوٽو آڊيٽنگ : دليپ ڪمار گومن مل راٺوڙ مٺي
ڇاپو پهريون : ڊسمبر 2018ع
تعداد : هڪ هزار
ڇپيندڙ : سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد - 03003513966
منو ٽاور، سامهون عبرت پريس ويجهو دوابا پوليس لائين گاڏي کاتو حيدرآباد
قيمت : پڙهو ۽ سمجهو
ڊجيٽل ايڊيشن: 2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

All Rights Reserved

Book: ZINDAGI JA PANDH AIN PECHRA
Author: Dr. Rana C Rathore
Main Auxiliarlies: Goman Mal Rathore and Quaim Solngi
Composing: Mendharo Kajhervi,
Poonjaji Computer Composing center Mithi.
Photo & Title: Dileep Kumar Goman Mal Rathore Mithi.
Edition: 2018
Publish by: Sambara Publication Hyderabad
Price: Read & Learn

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وسان (سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام) ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

ارپنا

آئون هي ڪتاب منهنجي پٽ ڊاڪٽر سردار ۽ جيون ساٿي مومل راڻا جي نانءُ ڪريان ٿو، منهنجو پٽ ڊاڪٽر سردار جيڪو مغز جي تري ۾ بيماري (Basal Aneurysm) ۾ مبتلا آهي، ڪڏهن گهر اندر آءِ سي يو ۾ ته ڪڏهن آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ زير علاج آهي. مون مائٽ جي دعا آهي ته مالڪ ڪيس جلد صحت عطا فرمائي، ۽ منهنجي جيون ساٿي مومل جيڪا زندگي جو سفر اڌ ۾ ڇڏي حقيقي مالڪ سان وڃي ملي، ڀڳوان ڪيس سرڳ نصيب ڪري.

دعائن ۾

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "**پنڌ ۽ پيچرا**" اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **ڊاڪٽر راٽاسي رانوڙ** جي آتم ڪٿا تي مشتمل آهي.

ريگستاني علائقي ٿرپاڪر ۾ پنهنجي علم جي جوت ڪي جلائيندي اونداهه مان روشنيءَ جو تجلو ٻڌجي سامهون ايندڙ ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ پنهنجي مسيحائي پيشي سان سچائيءَ ۽ سماجي خدمتن آڌار پنهنجي علائقي ۾ اهم مثالي ڪردار جي حيثيت رکي ٿو. پر هن ڪتاب " زندگي جا پيچرا ۽ پنڌ" جي منظرعام تي اچڻ ڪانپوءِ هڪ تخليقڪار جي روپ ۾ بہ سامهون آيو آهي. جيڪو پڻ يقينن هڪ خوش آئيند ۽ وقتائتو قدم آهي. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ جي زندگيءَ جا تلخ تجربا اسان لاءِ مشعل راهہ آهن. هن پنهنجي حياتي ۾ جيڪوبہ پوکيو ۽ پيڙيو ان جو مختصر ذڪر پنهنجي هن جيون ڪٿا ۾ ڪري ڇڏيو آهي. خاص طور ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي بدلجندڙ صورتحال کي قلمبند ڪري.

هي ڪتاب 2018ع ۾ **سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

سريل نمبر	مضمون	پاران	صفحو نمبر
1	اداري پاران	ساجد سنڌي	08
2	پنهنجي پاران	ڊاڪٽر راٽا	10
3	مهاڳ	سارنگرام	14
4	ٻچپن ۽ تعليم	ڊاڪٽر راٽا	18
5	نوڪري وارو دور	ڊاڪٽر راٽا	24
6	رٽائر ٿيڻ کانپوءِ وارو دور	ڊاڪٽر راٽا	46
7	ملائيشيا جو سفر نامو	ڊاڪٽر راٽا	48
8	سري لنڪا جو سفر نامو	ڊاڪٽر راٽا	51
9	نيپال جو سفر نامو	ڊاڪٽر راٽا	53
10	پٽ لاءِ پيءُ جي دعا	ڊاڪٽر راٽا	55
11	وساريا نہ وسرن	ڊاڪٽر راٽا	57
12	اندر جو سنگيت	گومن مل	60
18	قطعات	سعيد مرزا	61
19	نذرانہ خلوص	رقي الدين شميم	62
20	سٺي ڪارڪردگي	ڊي سي ٺٽو	63
21	سيٺ خوشي رام هڪ اُتم انسان	ڊاڪٽر راٽا	64
	دوستن جا رايا		67
22	مسڪينن جو مسيحا	سونو ڪنگھاراڻي	69

23	انسانيت جو انمول هيرو	گومن مل	73
24	ميگھواڙ جاتي جو تعليم سنوار	قائم سولنگي	79
25	گٽواڻ شخصيت	وڪيل ارجن داس	84
26	هڪ آدرش انسان	سومجي ڌاراڻي	88
27	هڪ تاريخ ساز شخصيت	امولڪ ٽري	92
28	خوشي رام هريجن ٽرسٽ	سچانند	98
29	هن شخص جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي	ڊاڪٽر تيرٿ	103
30	تاريخ، سچ ۽ راٺو	معصوم ٽري	105
31	ڪرڪٽا لائي سُک نہ سُتا ناڪنوان	جيرام ابوجھو	107
32	هڪ ڪليل ڪتاب	ڪانجي چوهاڻ	110
33	ميگھواڙ جاتي جو روشن ستارو	ڊاڪٽر سيتل	113
34	سنديش	تيرٿ اميداڻي	115
35	خدمت خلق جو علمبردار	تنيراج پيل	116
36	غريبن جو هڏ ڏوکي	وڪيل پورو	118
37	گلاب جو گل	غلام محمد	120
38	انمول انسان جي ڪهاڻي	اوم پرڪاش	123
39	ٿر جو هيرو	ديال تپيدار (ر)	126

اداري پاران

تخيلقي ڪائنات جا رنگ انساني زندگين سان سلهاڙجي هڪ نئين تخليق کي دريافت ڪن ٿا، مسلسل ڳولا ۽ ڪجھ پائڻ جي جستجو ۾ ڪڏهن ماڻهو پاڻ وڃائي ويهي ٿو ته ڪڏهن حاصلات جي بي سڪونيت سان ياڪر پري اجان به ڪجھ ڪرڻ جي آرزو سان ناتو نه ٿو ٽوڙي، دنياوي سراب کان باخبر انسان ئي پنهنجي پنيان ساروٽين جو نه ڪٽندڙ اهڙو سلسلو ڇڏيون وڃن ٿا، جن جي نقش قدم تي هلندي زندگيءَ جا تلخ پيچرا درست ۽ غلط رستن جي سڃاڻپ ۾ معاونت ڪن ٿا، خوشقسمت چئجن اهڙا ڪردار جن جي علمي ۽ عملي خدمتن عيوض سندن زندگيءَ ۾ ئي ميجتا ڏئي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وڃي، خاص طور جڏهن ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جهڙا مثالي ڪردار نهايت پٺ تي پيل ريگستاني علائقي ٿرپاڪر ۾ پنهنجي علم جي جوت کي جلائيندي اونداھ مان روشنيءَ جو تجلو ٻڻجي سامهون اچن ٿا ته انهن تي رشڪ بجاءِ اتساھ ۽ درس جون ريکائون ايرڻ ڪپن، اهڙي وقت ۾ جتي جڏهن تعليم جو تصور هڪ خواب هجي، تڏهن ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي همت، حوصلي ۽ جذبي کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگهجي، جنهن نه فقط پاڻ ڪشالا ڪري زندگيءَ جي مقصديت جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙيو پر پنهنجي علائقي جي نمائندگي ڪندي دنيا کي اهو باور ڪرايو ته معدني وسيلن سان مالا مال ڏڪاريل ٿر جا فرد به پنهنجي اندر اُتم صلاحيتن جي ذخيرن سان سرشار آهن.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ پنهنجي مسيحائي پيشي سان سچائيءَ ۽ سماجي خدمتن آڌار پنهنجي علائقي ۾ اهم مثالي ڪردار جي حيثيت رکي ٿو پر هن ڪتاب " زندگي جا پيچرا ۽ پنڌ" جي منظرعام تي اچڻ کانپوءِ هڪ تخليقڪار جي روپ ۾ به سامهون آيو آهي، جيڪو پڻ يقينن هڪ خوش آئيند ۽ وقتائتو قدم آهي، ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي زندگيءَ جا تلخ تجربا اسان

لاءِ مشعل راهه آهن، هن پنهنجي حياتي ۾ جيڪو به پوڳيو ۽ پيڙيو ان جو مختصر ذڪر پنهنجي هن جيون ڪٿا ۾ ڪري ڇڏيو آهي، خاص طور ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي بدلجندڙ صورتحال کي قلمبند ڪري سچ ته ڊاڪٽر صاحب نه فقط پنهنجي ماضيءَ جي مشاهداتي زاوين ۽ تجزين کان چٽيءَ طرح روشناس ڪرايو آهي پر پنهنجي علمي صلاحيتن پٽاندڙانساني خدمتن ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن جي به پلي پت ڄاڻ ڏني آهي، سندس زندگيءَ جا گذاريل لمحا هڪ شفاف آئيني مان حيرت انگيزعڪس جهلڪندي اهڙو پيغام ڏين ٿا، جن کي پڙهندي پنهنجي زندگيءَ جي روايتي سوچن تي پشيماني ٿيڻ فطري ٿيو پوي.

هن ڪتاب ۾ موجود تحريرون ۽ تصويرون ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي گهڻ پاسائي شخصيت کي اپاري سامهون آڻين ٿيون، خاص طور سندس همعصر دوستن، ادبي، سماجي ۽ سياسي شخصيتن جي نظر ۾ سندس شخصيت ۽ ڪردار جا اهم پهلو نمايان ٿي اسان کي اهو باور ڪرائين ٿا ته اسان جيئن جيئي، ڀلا ڪو جهان ۾. هي جيون ڪٿا ڪتاب، جنهن ۾ انيڪ پرڏيهي سفر جي يادن سميت دوستن جي ساروڻين جو نه ڪٽندڙتسلسل ملي ٿو، يقينن پرهندڙن لاءِ لاپائتو ثابت ٿيندو، هونئن به ڊاڪٽر رانوڙ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان محبت ۽ اُنسيت کي هيئين سان هنڊائي انيڪ سپنن جي حاصلات لاءِ گهڻو ڪجهه وڃايو به آهي ته اڻ ڳڻيون محبتون ماڻيون به آهن، ڏکن ۽ سکن جي اک ٻوٽ جو سلسلو ڪڏهن به کُٽڻ جو ناهي، جيئن ڊاڪٽر پاڻ هن وقت به پنهنجي فرزند ارجمند جي سخت علالت سبب پريشانين جو کُن ۾ ڦاٿل آهي، جنهن جي صحتيابي لاءِ پاڻ سيئي ڏٽيءَ در دعاڳو آهيون، پاڻ شال گذرندڙجيون گهڙين کي مسرتن جي مالهائن سان پوئڻ جي سگهه ساري سگهي.

ساجد سنڌي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

پنهنجي پاران

20- هين صديءَ جي شروعات ۾ پاڪ _ هند جون حالتون نيڪ نہ هيون، برصغير ۾ انگريزن جي خلاف هلچل شروع ٿي چڪي هئي، خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ ٿرپارڪر ضلعو گهڻو پٺ تي پيل هو. تعليم نالي ماتر هئي. باراني زمين جي ڪري ڏڪار گهڻا، ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ ۽ گذرسفر مشڪل ٿي پيو هو. سنڌ سرڪار تلاءُ ۽ رستا نهرائڻ تي ڏيان ڏنو تہ جيئن پبلڪ کي روزگار مهيا ٿئي. ٻين ملڪن کان امداد ۾ ملندڙ راشن تي گهٽ گذارو هوندو هو. ڪافي اسڪول عارضي طور بند هوندا هئا. بجلي، ريڊيو، ٽيليفون وغيره جي سهولت نہ هئي. اهڙيءَ ڏکئي وقت منهنجو جنم هڪ پورهيت هاريءَ چانپارام جي گهر ۾ ٿيو. باران زمين بہ اهڙي جو ڪڏهن آباد ٿئي تہ ڪڏهن ٻج بہ ضايع ٿيو تي ويو. ضلعي ۾ هڪ يا ٻہ فونو گرام هوندو هئا، جتان ڪنور ڀڳت يا جيوٽي ٻائي جا ڪلام ٻڌندا هئاسين. آئون 5 پائرن ماستر پريولال، اجبو مل، منو مل، ڏيارام، هڪ پيڻ سوهدران ۾ ننڍو هئس، مونکي ٻچپن کان ئي تعليم پرائڻ ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. ان وقت کان وٺي مون محسوس ڪيو تہ مالڪ مون کي پيدا ئي تعليم پرائڻ لاءِ ڪيو آهي، منهنجي ذهن ۾ بہ اهوئي نقطو رهيو تہ فقط تعليم ئي انساني شعور آڻي پنتي پيل قومن ۾ سڌارو آڻي سگهي ٿي. نتيجي ۾ مون کي تعليم جو ڦل نصيب ٿيو جو اڳتي منزل ماڻي.

اسان جي پراچين زماني کان وَنس مطابق جوڳو ونس رانوڙ مان آهي. ڀاٽ شجره لکندا هئا ۽ صدين کان رڪارڊ محفوظ ڪندڙ رهيا آهن، جيڪا برادري هينئر هندستان تائين محدود رهجي ويئي آهي. اسان جا وڏا اُتر قنوج، مارواڙ کان ڪاروڙو، چارڻ عمرڪوٽ لڳ کان سينهوئي، ارنرو، ڪونياري، ڪاريو غلام شاهہ

ڪان جاڳو هريو نڪر سان گڏ هريار وسائي، پوءِ مختلف ڳوٺن ۾ جوڳو پکڙيا، ڪن حالتن جي ڪري لڏپلاڻ ڪري جيسلمير ڪان سنڌ ۾ داخل ٿيا. اٽڪل 16- هين صديءَ ۾ نالي ٻجو جوڳو ۽ هڪ ڪاڙيندو ڀيل هڪ جاڳو نڪر ذات کي اُٺ جي ڀيل تان قتل ڪيو، جو ٻجو جوڳو نيوچور ۾ عيسب فقير وٽ پناهه ورتي، نڪرن ڪان خون معاف ڪرايو ۽ ٻجو جوڳو ست پيڙهين تائين پوڄڻ جو واعدو ڪيو ۽ عيسب دعا ڏني ته توهان مان لک ٿيندا، ان بعد اسان جوگهراڻو اُتان لڏي عيسب فقير جي درگاهه (چور) ۾ اچي پناهه ورتي، جنهن ڪانپوءِ اولاد پاڻ کي عيسب جا مريد ۽ عيسب پوٽا سڏائيندا آهن، ايئن شجرن ۾ ڪئين ڳوٺ نهيا، انهن ۾ ڪيمي جو پار، رڙيارو، چاڙهيار، ڀاڏا سندو، ڪينسر، ڊيٻوڙي، ڪياڙو، ڏانپاريو ۽ ٻيا ڳوٺ به شامل آهن. منهنجي ڏاڏي ”هيمي“ جو به ڏاڏو ”ڪيسو“ ڳوٺ چاڙهيار ۾ اچي آباد ٿيو هو، تن مان ڪي 1965ع ۽ ٻيا 1971ع ۾ هندستان هليا ويا، باقي هتي رهن ٿا، جيڪي مالهڻ ديويءَ کي ڇڏڻ ڪانپوءِ اهي سڀ هن وقت عيسب فقير جا مريد آهن. منهنجو جنم 1934 - 05 - 10 تي ڳوٺ چاڙهيار ۾ ٿيو، وڏي ڀاءُ پريولال سنڌيءَ ۾ فائنل ڪئي ۽ 1942ع ۾ ماستري نوڪريءَ ۾ لڳو، منهنجي داخلا اسڪول ۾ 1940ع ۾ ٿي، ليڪن اسڪول 5 ڪلو ميٽر پَري هئڻ ڪري رڪاوٽ ٿي، جنهن سبب 2- سال پڙهڻ ڪان محروم رهيس ۽ وري 1945ع ۾ پڙهائي شروع ڪئي ۽ ڊبل پروموشن ڪري ايئن پڙهندو رهيس، پوءِ وري 27- ڪلو ميٽر ڏورانهون اسڪول گدڙو سٽي ۾ داخلا وٺي پڙهڻ لڳس، جتي اڳتي هلي مڊل جا ڪلاس نه هئڻ ڪري ڇاڇرو اسڪول ۾ 1950ع ڌاري مڊل پاس ڪيم. علم جو اهو سفر جاري رکندي 1952ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ٿيس، جتان 54 - 1953ع جي بئنچ ۾ مئٽرڪ پاس ڪيم، انٽر ڊي جي ڪاليج مان پاس ڪري ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان 1961ع ۾ پاس ڪئي ۽ سگهوئي سروس ۾ آيس. تعليمي سرگرمين ۾ حصو وٺندي، مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ٿي ايس سي

اي سوسائٽي ايٽ حيدرآباد ناهي، ان جو ميمبر ۽ پوءِ جنرل سيڪريٽري به رهيس، هن سوسائٽيءَ شاگردن جي مالي ۽ اخلاقي مدد ڪئي، منجهن تعليم پرائڻ وارو جذبو پڻ اجاگر ڪيو، جنهن لاءِ اسان جي گروپ جُدا جدا سيڪٽرن جا دورا ڪيا. 1980ع تائين اهو سلسلو هليو ۽ تعليم ۾ ڪافي ترقي ۽ پيش رفت بعد اها سوسائٽي بين ڪي هلائڻ لاءِ ڏني، جيڪا هن وقت به موجود آهي، جنهن مان ايمرجنسي جي صورت ۾ مالي امداد ڏني وڃي ٿي.

اهڙي طرح خوشي رام هريجن ٽرسٽ به 1946ع کان هلندڙ هئي. 1952ع کان آئون به ٽرسٽ جو ڪارڪن رهيس. 1965ع کان اڄ تائين ميمبر ورڪنگ ڪميٽي طور لاڳاپيل آهيان. هن ٽرسٽ جي جيڪا به آمدني هوندي آهي، اسان جو چيئرمين سيٺ هوندراج آوتراءِ راڄپال سڄي سنڌ ۾ خاص ڪري ٿر جي شاگردن ۾ امداد ۽ اسڪالرشپ ورهائيندو آهي. ساڳيءَ ريت پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پي ايم اي جو ضلعي ليول تي 20- سال جدا جدا ضلعن ۾ نوڪري دوران صدر رهيو آهيان ۽ هر ضلعي ۾ فري ميڊيڪل ڪئمپون، سيمينار ۽ ورڪشاپ وغيره منعقد ڪرايا. جن ۾ نالي وارين شخصيتن کي دعوتون ڏيئي کين خصوصي مهمان طور گهرايو ويندو هو. ٺٽي ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ سوين ميڊيڪل ڪئمپ، سيمينار، گونگن ۽ معذورن جي بيمارين ۽ منصوبا بندي جي روڪٿام وغيره جي سڄاڳي جا سيمينار به ڪرايا. 6- سال سول سرجن ٺٽو ۽ 9- سال سول سرجن اسپتال سانگهڙ ۾ خانداني منصوبابندي لاءِ مني ليب آپريشن يونٽ کولايو ۽ بين هنڌن تي به صحت جي سهولتن پهچائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. ٽرديپ جهڙي وسيع ۽ سرگرم اين جي اوز جي جنرل باڊي جو اڄ تائين ميمبر آهيان ۽ ساليانو ميٽنگ ۾ باقاعدگي سان شرڪت ٿيندي رهي ٿي. هنيئر به سانگهڙ، ٺٽو، ٿرپارڪر ۽ بين ڏورانهن علائقن مان وڏي انگ ۾ مريض ميرپورخاص مومل ميموريل ميڊيڪل سينٽر ميرپورخاص پهچن ٿا، جتي سندن معالج بنجي ڪفايت ۾ خدمت ڪرڻ فرض سمجهان ٿو. جيڪا جستجو شال حياتيءَ بعد به جاري

رهي.
آئون شڪر گذار آهيان قائم سولنگي، ڊاڪٽر سونو مل ڪنگهاراڻي، نور احمد جنجهي، سارانگرام ڪاجهروي، انسپيڪٽر گومن مل راٺوڙ، وڪيل ارجڻ داس، سومجي مل ڏاراڻي، امولک ٺري، پروفيسر سچانند، ڊاڪٽر تيرٿ، معصوم ٺري، جيرامداس ابوجهو، ڪانجي مل چوهاڻ، ڊاڪٽر سيتل، تيرٿ داس اُميداڻي، تنيراج پيل، وڪيل پورو مل ڪولهي، غلام محمد لغاري، اوم پرڪاش راٺوڙ، تپيدار ديالداس جن مون کي هن ڪتاب لکڻ لاءِ پنهنجا رايا ڏنا، ۽ همٿايو. جڏهن ته مينڊرو ڪاجهروي ۽ دليپ ڪمار راٺوڙ پڻ ڪتاب ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو.
آخر ۾ آئون اهو چوندس ته پنهنجون سارونڻيون ۽ ڪردارن جون ڪهاڻيون دنيا ۾ تاريخ جي صورت ۾ چڙهڻ ضروري آهن چو ته پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي ٻه ڪنهن نه ڪنهن لکيل حقيقتن مان فائدو ٿي سگهي ٿو. تاريخ هڪ زنده نالو آهي، خاص ڪري هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ انسپيڪٽر گومن مل راٺوڙ ۽ قائم سولنگي شروع کان آخر تائين مک ڪردار ادا ڪيو آهي، آئون سيني ڀائرن ۽ دوستن جو ته دل سان شڪر گذار آهيان، جن هن ڪتاب لکڻ لاءِ منهنجو ساٿ ڏنو آهي.

ڊاڪٽر راڻا ولد چانپارام راٺوڙ
سيٽلائيٽ ٽائون، يونٽ 3- ميرپورخاص
03363766914

مهاڳ

زير نظر ڪتاب جو موضوع هڪ اڏول ۽ هيرو نما شخصيت جو آهي ۽ ان شخصيت جون پنهنجي هٿن سان اهو سڀ ڪجھ سلوڻي سنڌي ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪو هن پنهنجي ٻالپڻ کان وٺي ٻڍاپڻ تائين جاکوڙيو، تڪليفون ڏٺيون ۽ ڪاميابيون ماڻيون.

هن هيرو جي جنگ جو ميدان تعليم جو ميدان آهي، هڪ ٻارڙو اهڙي هنڌ پيدا ٿئي ٿو جتي تعليم جو تصور هڪ طلسمي خزاني وانگر آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ معصوم هيرو اڏول ارادو ڪري ٿو، ڪوهن جا ڪوھ پنڌ ڪري تعليم شروع ڪري ٿو، پرائمري ڪانپوءِ مڊل، هاءِ اسڪول توڙي ڪاليج جي تعليم بہ پرائي درن جا ڌڪا کائي، هاسٽلن ۾ رهي حاصل ڪري ٿو ۽ نيٺ ايم بي بي ايس ۾ داخلا وٺڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ۽ ڊاڪٽر ٿي وڃي ٿو. سڄو سفر پراين درن تي رهڻ، اسڪالرشپن ۽ ٽيوشنون پڙهائي پنهنجي آمدني سان پورائو ڪري ٿو. ڊاڪٽر ٿي وڃڻ ڪانپوءِ اهم عهدن تي رهڻ سندس حق ٻڻجي ويو، پر ميگھواڙ جاتي سان لاڳاپيل هئڻ ۽ پهريون ڊاڪٽر هئڻ ڪري وک وک تي مشڪلاتن کي منهن بہ ڏيڻو پيو تہ ڪاميابين جا موقعا پڻ حاصل ڪيا.

ڪتاب جي موضوع ۽ ليکڪ ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ پنهنجي آتم ڪٿا تمام آسان ۽ سلوڻي سنڌي ۾ بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪابہ ادبي مهارت، پيچدگي، محاورا، تاريخي حوالا وغيره شامل نہ ڪيا آهن پر هو پنهنجي ڪهاڻي اسان کي ايئن ٻڌائي پيو جڻ تازو سفر تان موٽي اينڌڙ نوجوان پنهنجي گهر ڀاتين کي سفر جو قصو ٻڌائيندو هجي. سندس هي ڪتاب پنجن حصن يعني ٻالپڻ، تعليم، ڊاڪٽر طور نوڪري ڪرڻ، رٽائرمينٽ

ڪانپوءِ سرگرميون، ڪجهه يادگيريون، پرڏيهه جا دورا ۽ آخر ۾ ويجهن دوستن پاران سندس ڪردار تي روشني وجهڻ ۽ پيٽا ڏيڻ تي ٻڌل آهي.

پهرين ٻالپڻ ۽ تعليم واري باب ۾ ليکڪ اهي حالتون بيان ڪيون آهن ته ڪيئن تعليم اٽلپ هئي ۽ ڪيئن ان کي ناياب خزانو سمجهيو ويندو هو، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن پڪو پهه ڪيو، ڳوٺ ۾ اسڪول نه هئڻ باوجود پهرين 5 - 6 ڪلو ميٽر پري پيدل پنڌ ڪري ۽ پوءِ 27- ڪلو ميٽري پري پرائي گهر ۾ رهي پرائمري تعليم حاصل ڪئي. سندس تعليم دوران هندستان جو ورهاڱو ٿئي ٿو، حالتون اُلٽ پلٽ ٿي وڃن ٿيون، ماڻهو سر ۽ عزت بچائڻ خاطر پنهنجو وطن ڇڏين پيا پر ڊاڪٽر جي والدين نه رڳو ملڪ نه ڇڏيو پر ڇاڇرو شهر ۾ راڻا جي تعليم جاري رکي، جتان ٻه صرف مڊل جو امتحان پاس ڪري سگهيو ۽ ميٽرڪ لاءِ تر ڪان حيدرآباد پڄي نور محمد هاءِ اسڪول ۽ ڊي جي ڪاليج مان ڪاليج پاس ڪري ايم بي بي ايس ۾ داخلا وٺڻ واري انتهائي ڪٺن ۽ پرتجسس مرحلي کي هن باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هي مرحلو طئي ڪرڻ تي راڻا سي رائوڙ جس لهي پر سندس والدين کي ٻه سلام هجي، ليکڪ پنهنجي ننڍپڻ جو ذڪر ڪندي ان وقت ڏنل جهنگلي جيوت، تتر، مور ۽ هرڻن جون ساروڻيون ٻه نه ٿو وساري.

ڪتاب جي ٻي حصي ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ پهرين نوڪري ننگرپارڪر ۾ ڪرڻ، پوءِ ڳوٺن ۾ وڃي صحت جي معاملن تي اپياس ڪرڻ ۽ ان ڪانپوءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف ضلعن، شهرن، جهڙوڪ ٽنڊو محمد خان، لس ٻيلو، ٺٽو، سانگهڙ، ميرپورخاص ۽ ٻين هنڌن تي ميڊيڪل آفيسر توڙي سول سرجن جي حيثيت ۾ جيڪي خدمتون ڏنيون ۽ محبتون ڪمايون ان جو ذڪر ٻه تمام سهڻن لفظن ۾ بيان ٿيل آهي، ڪاميابين سان گڏ مشڪلاتون ٻه اڻتر هونديون آهن. اهو ٻه جيڪڏهن هڪ غريب جاتي جو فرد اعليٰ عهدي تي ويهي حڪم

هلائي ته ڊاڪٽر راڻا ٺورو ان کي بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ واقعو ٻن ماتحت ملازمن کي بدلي ڪرائڻ تان سندس ڏرم پٽني جو ڏکوئيندڙ قتل شامل آهي.

ٽئين مرحلي ۾ ريٽائرمينٽ کانپوءِ ميرپورخاص ۾ ڪلينڪ کولي عوام جي خدمت ڪرڻ، سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ سرگرم رهڻ، جيڪو عمل هن شخص شاگردي واري دور کان شروع ڪري ڇڏيو هو. خاص ڪري شڪارپور واري سيٺ "خوشي رام ٽرسٽ" سان واڳجي سڄي سنڌ خاص ڪري ٿر جي شاگردن کي تعليم جي شعبي ۾ سرڪار واري اڻملهه ڪردار کي هن باب ۾ سهڻن سادن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت ليکڪ پنهنجي خاندان ۾ ايندڙ تبديلين جهڙو ته مان لڌي مير لانڊي اچڻ، شاديون، ٻارن جي جنم جي خوشي ڀرين لمحن توڙي صدما ڀريل لمحن کي به چڱي نموني بيان ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي چوٿين حصي ۾ ملائيشيا، نيپال ۽ سري لنڪا جي دورن کي اهڙي ته سٺي، سادي ۽ چٽي نموني بيان ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ جي دل چڪجي وڃي ٿي ته هو به انهن منظرن جو ديدار ڪري، جنهن ۾ خاص طور ملائيشيا هوٽلن، رستن، اتي روز مينهن پوڻ واري آبهوا، پارڪن، غارن، مندرن، راجائي محل جا منظر ۽ انهن نقش کي انتهائي چٽي نموني بيان ڪيو ويو آهي، جيئن هڪ غار ۾ مٿي وڃڻو آهي. 168- ڏاڪا، پوءِ غار ۾ گهڙڻ، يعني ليکڪ ان مهل ڏاڪا ڳڻيا ۽ نوٽ ڪري لکيا ۽ هتي بيان ڪرڻ هڪ عام ليکڪ ته ڇا پر چڱي وڏي ليکڪ جي وس جي ڳالهه ناهي. ساڳئي نموني نيپال ۾ هڪ مندر ۾ 155- ڏاڪا هيٺ لهي مندر ڏسڻ ۽ اهي ڏاڪا ڳڻي اچ بيان ڪرڻ جو ڪمال هن ڪتاب ۾ نظر آيو. پرڏيهه جو سفر نامو هجي، لفظن جي ڪابه ڪاريگري نه، ڪوبه تاريخي حوالو نه، سفر جي ڪابه پيچيدگي نه، هڪ هنڌ بيان ڪيل آهي، سريلنڪا لاءِ ٻڌندا هئاسين ته ڏاڍو سرسبز ۽ تاريخي، ساموندي بندرن وارو ملڪ آهي، ان کي ڏسڻ لاءِ ٽريول وارن کان پئڪيج

ورتوسين ۽ ڪراچي کان جهاز ذريعي شام جو 4- وڳي ڪولمپور پهتاسين، اها ٽن جملن واري ڪهاڻي وڏو ليکڪ لکي ها ته اڌ ڪتاب پري ۽ نچوڙ ساڳيو، ٻئي هنڌ ذڪر آهي ته ان ڏينهن تي نروليا شهر وڃڻو هو، جيڪو راوڻ جي گادي جو هنڌ هو، چئوطرف ڊنڊيون، پارڪ وغيره ڏسي ذهن ۾ آيو ته راوڻ نهايت خوش نصيب هو.“ آخري حصي ۾ ملندو انهن شخصيت جي املهه لفظن جي پيٽا، جيڪي ڊاڪٽ راڻا سي رانوڙ جي ويجهو رهيا، ڏک سک ۾ ساٿ ڏنو ۽ پئي انتظار ڪيائون ته اهڙو ڪو موقعو ملي جو ڊاڪٽر صاحب کي لفظن جي پيٽا ڏجي، انهن شخصيتن ۾ قائم سولنگي، گومن مل رانوڙ، ارجن داس وڪيل، ديال داس، پروفيسر سچانند پنواريا، امولک ٽري، ڪانجي مل چوهاڻ ۽ سومجي ڏاراڻي ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڪتاب مان سبق ملي ٿو ته ٿهيل رستي هلڻ يا گاڏي ڊوڙائڻ سولو آهي پر نئون رستو ناهڻ ۽ سفر جاري رکڻ ڏکيو آهي. جهاز تي چڙهي 20- هزار فوٽ اوچو اڏام سولو آهي پر بنا جهاز جي 20- فوٽ مٿي اڏامڻ جون ڪاميابيون ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ ۽ ان دور جي عظيم انسان ماڻي ڏيکاريون. اميد ته اسان جي نئين ٿهي جا نوجوان غريب جاتي ميگهواڙ ٻار جي خوبي، ارادي ۽ عمل تي ٻڌل هن رڪارڊ مان ضرور لاڀ پرائيندا ۽ پنهنجا تجربا پنهنجي ايندڙ نسلن کي منتقل ڪندا رهن.

ساٿ سلامت

سارنگرام ڪاجهروي

راڻا سي راٺوڙ جو ٻچپن
۽ شروعاتي تعليم

منهنجو جنم تہ 10- مئي 1934ع تي ڳوٺ چاڙهيار تپو ڪينسر تعلقہ ڇاڇرو ۾ ٿيو، جڏهن مون شعور سنڀاليو تہ 1940ع ۾ مائٽن مون کي پرائمري اسڪول ۾ داخلا ڏياري، جيڪو اسان جي ڳوٺ کان 5 -ڪلو ميٽر پري هوندو هو، جتي صبح سويري تياري ڪري اسڪول ويندا هئاسين. مون سان گڏ مون کان وڏو ڀاءُ ڏيارام بہ پڙهندو هو.

مون کي ياد آهي تہ اُن مهل ٻي مهاڀاري لڙائي شروع هئي. 1940ع کان 1945ع تائين هلندڙ انهيءَ جنگ دوران اسان اسڪول مان ايندي ويندي ڪارا جهاز هيٺ اُڏامندي ڏسي ڊڄندا هئاسين. تڏهن ڏاهليءُ جو شهر سنو آباد هو، انهن ڏينهن ۾ اسان پرائمري اسڪول ۾ 350 - ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهندا هئاسين ۽ اسان جو استاد مهاديو صاحب ۽ ٻيا بہ هوندا هئا، پڙهائي سخت هوندي هئي. ايتري قدر جو سڄو ڏينهن پڙهائي ٿيندي هئي. رڳو مختصر رسيس ملندي هئي. البت پري پري جي ڳوٺن مان ايندڙ شاگردن کي سڄ لهڻ کان اڳ گهر پهچڻ لاءِ موڪل ملندي هئي.

ان دور ۾ ٿر جو تصور ڪرڻ سان بہ ذهني سڪون ٿو ملي، ڪاش...!! ٿر تي وري اُهي ساڀيا ڏينهن موٽي اچن جتي هر طرف امن ۽ پائيچاري جا بادل محسوس ٿيندا هئا، راڄوٽيءَ ۾ ننڍ وڏائي جو لحاظ، همدردي، احساس ۽ پاپ کان پري ماحول هو. جهنگلي جيوت جو حُسن ايترو تہ هو جو اسان جڏهن اسڪول ڏانهن ويندا هئاسين تہ، گس هلندي اسان تي هرڻ جهلون ڪندا هئا، تتر، ٻاٽيپڙ، تلور، لوڪڙ ۽ گدڙ وارياسي پٽن ۽ گسن تي گهمندي نظر ايندا هئا ۽ ڪڏهن جانورن جي ڊپ کان اسين دڳ بہ تبديل ڪندا هئاسين.

مون 1940ع ۾ ٻاراٽو ۽ 1941ع ۾ پهريون پڙهڻ شروع

ڪيو تہ مونسان گڏ اسڪول هلندڙ منهنجو ياءُ ڏيارام اسڪول ڇڏي ڀڄي ويو، پوءِ آئون اڪيلو ۽ ڪوهين پنڌ ڪري اسڪول وڃڻ جهڙو نہ هئس، جنهن ڪري آءُ ٻہ سال اسڪول وڃڻ ڪان محروم رهيس، نتيجي ۾ 1942ع ۽ 1943ع سال ضايع ٿيا.

1944ع ۾ وري پڙهڻ شروع ڪيم، 1945ع ۾ (ڊبل پروموشن) ٻہ درجا گڏ امتحان ڏيڻ بعد 1947ع ۾ پرائمري اسڪول گڊڙو سٽي ۾ داخلا ورتي، ان وقت اسڪول ۾ هڪ ڊرامو ”پوڙهي جو پرٽو“ اسٽيج ٿيو تہ مون ان ۾ هيرو يعني گهوٽ جو ڪردار ادا ڪيو هو.

1948ع تائين مڊل اسڪول گڊڙو سٽي ۾ پڙهڻ دوران آءٌ پنهنجي ڀيڻ جي گهر رهندو هئس، ڇو تہ اتان ڪان اسان جو ڳوٺ 27- ڪلو ميٽر پري هوندو هو.

اڳتي هلي 1949ع ۾ گڊڙو سٽي مان خراب حالتن جي ڪري لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي، اڪثريت هندستان هلي ويئي، منهنجو ڀيٽويو ۽ ڀيڻ ٻہ لڏي وڃي پرڏيهہ وسايو. گڊڙو ۾ ڪانگريس وارن جو وڏو آڏاٽو هو، جتي فورس اچي ويهي رهي، لڏپلاڻ جي ڪري سرڪار انگريزي پنج ڪلاسن مان گهٽائي ٽي ڪلاس ڪيا، تہ آئون اڳي ئي چوٿين درجي ۾ هئس، اسڪول پڙهائي دوران آئون والي بال، ڪٻڊي ۽ پاٽيءُ ۾ ترڻ ٻہ سکي ويس.

هوڏانهن جوڌپور جي راجا جي حڪومت هئي. 1947ع ڪان 1953ع تائين پاسپورٽ وغيره جو اوائيلي دور هو، ۽ اچ وڃ عام هئي. اسان ڪڏهن ٻي ۽ ٽئين ڏينهن ٻاهڙمير گهمڻ ويندا هئاسين. اهڙي طرح آئون ٻہ پنهنجي ڀيڻ سان ملڻ لاءِ ٻن مهينن لاءِ هندستان ويو هئس. جتان 1950ع جي اوائل ۾ پنهنجي ڳوٺ ڇاڙهيار وايا گڊڙو آيس، پوءِ اچي مڊل اسڪول ڇاڇرو ۾ پڙهائي شروع ڪئي.

ممبئي يونيورسٽي موجب - ڪلاس ۾ مئٽرڪ پاس ٿيندي هئي، تنهن ڪري آءٌ اُتان ڪان پنجون مڊل ڪلاس ڪري

1952ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ڇهين انگريزيءَ ۾ داخلا ورتم، جتي مون کي رهائش ۽ ٽيوشن پڙهائڻ جو آسرو مليو هو.

انهن ڏينهن ۾ ٿر ۾ تعليم نالي ماتر هئي، تعليم جو اهو حال هو جو سڄي ٿر ۾ مٺي ۽ ڏيپلو هاءِ اسڪول آباد هئا، سفر فقط گهوڙن، اٺن ۽ پيادل ٿيندو هو ۽ ان وقت اجان ڪيڪڙن جي شروعات ٿي هئي. ياد رهي ته ان وقت بمبئي يونيورسٽي جو ڪورس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رائج هو. 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ نئون ڪورس رائج ٿيو، پراڻي ڪورس موجب 11 - 12 سال پڙهائي ڪرڻ بعد مئٽرڪ پاس ٿيندي هئي. ٿر ۾ ٻار کي سنڌن مائٽ مشڪل سان 6- سالن جي عمر ۾ داخل ڪرائيندا هئا. مطلب ته ٿر ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ڏونگر ڏورڻ جي برابر هو.

حيدرآباد ۾ منهنجي رهڻ جو بندوبست ٽريننگ ڪاليج فارمئن جي هاسٽل ۾ ٿيو هو، جتي پڙهائي جو هنڌ رات جو پارڪ ۾ اسٽريٽ لائيٽ جي سهاري هوندو هو. 1952ع ۾ مون پرائيويٽ ٽيوشن پڙهائڻ جا في ٻار تي 5- رپيا رکيا ۽ اسڪالرشپ ملندي هئي، جيڪا 12- رپيا ماهوار هئي، جڏهن ته منهنجو ماهوار خرچ 15- رپين کان 20- رپين تائين هو. ان کانسواءِ خرچ جي پُورائي لاءِ منگل آشرم ٽاٽو ٻولاخان مان ٻائو ڏيان گُر پڻ مالي امداد ڏيندو هو.

آئون پڙهائي کان پوءِ ورزش ۽ ڊبيٽ ۾ به حصو وٺندو هئس. استاد الهه بخش سومرو اسان کي ٽريننگ ڪاليج جي آکاڙي ۾ ورزش ڪرائيندو هو. ياد هجي ته ڇهين درجي ۾ مون پهريون نمبر کنيو ته، ان وقت جي وزير تعليم قاضي محمد اڪبر مون کي انعام ڏنو هو.

1953ع ۾ گلي جي بيماريءَ لڳاتار تنگ ڪيو ۽ پڙهائي ۾ به خلل پئي پيو. ڊاڪٽر ناريءَ اسپتال ۾ داخل به ڪرايو، پر اڪيلو هئس ۽ وسيلا به گهٽ هئڻ ڪري، آپريشن نه ڪرائي

سگهيس، 1954ع جنوري ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنم، جنهن ۾ ارٿ ميٽڪ جو اضافي پيپر پڻ ڏنو. بيماريءَ سبب پوزيشن ته ڪونه ڪنئي پر نتيجو بهتر آيو. اڳتي پڙهڻ لاءِ فرسٽ ييئر بايولاجي ۾ داخلا ورتي پڙهائي شروع ڪيم، شام جو لائبريريءَ جي ڪتابن جي وڏيڪ مدد وٺندو هئس. انهن ڏينهن ۾ خوشي رام هريجن ٽرسٽ جيڪب آباد مان به اسڪالرشپ جي مدد ملڻ شروع ٿي ۽ ايئن خرچ جو پورائو ٿيندو رهيو ۽ پڙهائي جاري رهي. هڪ دفعي دوست پيم سنگهه جئپال صلاح ڏني ته 10- رپيا خرچو هٿ ڪر ته ڪراچي گهمائي اچان. پهريون دفعو ڪراچي گهمڻ ۽ ڏسڻ جو شوق ٿيو. صبح سوير ٽرين ۾ 15- آنا ڪرايو ڏئي پهتاسين. ٽرام بس ڪراچي ۾ هلندي هئي. ان ۾ هڪ ٽڪو ڪرايو ڏئي، ڪياماڙي، گارڊن ۾ چڙيا گهر ۽ پوءِ ڪلفٽن وغيره ڏسي، رات جو حيدرآباد موٽي پهتاسين ته ڏنم ڪيسي ۾ 8- آنا بچي پيا هئا. 1956ع ۾ گورنمينٽ ڊي جي ڪاليج حيدرآباد ۾ انٽر بايولاجي جي پڙهائي ۾ گذريو، ساڳئي سال لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد ۾ ايم بي بي ايس ۾ داخلا ورتي پڙهڻ شروع ڪيم. هاڻ ته ويتر خرچ وڌي ويو هو، ليڪن سرڪار پاران اسڪالرشپ چئن سالن لاءِ 30- رپيا ساليانا منظور ڪيا. سيٺ خوشي رام ٽرسٽ پاران به سالانو 120- رپيا ملندا هئا. گڏوگڏ فرسٽ ييئر ايم بي بي ايس دوران به مون ٽيوشن ڏيڻ جاري رکي هئي. انهيءَ سال "شيڊيولڊ ڪاسٽ" تعليمي سوسائٽي حيدرآباد ريجن ناهي هئي. ان جو آئون جنرل سيڪريٽري طور سڄو ڪم سنڀاليندو هئس. اها هنيئر به موجود آهي. انهن ڏينهن ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال ڪرنل نجيب الله هو، جنهن حيدرآباد مان ڄامشورو ڪاليج کي مُنتقل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون هيون. ايئن سيڪنڊيئر ايم بي بي ايس ۾ شفٽ ٿي ڄامشورو وياسين. ياد رهي ته اسٽوڊنٽس جي انهيءَ بئچ ۾ صرف 13- ڄڻا ايم بي بي ايس لاءِ چونڊجي سگهيا هئاسين. اُنهن ڏينهن ۾ ميڊيڪل جي رزلٽ داخلا لاءِ سخت

نڪرندي هئي. انهيءَ بئنچ ۾ 70- سيڪڙو فيل ۽ 30- سيڪڙو مس پاس ٿيا هئاسين، جن ۾ منهنجا هم ڪلاسي دوست ڊاڪٽر سلطان فاروقي، ڊاڪٽر رامچند موٽواڻي، ڊاڪٽر امير علي شورو جيڪو هينئر به لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ ڊين جي پوسٽ تي آهي. ايئن چئني جو مونو گرام ”فراز فرينڊس“ رکيوسين. جن ۾ چوٿون آئون ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ هئس، ايئن ته ڊاڪٽر قمرالنساءَ قاضي آف خيرپور به گڏ پڙهندي هئي.

هاڻ آئون ڄامشورو ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهڻ لڳو هئس، ۽ شام جو بس ۾ اچي بمبئي بيڪري جي سيٺ جي نياڻي شيرين کي ٽيوشن پڙهائيندو هئس، جيڪا پوءِ هانگ ڪانگ هلي ويئي. مون کي بيڪري تي پهچندي ئي فريش بسڪيٽ ملندا هئا، ايئن 1958ع تائين سلسلو جاري رهيو.

جڏهن وئڪيشن ٿيندي هئي ته، آئون شڪارپور ويندو هئس، ڪنڊڪوٽ ۾ سيٺ خوشي رام جي زمين تي رهڻ ٿيندو هو ۽ ٽرسٽ لاءِ ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ سڄي سنڌ ۾ وڃڻ ٿيندو هو. سيٺ صاحب به مون تي تمام گهڻو اعتماد ڪندو هو. خاص ڳالهه ته، ٽرسٽ پاران اسڪالرشپ هر هڪ شاگرد کي پنهنجي هٿ سان ڏيندو هو. آئون اڄ به انهيءَ ٽرسٽ جو ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر ۽ ٽرسٽي آهيان. سنڌ ۾ ڪميونٽي جي جاڳرتا ۽ تعليم لاءِ هميشه جذبي سان عملي طور ڪم ڪيم، ٽرسٽ پاران خدمت جو ڪم اڄ به جاري ۽ ساري آهي.

1958ع جي ڊائري موجب فرسٽ پروفيشنل ايم بي بي ايس يعني سيڪنڊيئر جُون مهيني ۾ پاس ڪري ٽرڊيئر ايم بي بي ايس ۾ آيس، انهن ڏينهن ۾ مارشل جنرل محمد ايوب خان ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي هئي. هوڏانهن شيڊيولڊ ڪاسٽ تعليمي سوسائٽي جي گڏجاڻي پٽورو تي رکي ويئي، جتي سيئي عهديدار آيا هئا. هونئن به هر سال پٽورو ۾ رهاڻيون ٿينديون هيون.

منهنجي 1959ع ۾ پڙهائي ته جاري رهي، مگر گلي جي

تڪليف ٿيندي رهندي هئي، انهيءَ سال ٽرڊيئر ايم بي بي ايس بہ پاس ڪيم، ان سال آئون جڏهن ٽر گهمڻ آيس تہ ڪيترن هنڌن تي مريضن جو علاج بہ ڪيم.

سيٺ خوشي رام ٽرسٽ جي سالياني ميٽنگ گهٽو ڪري ڏرمداس ورياڻي وٽ سندس حيدرآباد واري گهر تي ٿيندي هئي، جيڪو سنڌ جو ڊپٽي منسٽر بہ هو. مزي جي ڳالهہ تہ هو فارسي جو ماهر هو. نور محمد هاءِ اسڪول ۾ جڏهن پاڻ استاد هوندو هو تہ، اسان کي فارسي پڙهائي هئائين. 1960ع هيءُ سال منهنجي فائينل جو هو. انڪري ٻيون سرگرميون بند ڪري، پڙهائي تي وڌيڪ توجهہ ڏيڻي پيئي. ان ئي سال ڪرنل نجيب الله صاحب بدلي تي ملتان نشتر ميڊيڪل ڪاليج ويو. پاڻ ايل ايم سي لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي هئائين. چار سال رهي نرسنگ هاسٽل ۽ ٻيا هاسٽل تعمير ڪرايائين. چڻ تہ لياقت ميڊيڪل ڪاليج کي پيرن تي بيهاري ويو. هوڏانهن مون اپريل 1960ع جي شروعات ۾ محنت ڪري فورٿ ييئر ايم بي بي ايس امتحان پاس ڪري ورتو هو. 1961ع ۾ ايم بي بي ايس پاس ڪري نوڪريءَ لاءِ درخواست ڏنم، چاڪاڻ تہ مالي، مشڪلات سبب هڪ سال هائوس جاب نہ ڪري سگهيس. مون کي اسسٽنٽ ميڊيڪل آفيسر جو عارضي آرڊر مليو. انهن ڏينهن ۾ هائوس جاب لاءِ پگهار نہ ملندي هئي.

نوڪري جو دور

26- آڪٽوبر 1961ع تي سول اسپتال ميرپورخاص ۾ ڊيوٽي شروع ڪيم. اهڙي طرح 1962ع ۾ جڏهن وري مون پبلڪ سروس ڪميشن پي سي ايس پاس ڪيو ته پاڪستان هيلٿ سروسز ڪلاس ٽو ۾ مون کي 13- آڪٽوبر 1962ع تي ننگر پارڪر لاءِ ميڊيڪل آفيسر ڪري موڪليو ويو. ان وقت گزيٽيڊ ميڊيڪل آفيسر جو پگهار 250- رپيا هوندو هو. اُن وقت ننگرپارڪر جي ٿر وار علائقي ۾ ماتا پکڙجي ويئي هئي، جنهن جي ڪري ڊائريڪٽر هيلٿ خاص هدايت ڪئي ته متاثر علائقن کي وزٽ ڪري رپورٽ ڏيان. تڏهن آئون ڏاني ڏانڊل کان رتنياري، سُوڪليون، مهلاٽو، اوني، اُهڙامار ۾ رات رهي صبح الهرڪيئي جو تڙ، عبدالرحيم جي تڙ کان ٽيندو ٻلهياري ويس، جتي رينجرس جي پوسٽ هئي، جتان ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز کي وائرليس تي پوزيشن ٻُڌائي، ايئن اُتان کان ٽيندي ڏاتر ڏني جو تڙ، ريشم سميجو جو تڙ، اُتي به ”ماتا“ جا ڪيس مليا، جتي ڳوٺاڻن کي دوائون ڏئي ۽ روڪٿام جا طريقا سمجهائي، ويڪسين جي ٽيم اُتي ڇڏي ۽ پوءِ رات جو دير سان اوني ڳوٺ اچي رهيس ٻئي ڏينهن ڏاني ڏانڊل وٽان ننگر پارڪر پُهچي تفصيلي رپورٽ موڪلي هئي، ان ۾ جيڪا مون ٽريس لکي ته ماتا هتي ڪيئن ۽ ڪٿان پهتي. ان تي بالا آفيسر بيحد خوش ٿيا ۽ ڊي سي علمدار رضا جڏهن ننگرپارڪر آيو ۽ ساڻس مير حاجي محمد بخش ٽالپر ۽ مير احمد خان پڻ هئا. 7- ڏينهن ننگرپارڪر ۾ رهيا. شڪار ڪيائون ايتري وقت ترسڻ جي ڪري ساڻن به ڪچهريءَ جو موقعو مليو.

ننگرپارڪر مان بدلي ٿي ٽنڊو محمد خان ۾ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿيس ته مون کي گاڏي مهيا ٿي ۽ شاهه ڪريم بلڙي، گولاڙچي، ٽنڊو غلام علي ۽ ٻيا هيلٿ سينٽر

منهنجي نگراني ۾ ڏنا ويا. جتي هر طرح ڊولپمينٽ لاءِ ڪوشش ورتم. 1964ع سڄو سال اي ڊي ايچ او، ٽنڊو محمد خان رهيس، انهيءَ سال سنڌ ۾ وڏي ٻوڏ (قدرتي آفت) جي صورت ۾ آئي هئي. وٽن ۽ پڪين جي پيلاڙ ڪان سواءِ انساني جانيون وڏي تعداد ۾ ضايع ٿيون هيون. مون ڪي حڪم مليو تہ ماتليءَ ڪي هيڊ ڪوارٽر بنايان، ايان 13- گاڏيون حوالي ڪري تڪڙا ٽوئر ڪرڻ لاءِ چيو ويو، جتان دنبالو، ڪڍڻ، گولاڙچي ۽ ٻيا علائقا جاچي ڏنا جيڪي سڀ پاڻي هيٺ هئا. متاثرين ڪي ترت ميڊيڪل رليف ڏيڻ لاءِ ڪافي ڊاڪٽر لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو جا هئا، مون ساڻ ڏنا ويا. روزانو حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر وسيم صاحب ڪي رپورٽ بہ ڪندو هئس. 1965ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگ لڳي، انهن ڏينهن ۾ مون ڪي ”ٻيلا“ شهر آف بلوچستان جيڪو اڳ ڪراچي ڊويزن ۾ هو، بدلي ڪيو ويو ۽ ايئن 1965 - 09 - 19ع تي ٽنڊو محمد خان جي چارج ڇڏي. ”ٻيلا“ شهر بلوچستان لاءِ روانو ٿيس. 1965 - 09 - 22 تي جنگ بندي ٿي ويئي ۽ سڪون ٿي ويو هو. انهيءَ ڏينهن خبر ملي تہ، اسان جي ڳوٺ تي انڊين آرمي قبضو ڪيو آهي، انڊين فوج رتنور ۽ اسلام ڪوٽ ڪان بہ اورتي مٺي رستي پهتي هئي ۽ پوءِ سيز فائر بعد موٽي ويئي، تن ڏينهن منهنجو پڙهائي واري وقت جو ساٿي ڊاڪٽر احمد علي ڊومڪي ڇاڇرو ۾ ميڊيڪل آفيسر هوندو هو، جيڪو خراب حالتن جي ڪري ڳوناڻن جي مدد سان اُٺ تي چڙهي عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص پهتو هو، پر آئون سون مياڻي ڪان اُٿل شهر ڪان ٻيلا شهر پهتس، ياد رهي تہ اڳ لس ٻيلا اسٽيٽ هئي، جنهن ڪي تبديل ڪري لس ٻيلا ڊسٽرڪٽ ڪيائون ۽ ٻيا شهر هيڊ ڪوارٽر رکيو ويو، جتان پوءِ 1968ع ۾ ضلع هيڊ ڪوارٽر ٻيلو شهر مان ختم ڪري ”اٿل“ ڪي ڪيائون. انهيءَ دوران 10- مهينن تائين مون وٽ 3- چارجون رهيون. ڊي ايچ او انچارج ضلع ٻيلا، (ايم ايس) ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ۽ ميڊيڪل آفيسر انچارج. ان وقت ضلعي ٻيلا بلوچستان ۾ عوام

جو پنهنجي معالجن تي تمام گهڻو اعتماد هو ۽ عزت ڏئي پنهنجو علاج ڪرائيندا هئا. اهڙي بهتر ماحول ۾ ماڻهو نهايت سادا ۽ سباجهڙا لڳندا هئا. ياد رهي تہ انهيءَ مصروفيت باوجود آءٌ موڪل وٺي خوشي رام ٽرسٽ جي ميٽنگ ۾ سکر پهچندو هئس. ذڪر ڪندو هلان تہ، اپريل 1964ع ۾ هڪ مهيني جو ڪورس لاهور جي ”انسٽيٽيوٽ آف هائيجن اينڊ پريوينٽوَ ميڊيسن“ ۾ ڪيو، اُتي هاسٽل ۾ رهندا هئاسين جتي عيد جي 3- ڏينهن موڪل ٿي. دوستن صلاح مشورو ڪري گهمڻ لاءِ راولپنڊي، ڪوهہ مري، لانڊي ڪوتل ۽ پوءِ پشاور وياسين جتي ڪا نمائش لڳل هئي، تفريح ڪري ٽئين ڏينهن موٽي لاهور ڪلاس اٽينڊ ڪيوسين. انهيءَ ”اوريئينٽيشن ڪورس“ دوران اسان کي ٻہ ٻہ راتيون فيلڊ ۾ لليانٽي، بيديان ۽ ٻين هيلٿ سينٽرن تي ٽريننگ لاءِ وٺي ويندا هئا. ڪورس دوران ميڊيڪل شعبي جي قابل شخصيتن سان ملاقاتون بہ ٿيون. 1967ع سڄو سال ٻيلا شهر ۾ رهيس، اڪثريت ۾ رهندڙ رونجها، خاصخيلي ۽ ٻيون برادري هيون. سوشل ايڪٽوٽي طور اُتي اسان اسٽيج ڊرامون مها پارت جو پروگرام ڪيو، جيڪو پنج راتيون هليو، ان جو ليکڪ ۽ هدايتڪار بہ آئون هئس، انهيءَ سال سيٺ خوشي رام دريانو مل ديهانت ڪري ويو ۽ منهنجو دوست ڊولپمينٽ آفيسر انور علي سميجو ڊيپوٽيشن وٺي هڪ مهينو ”ٻيلا“ آيو هو.

1967 - 11 - 17 ماتا جي جانچ جي لاءِ ڊائريڪٽر هيلٿ حيدرآباد سنڌ طرفان ليٽر مليو تہ لسٻيلي ضلعي ۾ دُريجي تعلقي ۾، سنڌ جي بارڊر وٽ ماتا بيماري جي جاچ ڪري رپورٽ ڏي ۽ ڊپٽي ڪمشنر لسٻيلا هڪ گاڏي مُهيا ڪئي.

آئون اسٽاف سان اُن گاڏيءَ ۾ حب چوڪيءَ کان دُريجي تحصيل ڏي سفر ڪيو، جتان سفر ڏکيو هو، حب نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هلندي هلندي دُريجي پُهتاسين، جتان مختيارڪار سان گڏ لَڪُ روحيل وٽ وڏيرو عبدالرحمان جي ڳوٺ پهتاسين.

اُتي وڃي ناڪابندي ڪري ٽيمون وئڪسنيشن لاءِ موڪليون ۽ اسان جو ٻي ڏينهن صبح جو سوير ڏُريجي وڃڻ ٿيو، رات جو دير سان ڪراچي پهتاسين. ٻئي ڏينهن تفصيلي رپورٽ ناهي موڪلي سين تہ اِها ماتا ڪٿان ۽ ڪيئن آئي.

سال 1968ع فيبروري ۾ ڊائريڪٽر هيلٿ حيدرآباد سنڌ کان آرڊر آيو تہ تعلقو اومارا ضلعو لسٻيلا ۾ ماتا پکڙجي وئي آهي.پوري تعلقي ۾ وئڪسين ڪري رپورٽون ڏيو. 2- مارچ 1968ع تي لانچ ذريعي ڪراچيءَ مان روانا ٿياسين. 140- ڪلوميٽر سمنڊ طئي ڪري 26- ڪلاڪن ۾ اورمارو پهتاسين. 5- ڏينهن اُتي رهي سڄي تعلقي جي آبادي لڳ ڀڳ نو هزار هئي، ناڪابندي ڪري شهر ۽ اَرد گرد ڪُل آبادي جي ماتا لاءِ وئڪسين ڪئي. هڪ هفتو اورمارا ۾ رهي، اُتان سمنڊ رستي لانچ ۾ اچي ڪراچي مان تفصيلي رپورٽ گورنمينٽ کي موڪلي سين.

بعد ڪوشش ڪري ٻيلا شهر کان بدلي ڪرائي 1968 - 10 - 17 ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل آفيسر جي ڊيوٽي ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجھ ڏينهن بعد ٻيلا شهر جي ماڻهن گهڻو اسرار ڪيو تہ آئون سندن پاران الوداعي دعوت چڙي آيو آهيان، جنهن لاءِ مون هڪ هفتو موڪل ورتي، جڏهن پهتس تہ تعليم کاتي جي عملي کان علاوه هندو پنچائت ۽ ٻين شعبن جي ماڻهن دعوتون ڪيون، تحفا ڏنا ۽ پوءِ موڪلائڻ لاءِ ڪراچي ريلوي اسٽيشن تي چڙڻ آيا، خاص ڳالھ تہ ڪافي عرصو رهڻ ڪري آئون اُتان جون بلوچي ٻوليون سڪي ويو هئس. 4- مئي 1970ع ۾ مون آر ايم او جي چارج ڊاڪٽر الھ بخش پرگڙي کان ورتي هئي. ان وقت ميرپورخاص اسپتال جو سول سرج ڊاڪٽر ايس ايم هاليپوٽو هوندو هو ۽ ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر اي ايم قاضي هو. انهيءَ سال اسان جو خاندان ۽ ڪجھ عزيز ٿر مان لڏي اچي ڪوٽ ميرس ويٺا. وري وڏي ياءُ جي زور پرڻ تي ٿر جي تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ پوريلو مان مڱڻي جي رسم ادا ڪئي ۽ 4 فيبروري 1971ع ۾ شادي بہ ڪيم. انهيءَ وچ ۾ منهنجو بدلي

جو آرڊر شاهه ڪريم بلڙي ٿيو، آئون وڃڻ لاءِ راضي نه هئس. منهنجي هڪ دوست گل بيگ لغاري سان ذڪر ڪيم، جيڪو مون کي حيدرآباد سيد ذوالفقار شاهه ڄاموٽ جي بنگلي تي وٺي آيو، جتي پير صاحب پاڳارو مهمان ٿي پُهتل هو. منهنجي ملاقات ڪرايائين ته پير صاحب وڏي آٿت ڏني ۽ اوڏي مهل ڊائريڪٽر کي فون تي چيائين. اسان جو هڪڙو هندو ڊاڪٽر آهي. هن کي تنگ نه ڪريو. بس ٻي ڏينهن بدلي ئي رڪجي ويئي. آئون وري پنهنجي ڊيوٽي ۾ لڳي ويس. ايتريقدر جو شاديءَ لاءِ به ٽي ڏينهن موڪل ورتم ۽ ميهنديءَ جي رسم ۾ شام جو شريڪ ٿيس، ڏينهن جو ڊيوٽي ڪيم. اهو وقت جوانيءَ جو هو ۽ ڊاڪٽري ڊيوٽي هڪ جذبي سان ڪندو هئس. 1971ع ۾ پاڪستان _ هندستان جي جنگ به لڳي هئي ۽ سرڪار جي پاليسي تحت جيڪي بدليون ٿيون ته، منهنجي بدلي وري 23- نومبر 1971ع تي ٽنڊو محمد خان بدلي ٿي، جيئن ته اهو علائقو مون لاءِ نئون نه هو ۽ اٽڪل پوڻا به سال دل و جان سان خدمت ڪئي. انهيءَ دوران مون کي وڏي خوشي نصيب ٿي ۽ موجوده ڊاڪٽر سرجن جواهر جو 16- جنوري 1972ع تي جنم ٿيو. مون کي جيڪا سرهائي ليڊي ڊفرن هاسپيٽل حيدرآباد جي گيٽ تي پهچڻ سان ٿي هئي، اها اڄ به مون لئه تازه آهي. ڊگهڙي اسپتال ۾ جيڪو عرصو رهيس مريض گهٽي تعداد ۾ ايندا هئا، ڪي مريض ته ٻين شهرن کان به علاج لاءِ ايندا هئا، تنهنڪري مون رهائش ئي ڊگهڙي ۾ مليل سرڪاري جاءِ ۾ اختيار ڪئي. ايتريقدر مريضن جي اعتماد سبب مون پاڻ کي 24- ڪلاڪ ڄڻ سول اسپتال ڊگهڙي لاءِ وقف ڪيا هئا، انهن ڏينهن ۾ خوشي رام ٽرسٽ جي ميمبر پمرلال ڊي نٿواڻي ميرپورخاص ۾ وفات ڪئي، جنهنڪري مون تي ٽرسٽ جون ذميواريون ويتر وڏي ويون هيون، هڪ ڀيري ڊگهڙيءَ ۾ مليل سرڪاري جاءِ ۾ رات جو چور گهڙي آيا، اتفاق سان آئون جاڳيس پئي، چور جاڳندو ڏسي واپس ديوار ٽپي ڀڄڻ لڳا ته آئون به

سندن پويان وڃڻ لڳس، پوءِ چوڪيدار به پهچي ويا. ريوالور سان فائر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم ته گولي ڦاسي پئي، بهرحال ڪجهه ڏينهن بعد ڄاڻ ملي ته اهي شاهينگ ڄاتل سڃاتل هئا. 1974 - 06 - 19 تي گوهر راڻا به ڊگهڙيءَ ۾ ڄائو، جيڪو مون غريب مريضن جي دعائن سان مالڪ خالق جو تحفو سمجهيو. بعد ۾ 11- مئي 1975ع تي منهنجي ڪنٽڪوٽ بدلي ٿي، جيڪا مون تبديل ڪرائي لاڙڪاڻي ۾ 18 هين گريڊ ۾ رجسٽرار سرجري ٿي ويس. ان وقت لاڙڪاڻي سول اسپتال ۾ انچارج مشهور ڊاڪٽر شيرازي وڏو قابل انسان هو. وڏا ڪامياب آپريشن ڪندو هو. مون به سندس سرجري يونٽ ۾ رهي ڪم ڪيو. ڪيترائي مهينا رهڻ بعد گرمين ۾ آئون ٽي مهينا موڪل وٺي ميرپورخاص آيس، جڏهن موڪل پوري ٿي ته وري جوائنگ نه پئي ملي. اُنهن موڪل وارن مهينن ۾ ”ميمڻ چيئرٽيبل هاسپيٽل“ ميرپورخاص ۾ عارضي طور رهي خدمت ڪئي. منهنجي ٽيون نمبر پٽ ڊاڪٽر سردار جو به 1976 - 10 - 17 تي جنم ٿيو. اهي ئي سڀيون خوشيون هيون، جنهنڪري مون ڪي گهٽي ٿڪاوٽ ٿڪائي نه سگهي. ساڳي طرح 1976 - 10 - 11 تي بيهر ڊگهڙي بدلي ٿي آيس، ايئن 1979ع جي اڌ سال تائين ڊگهڙي سول اسپتال ۾ رهي خدمت ڪئي. انهيءَ سال ٽيون نمبر پٽ نريندر 16- آڪٽوبر 1978ع تي ڄائو هو. انهيءَ دوران خوشي رام ٽرسٽ توڙي تعليمي سوسائٽي جي ذميوارين کان به غافل نه رهيس، ميٽنگون هجن يا سونپل فلاحي ڪم بخوبي سرانجام ڏيندو رهيس. 1980ع ۾ سول سرجن ٿيو جي حيثيت سان اسپتال جي رهيل تعميراتي، ليبارٽري ۽ ٻيا ڪم ڪرايا. خاص ڪي بيچم دوائن جي ڪمپني کان ڊونيشن وٺي، اُتي اسپتال جو وڏو بورڊ ٺهرايو، اسپتال جو ضروري سامان هٿ ڪيو. ساڳئي ڪمپني کان ڊونيشن جي طور دوائون ورتيون. انهيءَ دوران پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ضلعي ٿٽي جو صدر رهيس ۽ 14- فيبروري 1980ع ۾ اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن جي ڪئمپ لڳائي،

جن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر اسلم آرائين، پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق قريشي ۽ ٻيا آيا هئا. اهو دور سڄو مارشل لا جو دور هو. تنهن ڪري ڪڏهن ”ڊي ايم ايل اي“ ته ڪڏهن ”ايس ايم ايل اي“ اوچتو ضلعن جا دورا ڪندا هئا. سيڪريٽري هيلٿ برگيڊيئر شيخ محبوب صادق به آيو هو، جنهن ٺٽي ۾ پهريون دفعو ”بلڊ بئنڪ“ ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ پي ايم اي ٺٽو پاران هر مهيني تعلقي سطح تي ميڊيڪل ڪئمپ ۽ سيمينار منعقد ٿيندا هئا. گڏوگڏ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٺٽي جي اضافي چارج 1980 - 09 - 09ع کان 1981 - 03 - 21 تائين پڻ مون وٽ رهي. ان ڪري به پوري ضلعي ۾ ڊيوٽي ڪرڻي پوندي هئي. صبح وقت سول اسپتال ۾ آپريشن ڪرڻ ۽ او پي ڊي ڏسڻ، شام جو ضلعي ۾ نڪري وڃڻ ايتري قدر جو موڪل جي ڏينهن به ضلعي ۾ ڪنهن نه ڪنهن هيلٿ سينٽر تي ويٺو هوندو هئس. اهڙي ريت مخير حضرات کان چندو گڏ ڪري بلڊ بئنڪ لاءِ جُدا ڪمرو نهرائي بلڊ بئنڪ لاءِ اسٽاف به رکي ڏنو هو. آئون ڪينجهر ڍنڍ تي پي ايم اي جي وڏي گڏجاڻي ڪري ٺٽو رهائش تي پهتس ته 14- نومبر 1980ع تي پٽ جيتندر ڄائو، جنهن‌جي خوشخبري ملي. آئون واندڪائي ۾ ڪڏهن درگاهه پير پٺو، مڪليءَ کي ويجهو ٻاوا سريچندر جو مندر ۽ شهر ٺٽي ۾ شاهجهان جي جوڙايل بادشاهي مسجد جيڪو تعميرات جو اعليٰ نمونو آهي ڏسڻ ويندو هئس. 1981ع ۾ ميرپورساڪرو ۾ 40- بسترن تي مشتمل شيخ زيد اسپتال جيڪا عاليشان ٺهي راس ٿي هئي، ۽ ضلعي جي وڏي اسپتال هوندي هئي. يو اي اِي جو ڊپٽي منسٽر آيو هو اُن جي موجودگيءَ ۾ سنڌ سرڪار جي حوالي ٿي. ان تقريب ۾ ڊويزنل ڪمشنر عبدالله جي ميمڻ ايڊيشنل ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر سڄڻ ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا هئا. اهو سڄو انتظام مون کي بحيثيت ضلعي هيلٿ آفيسر جي ڪرڻو پيو. انهيءَ سال سول اسپتال ٺٽي لاءِ مشاورتي بورڊ جڙيو، جنهن ۾ ضلعي چيئرمين، ايم پي اي ۽ نوٽ ايبل پرسن

محمد خان سومرو بہ ميمبر هوندا هئا، جڏهن تہ سول سرجن سيڪريٽري جي طور ڪم ڪندو هو. انهيءَ سال پي ايم اي ضلعي ٺٽي - مڪلي ۾ رهائشي ڪالوني ۾ پي ايم هائوس ٺهرائڻ لاءِ پلاٽ بہ ورتو ويو هو. 19- ڊسمبر 1981ع صبح سويل سول اسپتال ٺٽو جون حالتون مايوس ڪندڙ هيون. منهنجي اکين اڳيان انڌارو ڇانيل هو. ايئن لڳو ڄڻ مون کان سڀ ڪجهہ لٽجي ويو هجي. گهر ۾ گهڙي هڪ ئي بيڊروم ۾ 5 معصوم ٻارن سان پنهنجي گهر واريءَ سان ستل هئس تہ هڪ ماڻهو ريوالور سان ويجهو فائر ڪري ڀڄي ويو. اوڏي مهل جيئن رڙ ٿي، اُٿس ڇا ٿيو....!؟ ڇا ٿيو..!؟ ڏسندي ئي منهنجي گهر واري دم ڏيئي چُڪي هئي. اسپتال جو اسٽاف، مريض، همدرد ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿي ويو. منهنجي ٻي وسيءَ جي اها حالت هئي جو ڪوشش جي باوجود ڳالهائڻ نہ پئي نڪتو. آئون ٻي ڏينهن صبح ميت ڪٽي ٻارڙن سان گڏ ڪوٽ ميرس پهتس، جتي ويجهي قبرستان ۾ تدفين ٿي، اُن ڏک جي گهڙيءَ ۾ تڏي تي دوست احباب، ڊاڪٽر پاڙيسرين سميت پير غلام رسول شاهہ جيلاني، رئيس خير محمد پرڳڙي، سيد لعل شاهہ رضوي ۽ مير حاجي حيات ٽالپر پڻ تڏي تي پهچي ويا. اهو ڪيس جيئن ڇالان ٿيو، جوابدار نامزد ٿيا، ڏوهہ قبولي ورتائون، تہ اُن کان پوءِ انڪواريون، ڪورٽن جون حاضريون، تن ذهني ۽ جسماني طور ٿڪائي وڌو هو، پريشان ڪُن ڳالهہ تہ، انهن جوابدارن ۾ ٺٽي سول اسپتال مان سزا طور بدلي ڪيل پيرا ميڊيڪل جا بہ ملازم ۽ هڪ منهنجي ويجهي عزيز جو پٽ بہ شامل هو. عدالت سگهوريءَ مان جوابدار ضمانت ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هوڏانهن اُنهن جي وارثن بہ مختلف حربا استعمال ڪري سياسي پريشر ڏياريا، اڳتي هلي اهي آجا ٿي ويا. انهيءَ سانحي ۾ مون سان جن مهربان دوستن ۽ آفيسرن همدرديون ڪيون، تن جو تفصيل طويل آهي. مختصر طور تي انهيءَ قتل ۾ جيڪي ملوث رهيا، انهن ۾ ڪي بيماريءَ وگهي مري ويا،

ڪي چريا ٿي دربدر ٿيا، ڪين اهڙيءَ صورت ۾ پروردگار سزا ڏني. ان واقعي کان پوءِ آئون اٽڪل 13-سال ڪوٽ ميرس نہ ويس. گھڻو وقت ڊيوٽيءَ کان پوءِ اولاد ڪي تعليم ڏيارڻ ۾ وقف ڪيو ۽ پٽن ڪي ماءُ ۽ پيءُ جا ٻئي پيار ڏيڻ ۾ ڪا ڪمي نہ ڇڏي هئي. مالڪ جا شڪر آهن، جو اڄ منهنجو اولاد گريجوئيٽ، ڊاڪٽر ۽ اعليٰ تعليم يافتہ آهي. ياد رهي تہ نٽي جي ماڻهن جي محبت، سات ڏيڻ جو وٽندڙ انداز جي ڪري مون پاڻ بالا آفيسرن کي چئي نٽو ۾ ئي سول سرجن جي طور تي 1985ع تائين رهيس.

1982ع جو سال بہ سول سرجن نٽو رهيس. ان دوران مارشل لا حڪومت جاري هئي. سول اسپتال ۾ هڪ موبائيل هيلٿ يونٽ قائم ڪرايو. جنهن جو هيلٿ منسٽر سنڌ محمد يوسف افتتاح ڪيو هو. اهو يونٽ انٽرنيشنل ميڊيڪو جي پاران 21- جون تي ڊاڪٽر ”بوئي خان“ جي موجودگي ۾ فنڪشنل ٿيو، جيڪو اصل سانگھڙ جو رهندڙ هو. انهيءَ سال منهنجو چاچو لڇمڻ داس ديهانت ڪري ويو، جنهن جي رسمن لاءِ ڳوٺ چاڙهيار تعلقي چاچري بہ وڃڻ ٿيو ۽ ساڳئي ريت تعليمي سوسائٽي جو ورڪ ۽ خوشي رام هريجن ٽرسٽ جون سرگرميون بہ جاري رکيون.

1982ع ۾ هلال احمر جو هفتو وڏي پئماني تي ملهايو ويو. ڊپٽي ڪمشنر قلي بخش رند هلال احمر لاءِ گڏجاڻي ڪئي، جنهن لاءِ مون کي سيڪريٽري نامزد ڪيائون، ساڳئي ريت هلال احمر جو ڪم جاري رهيو ۽ سال جي آخر ۾ 26- ڊسمبر تي ڪراچي ۾ گھرايل اجلاس ۾ شريڪ ٿيس، انهن ڏينهن ۾ منهنجو دوست حبيب الله قادري جيڪو نٽي جو بي لوث خدمتگار هوندو هو، حادثي ۾ فوت ٿي ويو. هلال احمر ۾ ٻيا بہ ميمبر هئا، جن ۾ ڊاڪٽر ممتاز عقيلي، بريع الزمان ميونسپل ڪميٽي چيئرمين، مرحوم قادري صاحب ۽ ٻيا هئا. مختلف شهرن سجاول، ڪلري، چوهڙ جمالي ۽ مکيہ فنڪشن شهجهان

مسجد ۾ پروگرام ڪرايا ويا.

16- مئي 1983ع ڪئناڊا جي ٽيم نئين ضلعي جو دورو ڪيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر نور احمد عباسي، ڊاڪٽر عبدالله جان پناڻ ۽ ڊي ايچ او نئون به شامل هئا. ان سلسلي ۾ ضلعي جي ڪيترن ئي هنڌن تي پڻ وياسين.

ساڳي سال موجوده مومل اسپتال سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ۾ رهائشگاهه بنگلو هائوس بلڊنگ ڊپارٽمينٽ کان قرض ڪٽي نهرايو. نئون مان سيشن جج تاج محمد ابڙو بدلي ٿيو هو ۽ ان محمد خان سومرو ايم پي اي جي دعوت ۾ سندس نئون ويجهو ڳوٺ ويا هئاسين. ان بعد نئون ۾ ڊاڪٽرن جي ڪانفرنس منعقد ٿي هئي. انڊيا بمبئي مان اکين جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر هيرانند به آيو هو. سيني جي دعوت ايم اين اي غلام حسين ميمڻ عرف (سوني منڊي) ڪئي هئي. 2- مئي 1984ع تي سول اسپتال جي وزٽ تي گورنر سنڌ جنرل جهانداد خان آيو هو ۽ ميٽنگ ڪئي هئائين. ان بعد ٻيون شخصيتون به سرڪاري طور تي سول اسپتال نئون جو دورو ڪيو. جن ۾ صوبائي وزير صحت بوستان علي هوتي، سيڪريٽري هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر ايم آر ارشد ملڪ ۽ سال جي آخر تي نئون سيڪريٽري محمد صالح ميمڻ به پهتو، جيڪو منهنجو ايم بي بي ايس ۾ استاد پڻ رهيو هو. انهيءَ وقت جو هڪ ڪم جيڪو مون کي ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ سرانجام ڏيڻ لاءِ مليو. جنهن ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ هئي، گهارو ۾ عارضي جيل رکيو ويو هو، جتي ٻرڪ سياسي اڳواڻ مخدوم خليل الزمان، ممتاز علي پٽو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي سميت 7- يا 8- قيدي هئا. جتي هڪ ڪمپائونڊر ۽ ڊرائيور سان گڏ انٽري ڪرائي وڃڻو پوندو هو ۽ ساڻن گپ شپ ٿيندي هئي. ڊي سي نئون ان وقت مون کي گهرائي سختي سان هدايتون ڏنيون ته انهن سياسي قيدين لاءِ ڪو همدردانه علاج جو سفارشي نوٽ نه لکجان، جنهن لاءِ ممتاز پٽو تمام گهڻو چوندو هو. آئون پي ايم اي نئون جي ضلعي صدر جي

حيثيت ۾ ڪارو چاڻ نزد ڏاندري ۾ وڏي ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي هئي، جتي ڊاڪٽر 450- مريض ڏسي سگهيا هئا. 13- ڊسمبر 1984ع تي اُن وقت جو صدر پاڪستان ضياءُ الحق ننٿي جي دوري تي آيو، رات بہ ننٿي ۾ رهيو ۽ هڪ اهم گڏجاڻي بہ رکي ويئي، جنهن ۾ مون کان سول اسپتال ۽ ضلعي ننٿي جي هيلٿ بابت بريفنگ ورتي ويئي. ساڻس ضرورتن تي گفتگو ٿي. ان بعد مون کي گڏيل طور پي ايم اي جي ضلعي صدر لاءِ پنجون دفعو بہ صدر چونڊيو ويو. مگر گڏوگڏ بدلي جي آرڊر جو بہ معلوم ٿيو ۽ ايئن آئون 6- اپريل تي ننٿي مان چارج ڊاڪٽر احمد علي ڊومڪي جي حوالي ڪري سانگھڙ سول سرجن طور جوائن ٿيس. بہ ڏينهن بعد ننٿو واپس آيس، جتي منهنجي مان ۾ اسٽاف پاران الوداڻي پارٽي رکي ويئي جنهن جي ذميواري پي ايم اي ضلعو ننٿو ۽ دوست غلام حيدر سومرو نڀائي. جتان موڪلائي واپس سانگھڙ پهتس. جتي اطلاع مليو تہ جناب محمد خان جوڻيجو وزيراعظم جي طور سنڌڙي پهچي رهيو آهي ۽ ڊاڪٽر جي حيثيت سان مون کي پهچڻ لاءِ چيو ويو، جتي پهچي ڊيوٽي سان گڏ پراڻي واقفيت جي ڪري ساڻس ملاقات ڪئي ۽ ڪيس وزيراعظم ٿيڻ جون واڌايون پڻ ڏنيون. سال 1985ع جي ڳالهہ آهي. ڊاڪٽر ويرسي ڏناڻيءَ کي بلڊ ڪينسر ٿي پيو، جنهن جي ڊيوٽي گولاڙچي ۾ هوندي هئي، ڪراچي ۾ زير علاج هو، ڊاڪٽرن جي مشوري موجب ڪيس 40 - هزار چندو ڪري ڪراچي مان نو آبجيڪشن جو ليٽر وني بهتر علاج لاءِ بمبئي روانو ڪيو، جتي علاج باوجود تندرست ٿي نہ سگهيو ۽ 9- سيپٽمبر 1985ع تي دنهايت ڪري ويو، جنهن جي عذرخواهي لاءِ روچي رام، ڊاڪٽر غلام محمد ۽ ڊاڪٽر جهامنداس سان گڏجي ٿر وياسين. انهن ڏينهن ۾ مصري لڏاڻي سانگھڙ ۾ انڪم ٽيڪس جو آفيسر هو. ساڳئي سال 31- آگسٽ تي سانگھڙ ۾ ڊي ايم ايل اي حڪيم راشد دوري تي آيو هو، جنهن سان بہ ميٽنگ ٿي. 12- سيپٽمبر تي وزير صحت احد

يوسف سانگھڙ جي دوري تي آيو ۽ اسپتال ڏنائين، ڪيس سول سرجن جي حيثيت ۾ بريفنگ ڏني. ضلعي ۾ سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون ٿينديون هيون. 15- آڪٽوبر تي فيملي پلاننگ ڊپارٽمينٽ جو سيمينار ٿيو، جنهن ۾ مون کي مهمان خاص مقرر ڪيو ويو. وزيراعظم محمد خان جوڻيجو جي سانگھڙضلعي سان وڏيڪ همدردي ۽ محبت هئي، تنهنڪري ڳوٺ سنڌڙي ايندو هو ته ضلعي جي مختلف هنڌن تي تقريبون رکيون وينديون هيون. 20- آڪٽوبر تي وزيراعظم سانگھڙ آيو، ان بعد شهدادپور ۾ اوپن ڪچهري ڪئي، جنهن ۾ سڀني ضلعي آفيسرن ۽ ڪجھ صوبائي سيڪريٽرين کي به گهرايو ويو ۽ انهيءَ سال 31- آڪٽوبر تي سانگھڙ سول سرجن آفيس ۾ هڪ ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ معذورن لاءِ ڊس ايبل پرسن ري هيبليٽشن جون سفارشون مرتڪب ڪيون ويون. ضلعي جي اعليٰ اختيارين اهو ڪريڊٽ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر عوام قدر جي نگاھ سان ياد ڪيو. تعميرات وقت پهرين اسپتال هيٺ هئي، جنهن ۾ پرائي ڪرائي بهتر ڪيوسين، اڳ ۾ سانگھڙ جي ڊي ايڇ او جي آفيس سول اسپتال ۾ هئي، منهنجي هتي اچڻ بعد ڊي جي هيلٿ ڊاڪٽر سجڻ ميمڻ سان گڏجاڻيون ڪري سول اسپتال ۾ وارڊ، ليبارٽري ۽ روم وڌائڻ جا ڪم ورتا. اٽڪل ساڍا اٺ سال سانگھڙ ۾ سول سرجن رهيس. انهيءَ دوران هاسٽل، ميس، توڙي سيڪيورٽي سميت اسپتال جي ترقياتي ڪم جو مرحلو مڪمل ڪيو ۽ جيئن ئي سانگھڙ سول اسپتال ۾ پهتس ته، پهريون ڪم مدوائري اسڪول شروع ڪيو. انهيءَ بعد 1986ع ۾ هڪ واقعو رونما ٿيو، جو سول اسپتال سانگھڙ جي وارڊ ۾ ضلعي انتظاميه علي محمد نظاماڻي نالي ڏاڙيل کي علاج لاءِ رکيو، مون کين مشورو ڏنو ته ڪيس هتي نه رکو. ماڻهو ملاقات ۾ ڪيس هٿيار ڏيئي سگهن ٿا. يا ڪو حادثو پيش اچي سگهي ٿو. ڊاڪٽر حنيف اعوان به مون سان ڊيوٽيءَ ۾ گڏ هو. ڪجھ ڏينهن ۾ ايئن ٿيو، جو ڏاڙيل سان کي عورتون ملاقات لاءِ آيون

جنهن ۾ هڪ ڪيس ريوالور ڏيئي ويئي. ساڳي ڏيئي شام اُهو ڏاڙيل ڪمري کان ٻاهر هوا کائڻ لاءِ پوليس جي سپاهين کي چيو، هٿڪڙيءَ جي هڪ سائيڊ ڪليل هئي، هڪ سپاهي چانهه پيئڻ ويو ته ٻي سپاهي کان هو زبردستي ڇڏائي نڪري ويو، جنهن مان سيني کي سنو سبق مليو ته آئنده احتياط لازمي آهي.

اهو سڄو سال 1986ع ۾ سانگهڙ سول سرجن جي حيثيت ۾ رهيس، انهيءَ دوران فقير عاقل هنگورو، صوبائي وزير بلديات سنڌ دورو ڪيو. وزيراعظم محمد خان جوڻيجو به جڏهن سانگهڙ پنهنجي ڳوٺ سنڌڙي ايندو هو ته مون کي بحيثيت سندس ڊاڪٽر اُتي پهچڻو هوندو هو. انهيءَ سال پي ايم اي سانگهڙ جو مون کي وري صدر چونڊيو ويو 18- مارچ تي ڊسٽرڪٽ سوشل ويلفيئر جي شاندار تقريب تي جنهن ۾ مهمان خاص طور مدعو ٿيس. ساڳئي سال مئي مهيني ۾ نئون ڊي سي نظر حسين مهر پهتو ته جلد پوءِ ڪمشنر قليل بخش رند سانگهڙ جي دوري تي آيو ۽ هن سول اسپتال کي به ڏٺو. ياد رهي ته رند صاحب ان کان اڳ نئي جو ڊي سي رهيو ته ويجهڙائي رهي هئي، ان موقعي تي پي پي پي سانگهڙ جي صدر رئيس الطاف رند سندس دعوت ڪئي ته ان ۾ به گڏ هئاسين ۽ ساڻس سُني ڪچهري ٿي. انڪم ٽيڪس آفيسر مصري مل لڏاڻي بدلي ٿيو ته اسان ڪيس الوداعي پارٽي ڏني. انهيءَ ڊنر ۾ ايس ايس پي عبدالعزيز ٻُلو، انجنيئر مورائي صاحب ۽ ضلعي جا اعليٰ آفيسر به شامل ٿيا هئا.

19- آگسٽ 1986ع تي وزيراعليٰ ڄام صادق عليءَ جي ارجنٽ وزٽ جو پروگرام ٿيو، ڇا ته دٻدٻو هو رات ئي رات ۾ سنهرا ليٽا شهدادپور هيلي پيڊ تيار ٿيو، سيئي انتظام مڪمل ڪيا ويا. سيني ڪاتن جون گاڏيون ۽ ايڊمنسٽريشن اٽينشن ۾ اچي ويا، آفيسرن جو مُنهن ۾ ساهه هو. ڄام صاحب جيڪو ڳالهائي جيڏي مهل ڳالهائي اهو آرڊر سمجهيو ويندو هو. مجال جو ڪير ٻيهر ورجائي پڇي...!! جنهن کي چاهيندو هو ته نوازي ٿي ڇڏيائين ۽ ناراضگيءَ جي صورت ۾ ڄڻ اُن کي رُلائي ٿي

چڙهيائين.

اسان سول اسپتال جا ڊاڪٽر عملو گاڏيون سڀ حاضر رهندا هئاسون. وري ترت آڪٽوبر ۾ وزيراعظم دوري تي آيو، هٿونگو ۾ ڪليل ڪچهري بعد شڪار به ڪيائين. نهايت پُرسڪون، آفيسر ننڊون ڪري پوءِ پيا پهچندا هئا.

اهڙو شريف، تحمل پسند انسان جيڪو وٽس پُڄندي آفيسر جو نالو ڪٽي هيلو هاءِ ڪندو هو يا ڪا ڳالهه پُڇندو هو.

اسان وري نومبر ڏاري ڳوٺ بلاول اَبو پوٽو ۾ مفت اکين جي وڏي ڪئمپ هنئيسين، جتي گجريءَ ۾ 300- مريضن جو علاج ٿيو.

ايس ڊي ايم محمد بچل ٻوهيو جهڙو لائق آفيسر به اسان سان شانا بشانه رهيو. ساڳئي ريت سول اسپتال جا سيئي ڊاڪٽر خاص طور ليڊي ڊاڪٽرن سنجهورو تعلقي ۾ ميڊيڪل ڪئمپ منعقد ڪئي، جتي وريام فقير جي ذميواري هئي، اُن تعاون ڪيو ان سال جي آخر يعني 29 ڊسمبر تي سيد صالح شاهه آف ٽنڊو منا خان پيپلز پارٽي جو صدر هو، ان جي وفات ٿي ته آئون ۽ سندس دوست غلام محمد لغاري گڏجي وياسين، چاليهي جي خيراتي دعوت ۾ به شريڪ ٿياسين. 9- جنوري 1987ع تي ڪوڙي فاريسٽ ٻيلو تعلقو ڪپرو جيڪو هنيئر ليز تي زرعي زمين جي شڪل ڏاري چڪو آهي، ۾ وزيراعظم پاڪستان محمد خان جوڻيجو جن جي ميزباني ۾ وڏي پئماني تي شڪار ٿيو هو، جنهن ۾ ڪيترن ملڪن جا سفير ۽ گورنر پنجاب مخدوم آف ملتان صادق حسين قريشي پڻ شريڪ هئا. آئون بحيثيت سول سرجن پنهنجي ميڊيڪل ٽيم وٺي پهتو هئس. جيئن ته سرڪاري ذميواري بعد فارغ ٽائيم ۾ سماجي خدمت جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جو ته سلسلو جاري هو. 17- مئي 1987ع تي خوشي رام ٽرسٽ جي ميٽنگ جيڪا بوزدار وڏا ضلعي خيرپور ۾ منعقد ٿي، ان ۾ سيٺ هوندراج خاص مهمان هو ۽ صدارت مون کان ڪرائي هئائون. ورڪنگ ڪميٽيءَ جا ميمبر

سچانند، ارجن داس، مصري لڏاڻي، پريم جي، ساجن داس چنداڻي، ڊاڪٽر جميل ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. خدمت جو اهو سلسلو ڪڏهن سرڪاري حيثيت ۾ بہ رهندو هو. اچڙي ٽر جعفرائو تعلقي ڪپرو ۾ مريضن جي وڏي ميڊيڪل ڪئمپ لڳي، جنهن ۾ ڪمشنر حيدرآباد علي محمد جي شيخ، سانگهڙ مان اسان سان گڏ ميڊيڪل ڪئمپ جو افتتاح ڪرڻ هليو هو. 31- مئي 1987ع تي گُجريءَ ويجهو چڪ نمبر3- فتح الدين باجوه ۾ وزيراعظم صاحب جي کليل ڪچهري منعقد ٿي، جنهن ۾ ضلعي جا سيئي آفيسر آيا هئا، مون تي ۽ ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر سڄڻ ميمڻ تي خاص ذميواري رکي ويئي هئي. ڊسمبر مهيني ۾ سرڪاري طور هڪ هفتي جي ڪورس لاءِ جنرل اسپتال راولپنڊي وڃڻ ٿيو، فلائيٽ ذريعي پهچي پروفيسر ڊاڪٽر مبشر جو ليڪچر بہ ٻُڌوسين جيڪو نفسيات بابت ڳالهائي رهيو هو. واپسي وقت آخري رات ڪافي تفريحي وارين جاين تي گهمڻ لاءِ وياسين.
1988ع جو سال بہ سانگهڙ ۾ ئي رهيس، جنوري ۾ ئي ڪوڙي ٻيلي ۾ وري شڪار جو پروگرام نهيو ۽ انهيءَ مهيني ۾ سوشل ويلفيئر ڪاتي سانگهڙ جو وڏو سيمينار منعقد ٿيو، جنهن ۾ هنن مون کي مهمان خاص طور مقرر مدعو ڪيو ۽ جلد مون سول اسپتال سانگهڙ ۾ انسٽاليشن ڊينٽل يونٽ شروع ڪيو. 29- مئي تي خبر ٻُڌي سين تہ وزيراعظم ۽ سندس ڪابينا کي رخصت ڪيو ويو آهي. آگسٽ ۾ ٽي ڏينهن دوستن سان گڏ ٿوئر تي ٻيلا گهمڻ وياسين، جتي شاهہ نوراني، هنگلاج، شيرين فرهاد ۽ ٻيا نظارا ڏٺاسين. 17- آگسٽ تي بريڪنگ نيوز هلي تہ، جنرل ضياءَ الحق جهاز حادثي ۾ اُڏامي ويو. اهڙيءَ طرح ڊسمبر ۾ ڊي جي هيلٿ سنڌ ساليانيِ ڪارڪردگي رپورٽ لاءِ سنڌ سطح تي ڊي ايچ او جي ميٽنگ سکر ۾ رکي هئي، انهيءَ مهيني ٻُڪار جي ڊنڊ جي تفريح لاءِ دوست علي بخش شاهہ جي دعوت تي نہ رڳو آئون پهتس پر پنهنجن پٽن کي گڏ آندو. شاهہ رب ٻيڙيون ڪاهي آيو هو، انهيءَ تفريحي پروگرام

۾ پريم بہ گڏجي هليو هو. بڪار ڍنڍ وڏي علائقي ۾ پکڙيل هئي.انهيءَ سال جي آخري مهيني ۾ اي پي آءِ جي پروگرام تحت سيمينار ٿيو، جنهن ۾ مليل موضوع تي ڳالهايو هئم. وري نئين سال ۾ ايس ايس پي فتح علي خواجہ سانگهڙ جي چارج ورتي، جيڪو ڏکهي سوچ وارو آفيسر هو. ساڳئي سال 28 مئي تي وزير موصوف آفتاب شعبان ميراڻي ايم پي اي عبدالسلام ٿهيم سان گڏ سانگهڙ ويجهو ”مياڻ“ وٽ ”تنظيم ملاح“ ايسوسيئيشن جي دعوت تي آيو، جنهن جي اڳواڻي ٻارن جي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر نواز ملاح ڪئي هئي ۽ تڏهن سانگهڙ جو ڊي سي محمد اسحاق لاشاري هو. انهيءَ تقريب ۾ شرڪت ڪئي سون ۽ اهو علائقو ڏٺوسين. 31- مئي تي سيشن جج سانگهڙ احمد علي جوڻيجو بدلي ٿيو، جنهن جي الوداعي تقريب ۾ ڪافي وڪيلن ۽ معزز شهرين بہ شرڪت ڪئي هئي. اهڙي ريت 3 مارچ 1989ع تي ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي بيگم اشرف عباسي سانگهڙ تشريف فرما ٿي، جنهن سول اسپتال جو بہ دورو ڪيو هو ۽ مون سول سرجن جي حيثيت ۾ بريفنگ ڏني هئي. اُنهن ڏينهن ۾ ضلعي جو اسمگلر فتح راڄڙ جي گرفتاري جو واقعو پيش آيو، جنهن کي زخمي حالت ۾ سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. سيڪيورٽي رسڪ، مختلف ماڻهن جو ملڻ جُلڻ، چيو ويو تہ انهيءَ ڏاڙيل ڪان اسمگلنگ جو سون بہ گهڻو هٿ آيو هو ۽ اُن کي ضلعي جي معزز زميندار فيض محمد راڄڙ جي تعاون سان گرفتار ڪيو ويو هو. هتي اهو بہ ذڪر ڪندو هلان تہ سرڪاري ملازم تي سياسي اثر رسوخ ۽ دٻاءُ ڪئين مونجهارا پيدا ڪري ٿو، ساڳئي طرح مون لاءِ بہ امتحان هو تہ ڪيئن بہ ڪري انهيءَ لاءِ اهڙو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جاري ڪريان، تہ ڪيس قانوني فائدو ٿئي. پهرين تہ ٽٽائيندو ۽ عذر پيش ڪندو رهيس، آخر دٻاءُ گهڻو وڌيو، ٽيليفون اچڻ لڳا، هڪ وڪيل جي معرفت نذراني جي آڇ ٿي تہ بدلي ڪرائڻ جي پڻ ڌمڪي ملي، نيٺ مون کي مشوري لاءِ ڪراچي

بالاآفيسرن سان رابطو ڪرڻو پيو، خاص طور هيلٿ سيڪريٽري سنڌ جي صلح سان هڪ ميڊيڪل بورڊ تشڪيل ڏيئي گڏيل فيصلي سان رات ئي رات ۾ انهيءَ ڪي وڏيڪ ميڊيڪل گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪراچي ريفر ڪيوسون. تڏهن وجي جند ڇُٽي هئي. اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته سرڪاري نوڪري سان گڏ ڪاموري ڪي عوام ۾ هجڻ گهرجي ۽ سوشل سرگرمين ۾ به حصو وٺڻ گهرجي، جيڪو شوق عشق جي حد تائين سدائين مون رهيو، جولاءِ ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر ۾ نارڪوٽڪ تي سيمينار منعقد ٿيو ته مون کي اُن ۾ مهمان خاص مدعو ڪيو ويو هو. انهن ڏينهن ۾ سول اسپتال سانگهڙ لاءِ نئون الٽراسائونڊ مهيا ٿيو، جنهن جو افتتاح ڪرايو ويو. ڪمشنر حيدرآباد ڪپرو ۾ ڪليل ڪچهري لاءِ پهتو ته پهرين سول اسپتال جو دورو ڪيائين. 8- سيپٽمبر تي ٽنڊو منا خان مريضن لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي سون جتي 1700- مريض علاج لاءِ پهتا. ساڳئي طرح حاجي محمد عثمان چانهيو جي ڳوٺ راڙهه تعلقي ڪپرو ۾ مريضن لاءِ وڏي ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي هئي. ننڍن آپريشن کان وٺي سڀ سهولتون مهيا هيون. انهيءَ سال جي آخري مهيني 17- ڊسمبر تي ڪميونٽي سينٽر سوشل ويلفيئر سانگهڙ ۾ يادگار بي بي شو لڳايو ويو هو، جنهن ۾ هڪ ڏينهن بيگم ڊي سي آفتاب ميمڻ خاص مهمان هئي. 1990ع ۾ سول اسپتال سانگهڙ ۾ 1- جنوري کان 13- فيبروري تائين ڊيوٽي ڏنم ۽ بعد چارج ڇڏي 7- مئي 1990ع تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٺٽو جي چارج ورتم، جتي منهنجي ايم اين اي بابو غلام حسين ميمڻ آجياڻي دعوت ڪئي. ياد رهي ته سانگهڙ مان بدلي ٿيڻ جي باوجود اضافي ٻارهون ڏينهن انڪري به رهيس، ڇاڪاڻ ته وڏيرو شاهنواز جوڻيجو ۽ روشن علي جوڻيجو کي نواز سرڪار سب جيل ۾ رکيو هو. جتي آئون سندن ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ چيڪ اپ ڪندو هئس، انهيءَ دوران ڊي سي لاشاري لاڙڪاڻو بدلي ٿيو، 10- اپريل تي امتيازشيخ سانگهڙ جو ڊي سي مقرر ٿيو ۽

هوڏانهن ڪراچيءَ ۾ ”هيلٿ سسٽم ڊولپمينٽ پروجيڪٽ“ جي نالي سان ورڪشاپ ڪوٺايو ويو هو، جنهن ۾ پڻ شريڪ ٿيس، جيڪو سڄو ڏينهن هليو، ورڪشاپ ۾ سڄي سنڌ جا سينئر سرجن ۽ آفيسر پڻ شريڪ ٿيا هئا. ٻيهر سول سرجن سانگهڙ ٿي موٽي آيس ته ڊي ايچ او ڊاڪٽر جهامن داس هو، ايس ايس پي فتح محمد سومرو ۽ ڊپٽي ڪمشنر غلام علي پاشا سانگهڙ ۾ موجود هئا. 1991ع جو سڄو سال اسپتال کي ئي ناهڻ، سنوارڻ ۾ لڳي ويو، جديد مشنون، وارڊ جون سهولتون ۽ ليبارٽريون وغيره قائم ڪيون، جنهن سواءِ 8- مارچ تي هڪ ڏينهن مريض ڏسڻ لاءِ سانگهڙ ۽ نواب شاهه جي ڊاڪٽرن جي ٽيم چڪ نمبر 40- ۾ ورڪشاپ ڪيوسين، جتي دوائون، ايڪسري موبائيل يونٽ ڪٽي منڊ جمڙائو پهتاسين. ساڳئي هنڌ ٻه ڪئمپون قائم ڪيوسين. اٽڪل 20- ڊاڪٽر گڏ هئا. انهن ڏينهن ۾ چيف منسٽر سنڌ ڄام صادق علي خان جون ٻه چار ڪليل ڪچهريون ٻيراڻيءَ ۾ ٿيون، جتي ضلعي جا سڀ آفيسر گڏ ٿيندا هئا ۽ ڄام صاحب سيني کي نه رڳو ماني کارائيندو هو بلڪ سيني کان حال احوال به پڇندو هو ۽ هر کاتي جي ذميوار کان سوال جواب به ڪندو هو. 9- مئي 1991ع رات جو کي شاهينگ شراب جي نشي ۾ جيپ ۾ چڙهي سول اسپتال جي نرسنگ هاسٽل ۾ گهڙيا ته نرسن دانهون ڪيون، ان وقت شاهينگ ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پر پوءِ سڃاڻپ جي پيا، جن تي چوڪيدار جي فرياد تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي ويئي هئي. آخر اهي پنهنجا مائٽ وٺي نرسن جي ڳوٺ سندن عزيزن کي منٿون ڪري ناهه ڪرايو. وزيراعليٰ ڄام صاحب اوچتو ڪليل ڪچهري ڪرڻ ڳوٺ سنجراڻي پهتو پر پوءِ معلوم ٿيو ته اصل ڪهاڻي سنجراڻي صاحب کي پرچائڻ هو، جنهن بعد جلد هيليڪاپٽر ۾ روانو ٿي ويو هو. 2- جنوري 1991ع تي گورنر محمود هارون به سانگهڙ جي دوري تي آيو، ساٿس مظفر شاهه، لياقت علي جتوئي، عطا محمد مري، ڊپٽي اسپيڪر به گڏ هئا، پر ڄام صاحب جو دٻدٻو ۽

عوام جو وٽس پهچڻ ٻي ڳالهه هو. انهيءَ سال سيپٽمبر تي پي ايم اي سانگهڙ جو اجلاس ٿيو، نون عهديدارن جي حلف برداري تقريب ٿي. هن سال ٻه ڊاڪٽر برادري مون کي پي ايم اي سانگهڙ جو صدر نامزد ڪيو هو، انهيءَ سال اقليتي ايم اين اي پيرو مل ديهانت ڪئي، جنهن جي زال ٻه اسيمبلي ميمبر هئي، ان جي عذرخواهي تي وڃڻ ٿيو. آڪٽوبر 1991ع تي ڄام نواز علي ۾ وزيراعظم ٻه ڏينهن رهيو، شام جو پٽ شاهه ويا ۽ وري موٽي ڄام ڳوٺ آيا، جنهن ڪري آئون جيئن ته سندن ڊاڪٽر هئس، اُتي ئي سمهي پيس، بعد وري 9- ڊسمبر تي تاج هوٽل ڪراچي ۾ 3 ڏينهن جو سکيا سيمينار منعقد ٿيو، جنهن ۾ نون طريقن سان آفيس ڪم ڪارين بابت تربيت هئي، اُن ۾ ٻاهرين ملڪن جا ماهرين ٻه آيا هئا. ڪن پُراڻن دوستن سان ٻه ملاقات ٿي. 17- جنوري 1992ع تي سول اسپتال ۾ وزير صحت ڊاڪٽر ابراهيم جتوئي ڪان اکين جي ڪئمپ جو افتتاح ڪرايوسين ۽ ڪانئس پي ايم اي لاءِ سانگهڙ هائوس جي پيڙهه جو پٿر رکرايوسين، انهيءَ ڪئمپ ۾ سرجن ڊاڪٽر اسلم آرائين، ڊاڪٽر بشير جاڪرو ٽنڊو آدم ۾ ڪڇي ايسوسيئيشن جو ڊاڪٽر ۽ ٻيا ٻه شامل هئا. ٻي ڏينهن تائين 300- مريض داخل ٿي چڪا هئا. ڊاڪٽر غلام رباني ڏاهري ٻه ڪئمپ ۾ حصو ورتو، اها هڪ ڪامياب ڪئمپ لڳي هئي. ساڳئي سال 27- جنوري تي سانگهڙ ۾ ثقافتي ميلو لڳو، جنهن جو افتتاح صوبائي وزير مير محمد وساڻ ڪيو. اسان سول اسپتال طرفان ”هيلٿ ايجوڪيشن، ورلڊ فوڊ پروگرام، بلڊ ڊونيٽر“ لڳايو هو، منهنجي يادگيريءَ ۾ انهيءَ سال ضلعي سانگهڙ جي وڏي ۾ وڏي دعوت ڄام صادق علي جي نياٽيءَ جي ڄام نفيس علي سان شادي جي هئي، جنهن ۾ پير صاحب پاڳارو، غلام اسحاق خان ۽ سڄي ڪئبينيٽ، بيوروڪريسي ايئن لڳو ڄڻ سڄو ملڪ ۽ اسلام آباد هلي آيو آهي. پاڻ ڄام صاحب ويل چيئر تي سيني مهمانن جي آجيان ڪيائين. آئون سندس اسپيشل ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ڳڏئي ڳڏ

هئس. ٽي ڏينهن رهڻ بعد پاڻ ڇيائين شاباس ۽ موڪل ٻہ ڏنائين. 5- مارچ 1992ع تي فون آيو تہ ڄام صادق علي وفات ڪري ويو. ڪينسر جي بيماري هئي، جنازي جي نماز ۾ جنرل عارف، ميان نواز شريف، غلام اسحاق خان صدر پاڪستان ۽ اهم شخصيتون شريڪ ٿيون، اسان ضلعي جا آفيسر ڪي ٽيجهي تائين ۽ ڪي چاليهي تائين حاضري لاءِ تڏي تي ايندا رهياسين. 14- آگسٽ 1992ع تي بي بي شو هر سال جيان ٿيو. هن سال ڪمشنر حيدرآباد اسلم سنجراڻي مهمان خاص هو، سانگهڙ جي هفتيوار اخبار الفقراءِ جو سرواڻ منهنجو دوست هو، نهايت بردبار ۽ دلدار ماڻهو هو، سندس پٽ ۽ ڪمپيئر بخشڻ مهراڻويءَ جي شادي ۾ شريڪ ٿياسين، سندس پاءُ علي بخش مهر پڻ گڏ هو. وزيراعظم نواز شريف ٻوڏ ۾ امدادي ڪارروايون ڏسڻ آيو هو، ساڳئي طرح 28- نومبر فيملي هيلٿ پروگرام پروجيڪٽ جي نالي سان تاج هوٽل ڪراچي ۾ سڏايل سيمينار ۾ شريڪ ٿيس. شهر ميرپورخاص جي مختلف هنڌن جا وزيٽر جاڻو شريڪ ٿيا هئا، جتي ڪافي ڪجهہ سکڻ جو موقعو مليو. جنوري 1993ع ۾ حاجي خدا بخش راڄڙ ضلعي چيئرمين جي والده سول اسپتال ۾ داخل هئي، جو بعد سرجري جي پروفيسر ڊاڪٽر راجا اصغر ڪي ڪراچيءَ مان ترت ايڏي جي هيليڪاپٽر ۾ گهرائي علاج ڪرايوسين. هُن ٻہ آپريشن جو مشورو ڏنو، جڏهن مرحومہ جي وفات ٿي تہ، پيرو مل ويجهوسندن ڳوٺ ضلعي جي آفيسرن سان گڏجي عذرخواهي لاءِ وياسين. انهيءَ مهيني مظفر حسين شاهہ وزيراعليٰ جي حيثيت ۾ ٽن ڏينهن لاءِ گرهوڙ شريف ۾ ڪليل ڪچهري رکي، جيڪا اٽينڊ ڪري، تجويزون ڏنيوسين. 2- اپريل تي سانگهڙ ضلعي جي نيشنل بلڊ ڊونرز جي سالياني اجلاس ۾ مون پي ايم اي جي صدر جي حيثيت ۾ ان ڪي وڌايو ۽ وڌ ۾ وڌ ضرورتن لاءِ سهولت فراهم ڪئي. 24- اپريل 1993ع تي ڊاڪٽر جواهر جي شادي ٿي، وليمو ميرپورخاص ۾ رکيو، وري اهڙي دعوت

سانگھڙ ۾ بہ ڪرڻي پيئي، جو اُتي نيازمندي گھڻي هئي. ڪراچي، چانڊڪا، حيدرآباد، ٺٽو ۽ ٻين هنڌن کان بہ مهمان پهتا هئا. ياد رهي تہ ڊاڪٽر جواهر جي شادي جي ججھ ڊگھڙي وٺي ويا هئاسين. سانگھڙ جيم خانہ ۾ چيف جسٽس مسٽر جسٽس اسلم ناصر زاهد آيو هو تہ سانگھڙ بار وارن ان جي اعزاز ۾ دعوت ڪئي، جنهن ۾ شرڪت ڪيم، اهو ايڏو تہ پرخلوص انسان هو جو هڪ هڪ سان هٿ ملائي خوش خير عافيت ٿي ڪيائين. انهيءَ سال 18- جولاءِ تي شام صدر غلام اسحاق خان قومي ۽ صوبائي اسيمبلي معطل ڪري ڇڏيون هيون، جنهن کان پوءِ اليڪشن بہ ڪرائي تہ محترمہ بينظير ٻيهر ملڪ جي وزيراعظم چونڊجي ويئي. هڪ مرحلو آيو تہ سنڌڙي جي انسپيڪشن بنگلي ۾ جيڪي آرمي جا آفيسر رهندا هئا ميجر احسان نالي همراهہ کي هڪ بيماري لڳي، جيڪو پوءِ اسلام آباد ڪڻائي ويا. علاج هوندي بہ نہ بچي سگھيو، بعد انهيءَ بيماري جو پيرو کڻڻ لاءِ ٽيم جوڙي ويئي، ان ٽيم جو اڳواڻ مون کي چونڊيو ويو. ڊاڪٽر جميل ڪيپٽن پلانٽ پروجيڪٽ جو انچارج هو، مون گڏجاڻيون ۽ سروي ڪري، ڏنو تہ رپورٽ ۾ اهم ڳالهہ نہ هئي. ان ئي سال جي آخر ۾ تعليمي ايسوسيئيشن شيڊولڊ ڪاسٽ جي سالياني گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ وري اڳتي لاءِ سوچيوسين. 25- جنوري 1994ع تي ڊي ايم سانگھڙ هڪ بورڊ تشڪيل ڏنو، جنهن جو مون کي چيئرمين ۽ ڊاڪٽر حنيف اعوان، ڊاڪٽر فيض محمد پرڳڙي ميمبر هئا، واقعو ايئن هو تہ، هڪ شخص درخواست ڏني تہ چڪ نمبر 63- جي رهواسڻ منهنجي ڌيءَ 13- سالا عاصمہ کي هٿ سان ماريو ويو آهي. ان جي قبر کوٽائي ويئي، ماءُ الزام لڳڻ تي رُني، چو تہ ماءُ کي حقيقت جي ڄاڻ هئي پر ٻُڌائي نہ سگھي، بعد ۾ ڌريون نهي ويون ۽ مئجسٽريٽ اڳيان لکي ڏنائون، بعد ۾ خبر پئي تہ پيءُ ذهني مريض ۽ جنون هو. اسان 1994ع ۾ بہ دستور موجب اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي هئي سين، ڊاڪٽر جاويد ميمڻ اکين جو سرجن هو. ڊاڪٽر

فاروق ابراهيم ۽ ٻيا گڏ هئا. اٽڪل 176- مريض داخل ٿيا، ۽ سندن علاج ٿيو. ان ڪئمپ جو افتتاح پ پ پ اڳواڻ ظهور عالم رند ڪيو. ٽوٽل او پي ڊي 786- هئي ۽ اُن ۾ 146- آپريشن ٿيا. اها سڄي منهنجي نگراني ۾ ٿي هئي. ساڳئي سال 3- مارچ تي خوشي رام ٽرسٽ پاران سيمينار ٿيو. ”تعليم پرايو ۽ نسل سڌاريو“ جنهن ۾ سيٺ هوندراج پڻ آيو هو. مقررين ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ، ايس ايس پي غلام شبير شيخ، پروفيسر محمد علي مگريو، انجنيئر گيانچند، قائم سولنگي (ڪمپيئر) به موجود هئا. جڏهن ته انتظام ڪميٽيءَ ۾ نهال چاڳلاڻي، سيٺ آڏو مل، ڀمرو لال ڪرناڻي، ڊاڪٽر خوشحال ۽ ٻيا شامل هئا. انهيءَ مهيني 21- مارچ تي مون ريگيولر پروموشن 20- گريڊ جو ليٽر ورتو، ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ جي چارج ورتي جتان سانگهڙ اچي سول اسپتال جي چارج ڇڏي، ته دوستن دعوتون ڪرڻ شروع ڪيون، هفتو ڪن ته روزانو سانگهڙ روڊ تي سفر هوندو هو، انهن ڏينهن ۾ سيڪريٽري هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر ايم اي عالماڻي هوندو هو. آئون انهيءَ سال ئي 9- مئي تي رٽائر ٿيس ته ڊاڪٽر احمد علي ڊومڪي، ڊاڪٽرعبدالله جان پناڻ ۽ ٻين منهنجي الوداعي پارٽي ڪئي.

رٽائر ٿيڻ کانپوءِ وارو دور

رٽائرمينٽ وٺڻ بعد آئون هڪ سائيڊ کان فارغ ٿي ميرپورخاص ۾ پنهنجي ڪلينڪ تي ڌيان ڏيڻ لڳس ۽ گڏوگڏ سماجي خدمتون ۽ ثقافتي سرگرميون هميشہ لاءِ جاري رکيون. 31- مئي 1994ع تي عمرڪوٽ ۾ تاريخ ريگستان جي مصنف رائچند رانوڙ جي ورسي ملهائي ويئي، جنهن جي صدارت مونکان ڪرائي ويئي. مقررين ۾ جي ايم ڀڳت، قائم سولنگي، نهال چاڳلاڻي ۽ ٻيا شامل هئا، اهڙيءَ ريت ان سال 1- جولاءِ تي وري هريجن ٽرسٽ جي گڏجاڻي سيٽلائيٽ ٽائون ۾ منهنجي جڳهہ تي رکي وئي. جنهن ۾ سچانند، ايس جي چنداڻي، گلاب راءِ اوڏ، انجنيئر ڪانجي مل، سيٺ آڏو مل، ارجن داس (پنو عاقل) ڊاڪٽر جوڌو مل ۽ ٻيا شريڪ ٿيا.

1998ع وارو سال ذاتي مصروفيتن ۾ گذاريو، تعلقي پٿورو جي چيمہ فارم ويجهو 70- ايڪڙ زمين خريد ڪئي، هڪ دفعو لس ٻيلي ڏانهن بہ وڃڻ ٿيو، ٽائون آفيسر ڪيمچند ديهانت ڪئي تہ ان جي پينشن وغيره لاءِ ڪاغذات نهرائڻ لاءِ حب چوڪي جي حبيب الله ڪي وڪيل ڪيوسين، جيڪو مسئلو حل ٿيو ۽ اها پينشن اجا جاري آهي. 8- فيبروري تي گوهر جي فرزند کي ڊپريشن جي بيماري ٿي پيئي، ڪيس ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايوسين ۽ ايم بي بي ايس بہ پاس ڪيائين. انهيءَ سال خوشي رام ٽرسٽ جي سالياني ميٽنگ بہ رکي ويئي. هوڏانهن ٿر ۾ باراني زمين جوتنازعو ٿيو، ان تي مٺي ۾ بہ ڪيس هليا، اڳتي هلي اسان جي حق ۾ بہ فيصلو ٿيو. ليڪن حڪومت جي پاليسيءَ موجب وزيراعظم اهڙيون زمينون رد ڪري ڇڏيون. 17- جنوري 1999ع تي هڪ لائق انسان ڊاڪٽر ايچ ايم ڊريگو وفات ڪئي، جنهن سان سني هيلو هاءِ رهي هئي. زمين جي سار سنڀال سميت ايجوڪيشن سوسائٽي جا ڪم بہ جاري رهيا. ڊاڪٽر جواهر جي ڪميشن ۾ سليڪشن ٿي ۽ پوسٽنگ مٺيءُ ۾ ٿي. 12- نومبر تي ميان نواز شريف جي سرڪار ختم ٿي ۽

مشرف مدبنائيث خطاب ڪيو. سال 2000ع ۾ ڪوئيٽا ۾ پينشن وارو فيصلو فائينل نہ ٿيو هو، ان ڪري ڪوئيٽا بہ وڃڻ ٿيو، باراني زمين جو ڪيس نندي ڪورٽ ۾ ڪٽي ورتوسين پر قبضو نہ ملي سگهيو. شيڊوولڊڪاسٽ تعليمي ڪميٽيءَ جو ڪم بہ جاري رهيو، خوشي رام ٽرسٽ پاران سالياني اسڪالرشپ بہ ورهائي سين. منهنجي سئوٽ مارو مل 24- جون 2005ع تي وفات ڪئي، خوشي رام ٽرسٽ جي گڏجاڻي ڪراچيءَ ۾ رکي ويئي. عمرڪوٽ ۾ بنگلي جي تعمير جو ڪم شروع ڪيوسين، اهڙي ريت ٻي سال 2006ع ۾ بہ بنگلي جو ڪم ۽ آرائش جاري رهي. گڏوگڏ زميندراي جي مصروفيت ۾ گذريو. انهيءَ سال ڊاڪٽر سردار ايم سي پي ايس پاس ڪري چڪو هو. سيپٽمبر جي پهرين تاريخ ۽ انجنيئر نريندر جي شادي ٿي، انهيءَ سال ڊاڪٽر گوهر صاحب ۽ ڊاڪٽر سردار ميڊيڪل ڊي ٽي سي ڊي پاس ڪري اسپيشلسٽ ٿيو. هوڏانهن شڊيولڊڪاسٽ تعليمي سوسائٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ اهم فيصلا ٿيا. ساڳئي سال 29- جون تي منهنجي وڏي ڀاءُ ماستر پريولال جي وفات ٿي. سال 2007ع ۾ ڊاڪٽر گوهر صاحب جي مڱڻي جي رسم ادا ڪئي ويئي، زمين جي سار سنڀال سان گڏ ان بابت منٽي جي عدالت ۾ حاضريون بہ جاري رهيون تہ هوڏانهن عمرڪوٽ ۾ بنگلي جو ڪم بہ آخري مرحلن ۾ پهتو. جڏهن وري سال 2008ع شروع ٿي تہ پروفيسر پريم ولد پريولال ڪي هرٽ اٽيڪ ٿيو، جنهن ۾ هو گذاري ويو. جنهن جي ڪري اسان ڪجهہ وقفي بعد ڊاڪٽر گوهر جي شادي 29- نومبر 2008ع تي ڪئي سين.

2009ع ۾ هڪ ٻي خوشي ملي جو ڊاڪٽر سردار صاحب کي نوڪري ملي ويئي ۽ منهنجي سنڌيو ٽرديپ اين جي اوز جي اڳواڻ سونو مل ڪنگهاراڻيءَ کي صدر پاڪستان کان ”پرائيڊ آف پرفارمنس“ مليو هو. مون ۽ منهنجي دوست رئيس غلام محمد لغاري گڏجي 11- مارچ کان 20- مارچ 2010ع تائين ملائيشيا جو دورو ڪيوسين جيڪي يادون يادگار بڻيل آهن.

ملائيشيا جو سفر نامو

انسان هميشہ خواهشن ۽ تمنائن ذريعي جيئي ٿو، مون کي بہ گھڻي وقت کان آرزو هئي تہ، ڏيساور ۾ ڪنهن ملڪ کي گھمي ڏسجي ۽ اُتان جي ثقافتي، تاريخي ۽ ڌرمي نظارن بابت معلومات رکجي. آخر 11- مارچ 2010ع تي رات واري فلائيٽ ۾ پنهنجي دوست غلام محمد لغاري سان گڏجي ملائيشيا روانا ٿياسين، صبح سويل ڪوالالمپور ايئرپورٽ کان ٽيڪسي ذريعي ڪورس نالي هوٽل پهتاسين جتي بُڪنگ ٿيل هئي.

ملائيشيا جو علائقو صاف سٿرو، جتي روزانو هلڪي برسات پوندي رهي ٿي. جتي ملئي قوم جججهي مقدار ۾ آباد آهي، انهن جي ٻولي، رهڻي ڪهڻي ۽ ريتون رسمون پنهنجين ريتن رسمن کان گھڻو الڳ هيون. سڄي دنيا جا اڪثر ماڻهو هتي گھمڻ اچن ٿا. هتي ڪوڙ ساريون گھمڻ ۽ ڏسڻ جون جايون آهن، جن ۾ بادشاهہ محل، ميوزيم، شهر پُتراجايا، ملائيشيا ملڪ جي آزادي جي عجوبا، وڻندڙ بُرج، پارڪ، باغ، چڙيا گھر، چائنا گولڊن مندر ۽ جبلن ۾ غارون آهن. جتي قديم ”مهي“ سميت سپرمارڪيٽ، برڊ پارڪ، ٻاتو ڪيوَ، لارڊ موروجن جو مجسمو وغيره ڏسڻ وٽان آهن. هڪ منفرد شيءِ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي تہ مينارن جي اندر بازارون ۽ ڪافي يادگار نهيل آهن، جيڪي تعميرات جو بهترين نمونو آهن. ياد رهي تہ ملائيشيا جي گادي واري هنڌ ماڊرن شهر پتراجايا آهي، جتي وڻندڙ نظارن جي فوٽوگرافي ڪئيسين، شهر اندر ڪٿي ڪٿي خاص ڪاريگريءَ سان ڊنڊون آهن تہ هڪ وڏي مسجد بہ نهيل آهي. ماڊرن شهر پُتراجايا ۾ هڪ طرف پرائيم منسٽر هائوس تہ ٻي طرف سيڪريٽريٽ آهي ۽ هڪ ڊنڊ تي نالو پتراجايا رکيل آهي. باتوڪيوسيليوجر نالي لائيم اسٽول هل ۾ غار آهي، انهيءَ ۾ وڃڻ لاءِ 168- ڏاڪن واري چاڙهي وسيلي مٿي وڃڻو پوندو آهي

۽ پوءِ اندر بازارون ۽ مندر آهن، ان کي سنگائي جي نالي سان به سڏين ٿا. باٽو مال جي ٽڪريءَ تي اهو هنڌ جيڪو هندو مذهب لاءِ مهذب ۽ انڊيا کان ٻاهر تصور ڪيو وڃي ٿو، اهو لارڊ مروگان جو آهي. اهو هڪ سونهري بُت آهي، جيڪو هندو ڌرم ۾ پاڪ ۽ مقدس سمجهيو وڃي ٿو، ان جي ڪئين ميٽر اوچائي آهي. پهريون نمر ڪيلاش ناٿ، مهاديو جو اسٽيٽيو نيپال ۾ آهي. اهو پارڪ 200- ايڪڙن جي ايراضي تي پکڙيل آهي، جتي ساليانو 2 لک سياح اچي لطف اندوز ٿين ٿا. اهڙي ريت جارڊن ڊنڊي جو نظارو به مَن موهيندڙ آهي. جتي اٽڪل 3000- (ٽي هزار) ڪان مٿي پکي رهن ٿا. مون ايترا پکي اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺا هئا. وائلڊ لائيف جي حوالي سان جڳ زيارت گاهه هو. انهن پکين مان 90- سيڪڙو مقامي ۽ 10- سيڪڙو ٻين ملڪن مان آندا ويا آهن. دراصل باشاهه جو محل چائنا جي ڪروڙ پتي (Royal Kings Place) جي رهڻ جي جڳهه هئي، جيڪا 1928ع ۾ ۽ پوءِ 1922ع کان 1945ع ۾ بيدخل ٿيا ته (Selengar) خريد ڪيو. 1957ع تائين سلطان سلينجر (Sultan Sellangor) جو محل هو. پوءِ ملائيشيا جي بادشاهه جو محلات هوندو هو. وزيٽرس ۽ ٻيا ٻاهران کان ڏسڻ اچن ٿا. ملائيشيا جي آزادي جا يادگار اهي به وڏي ايريا ۾ رکيل آهن، جيڪي شڪلين ۾ وڏا جنگي نمونا آهن. ايئن ٻيا به ڪافي سارا گهمڻ جهڙا مشهور هنڌ آهن، جن ۾ خاص ڪري سُپر مارڪيٽ ۽ ٽاور (Twin Towers) ڪوالالمپور شهر جي اندر آهن، جيڪي دنيا ۾ اوچا ٽاور تصور ڪيا وڃن ٿا. 1998ع کان 2004ع تائين رڪارڊ موجب اوچي ۾ اوچا هئا. اندر شهر وانگر مارڪيٽ ٿهيل هئي. سڄو لفٽن ذريعي اندر بازار گهمي پئي سگهياسين. ان ڪانسواءِ گولڊن مندر جيڪو گول پٿرن سان ٺهيل آهي. اندر رهڻ جو بندوبست، هوٽل ۽ ٽلاءُ به آهن، اهي چائنا مندر ٿي سڏجن ٿا. گهمڻ ڦرڻ جي به اجازت آهي. ساڳئي سال 30- آڪٽوبر تي منهنجي سهري (فادر اِن لا) ڪيتارام سنجا ٽر جي ڳوٺ پوريلو ۾ ديهانت ڪئي ۽ ٻي سال 2011- جي 12-

مارچ تي پُٽ جيتندر راڻا جي شادي عمرڪوٽ مان ڪرائي سين ۽ ٻين مصورفيتن سان گڏوگڏ گهڻو وقت پنهنجي اسپتال، زمين جي سنڀال ۽ ڪجهه سماجي ڪمن ۾ گذريو. سال 2012ع تي ٽرديپ (اين جي اوز) جي ميٽنگ ۾ شرڪت تي، خوشي رام ٽرسٽ پاران اسڪالرشپ ورهائڻ ۾ مصروفيتن جو حصو رهيا.

سري لنڪا جو سفر

سري لنڪا لاءِ ٻڌاندا هئاسون تہ ڏاڍي سرسبز ۽ تاريخي، سامونڊي بندرن وارو ملڪ آهي. ان ڪي ڏسڻ لاءِ اسان ٽريول وارن کان پئڪيج ورتوسين ۽ ڪراچيءَ کان جهاز ذريعي شام چار وڳي ڪولمبو پهتاسين. ايئرپورٽ تي ڪار سان ڊرائيور بيٺل هو. ايئرپورٽ کان نگمبا ٽائون جي جيٽنگ بيچ هوٽل ۾ رهياسين. اڪثريت ٻُڌ ڌرم جا ماڻهو هوٽل ۾ ملازم هئا. اسٽاف نمسڪار سان آجيان ڪئي. صبح پهر بيچ ڏسڻ سان سمنڊ جو ڪنارو ايڏو تہ وڻندڙ پئي لڳو، انهيءَ ڏينهن ئي نروليا شهر ۾ وڃڻو هو، جيڪو راوڻ جي گاديءَ جو هنڌ هوندو هو چئوطرف ڊنڊون، پارڪ وڻندڙ نظارو ڏسي ذهن تي آيو تہ، راوڻ نهايت خوش نصيب هو، جيڪو هتي رهندو هو. هتي وڏو گارڊن اشوڪا واٽيڪا نالي آهي، اُتي هيٺ راوڻ جي راڄڌاني جا ڪنڊر آهن ۽ پڻ سيتا ماتا جو مندر آهي. جتي راوڻ ڪيس باندي بڻائي رکيو هو. اشوڪا واٽيڪا گارڊن مندر کان شروع 2 ميلن تائين ڏکهو ۽ شاندار آهي. نيورليا ۾ انٽرنيشنل بيچ هوٽل ۾ رهڻ بعد 7- تاريخ مارچ تي ڪئنڊي جي شهر ڏانهن روانگي ٿي، رستي ۾ آبشارن ۽ نظارن جي فوٽوگرافي ڪئي سين. هنومان جو وڏو مندر جل جي چوٽيءَ تي هو، جيڪو بہ ڏسڻ جو موقعو مليو. ايئن سري لنڪا جي چانهہ جي فيڪٽري بہ ڏٺي سين. جتي مختلف قسمن جي چانهہ نهڻ جا طريقا بہ هئا.

اسان ڪئنڊي شهر پُهتاسين جيڪو پراڻي زماني ۾ بادشاهن جي راڄڌاني رهيو آهي. ڪئنڊي ۾ ڪنهن وقت سيلون جي حڪومت هئي، اتي هڪ باٽني جو گارڊن بہ آهي، جنهن ۾ اٽڪل هر گل ۽ ٻوٽو آهي. هڪ مندر ۾ لارڊ ٻُڌا جو ڏند رکيل آهي، ايئن سريلنڪا ۾ وڏو ميوزيم جيڪو 3- ماڙ محل ۾

جڙيل آهي، جنهن سياحن لاءِ زيارت گاهه بڻيل هو. اسان اُتي عمايه هل هوٽل ڪئنڊي ۾ رهياسين. هتي شاپنگ ۾ شيون مهانگيون هيون، هتي جا ماڻهو شلوار ڪونه پائين رڳو پينٽ ۽ بشيٽ جو رواج عام آهي. ڪپڙي لٽي جو اسان ۾ ۽ هنن جو نمونو الڳ آهي. هوٽل ۾ شاديون به ڏٺيون، شادي دوران گهوٽ ڪنوار هڪ خاص ڏاڪڻ تان تِرڪي لهي رهيا هئا. الائي ڪهڙي رسم هئي. عجيب لقاءُ هو. پردو ڪرڻ جو رواج ڪونهي، خبر ڪانه ٿي پيئي ته ڪهڙي قوم جي شادي آهي. اتان ڪان بيروالا بيچ ڏي نڪتاسين. رستي ۾ هاٿين جي پالنا ۽ سنڀالڻ جو علائقو هو. هتي ننڍا وڏا هاٿي آزاد پئي گهميا. وڏو علائقو هاٿين سان ڀريو پيو هو. اسان بيرو والا سمنڊ ڪناري به راتيون (Eden Restorent) هوٽل ۾ رهياسين، جتان سمنڊ جو ڪنارو 6- ميل هو. گالي بندر تي فرينچ قبضو ڪري آزاد ڪيو هو. سريلنڪا ۾ ڪرڪيٽ راند به گالي ۾ ٿئي ٿي. اسان تڏهن مٿي بيٺا هئاسين، هيٺ پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ ڪرڪيٽ ميچ هلي رهي هئي. بيرووالا شهر ۾ ٻُڌا جو هڪ بُت 1601- فوٽ به انچ مٿي آهي. سري لنڪا ۾ هڪ شاندار اوچو هو. اهڙيءَ ريت بيرو والا ۾ عاليشان چرچ (ST: Anvee Church) سميت 1024- ۾ مولوي موسيٰ جي نهرايل مسجد (Kechi Maha Islamic) جيڪا بوريوالا ۾ پهرين مسلم مسجد چئي وڃي ٿي. جتان پوءِ ڪولمبو روانا ٿياسين. 60- ڪلوميٽر رستي ۾ ڪافي ننڍا وڏا شهر آيا. ڪولمبو ۾ تاج محل هوٽل ۾ به ڏينهن رهي شاپنگ به ڪئي سين. بيرو والا جتي 30- سيڪڙو مسلمان رهن ٿا.

نيپال جو سير

نيپال جو ملڪ هندستان جي اوپر واري بارڊر سان هماليہ جبلن جي مٿاهين علائقي ۾ آهي. دنيا ۾ اهو واحد ملڪ آهي، جتي 99- سيڪڙو هندو رهن ٿا. هتي قدرتي نظارا، ڍنڍون، پهاڙي سفر ۽ ڌرمي مندر وغيره زياده آهن، جيئن تہ پاڪستان کان نيپال سڌو سفر ناهي، انڪري ڪراچيءَ کان جهاز ذريعي مسقط ۽ اومان جي جهاز ۾ ڪٺمنڊو پُهچڻ ٿيو، جتان پئڪيج موجب ڪار ۾ ڪٺمنڊو جي تامل ايريا ۾ هوٽل منانگ ۾ رهياسين. صبح جو پسگردائي ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ ڪجھ ڏسڻ لاءِ نڪتاسين. شاهڪار ڪاريگري سان جڙيل مندر، توڙي ٻيا منظر، اڙانگا غار، ڍنڍون ۽ ڊريم گارڊن منانگ هوٽل واقع آهن. سيئي هنڌ باربار ڏسڻ لاءِ دل چاهيو پئي. هوٽل ۾ راڻو مل پرياڻي اصل رهندڙ مٺي ٿرپارڪر هينئر ميڊيڪل ڪاليج نيپال ۾ سندس پُٽ سان ملاقات ٿي، تہ هن پرسنل اسان کي نيپالي ٽوپي تحفي طور ڏني. ان بعد اسان "پوڪرا" جو شهر جيڪو نيپال جو ٻيو وڏو شهر آهي، گهمڻ نڪري وياسين. جديد تعميرات آهي، سازنگ ڪوٽ جبل تي ايرنڊڙ سج جو پاڇو ڏسڻ وياسين. بعد ۾ ڪٺمنڊو اچي هوٽل بدلائي، هِل ٽاپ مندر، ورلڊ پيس، اسٽوپا لارڊ بُڌ ۽ ٻيا نظارا بہ ڏسڻ وٽان هئا. وشال هوٽل ۾ رهياسين جيڪا مانگ هوٽل کان ڪافي بهتر هئي. ڪٺمنڊو جون ٻيون مشهور جايون، ڪنگس وي، ميوزيم، بازار ۽ 22- ڪلو ميٽر ڏور ڪرٽي ويو شيو شنڪر جو مندر ۽ اُتي پارونيءَ جو ٻيو مندر ڏسڻ جهڙا هئا، ٻُڌڻ ۾ آيو تہ شو ۽ پاروتي اصل ۾ هن علائقي ۾ ئي رهندا هئا. اُتان ڪان جبل کان ٻي پاسي ماٽريءَ ۾ پاڻي ۽ آبادي هئي. روايت آهي تہ شِو مهاراج جبل کي ڦاڙي واھ ناهيو، جنهن کي چئوپار چون ٿا.

هن کان اڳتي ڪالي ديوي جو مندر هو، ٻن جبلن جي

وچ ۾ 155- ڏاڪا هيٺ وڃڻ ڪانپوءِ پهچڻو هو. هن کي داڪشي ڪالي (Dakshikali) مندر چون ٿا. مندر جي پاسي ۾ پاڻيءَ جي ندي وهي ٿي. اندر پاسي تي مساڻ آهن، جتي ماڻهو جهاتڪي سان جانورن کي قربان ڪري رهيا هئا. آئون اڪيلو هتي لهي ويو هوس، مندر وارو ماحول دونهين نما هو، جنهن سان ڪافي منجهه تي پئي. ٻي ڏينهن دربار ايريا ۾ شاپنگ ڪئي سين. هتي گهڻا واپاري هندستان جا ۽ پنجابي ۾ ڳالهائي رهيا هئا. ٻي ڏينهن گوجروار گارڊن گهمڻ وياسين، جيڪو شهر کان 3- ڪلو ميٽر پري هو، هتي بخشو قوم جا ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ من شانتيءَ لاءِ آيا پئي. تمام سڪون وارو گارڊن هو. ٽاور گهمڻ وياسين، پر لفٽ خراب هئڻ ڪري واپس نيو روڊ ذريعي هوٽل آياسين. آخري ڏينهن وشنو مندر ڏسي پٽ پٽائي سپر مارڪيٽ مان رهيل شاپنگ ڪري آنگن ريسٽورنٽ ۾ لنچ ڪري موٽياسين، جنهن بعد اُتان مسقط کان ڪراچي اچڻ آساني هئي.

پٽ لاءِ پيءُ جي دعا

ڊاڪٽر سردار منهنجو 3- نمبر پٽ آهي، جيڪو 1976 -07 - 17 تي ميرپورخاص ۾ ڄائو، هن ايم بي ايس پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ايم سي پي ايس پاس ڪئي، 2009ع تي پي ايس سي ۾ پاس ٿي مٺي سول اسپتال ۾ Specialist Anesthesia (بيهوش ڪرڻ جو ماهر) مقرر ٿيو. پوءِ هتان بدلي ٿي سول اسپتال ڪراچي ۾ Anesthesiologist مقرر ٿيو.

2015 - 08 - 08 تي هن کي پهريون دفعو چڪر آيو ۽ نيم بيهوشي ٿي، سڀ ٽيسٽون ڪرايون، ليڪن بيماري Diagnosis ڪليئر نہ ٿي. 2015 - 08 - 20 تي سرجن جواهر ويو، جتي سيني ڊاڪٽرن ايم آءِ آر، سي ٽي اسڪين، وغيره ڪيا، آخر ۾ ڊاڪٽرن جي بورڊ Basal Aneurysm مغز مرض ظاهر ڪيو. آپريشن لاءِ جرمني، لنڊن يا آمريڪا لاءِ تجويز ڏني ويئي. شريان جي ڪمزوري ڪري شريان رت جي ٿيلهي جي شڪل اختيار ڪري ٿي وڃي، جنهن کي Aneurysm چون ٿا، ڊاڪٽر سردار کي مغز جي تري واري بيماري Basal Aneurysm هئي.

آمريڪا جا ايمرجنسي ڪاغذ ٺهرائي سرجن جواهر، سردار جي گهر واري ۽ انجنيئر ڪانجي مل چوهاڻ کي موڪليو ويو. تاريخ 2015 — 08 -30 تي ڊاڪٽر ايمن جي معرفت ڊاڪٽر سردار کي هوسٽن ۾ داخل ڪيو ويو، جتي 6- مهينا داخل رهيو ۽ 2- آپريشن ٿيا، پر بيماري عارضي نيڪ

ٿي وري اوٿلو ڪندي رهي. آخر واپس پاڪستان اچي آغا خان اسپتال ۾ زير علاج رهيو، جتان ٻيهر California صوبي جي San Francisco شهر ۾ وڏو آپريشن ٿيو، 3- هفتا ڪن رهڻ ڪانپوءِ واپس آندو ويو، عارضي ڪجهه فرق ٿيو هو، پوءِ وري دورا ۽ بيهوشي رهڻ شروع ٿي ويئي. هن ويل گهر ۾ آءِ سي يو ۽ آغا خان اسپتال ۾ شفٽ ٿيندو رهي ٿو. پڳوان در اڳيان دعا ٿو گهران تہ منهنجي پٽ گلاب جهڙي گل ڊاڪٽر سردار کي صحتياب ڪري.

دعا ۾
ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ

“وساريان نہ وسرن”

زندگي ۾ ڪي اهڙيون حالتون پيش اچن ٿيون، جو وساريون ڪونہ ٿيون وسرن. پنهنجي زندگيءَ جون ڪي سارائيون ۽ واقعا ياد اچن ٿا.

1. ٻڏڻ ۽ بچڻ

آئون گڏڙي سٽي ۾ پڙهندو هئس، جيڪو پاڪستان ۾ بارڊر تي آهي، بارش جي موسم ۾ اسڪول کان موٽڻ وقت اسين 4 ڇوڪرا تلاءُ ۾ وهنجڻ ويندا هئاسين، پاڻيءَ جي تري ۾ گروٽا هوندا هئا، متڪي وانگر هئا، متيون پاڻي سُڪڻ وقت مقامي ماڻهو پاڻي پري پيئندا هئا. هڪ ڏينهن ترڻ وقت هڪ وزني ڇوڪري منهنجي ڪلهن تي زور سان هيٺ ڌڪو ڏنو، پاڻي ۾ خبر ڪونہ پيئي، آئون هڪ گروٽي ۾ هليو ويس، وڏي مشڪل سان هٿن جي مدد سانگروٽي مان نڪتس، پاڻي ساهہ سان گڏ ڦڦڙن ۾ هليو ويو، ٻين ڇوڪرن ڪٺي پٽ تي ابتو ليٽائي پاڻي ڪڍيو. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ آهستہ آهستہ هوش آيو، اهو لمحو اڄ تائين نہ وسريو آهي.

2. وڏي تلاءُ ۾ اونهائي جي ماپ

هڪ تلاءُ گڏڙي سٽي ۾ اُتر طرف مَانٻائي نالي سان هو، جتي اسين ترڻ سکيا بہ هئاسون، ۽ اڪثر وهنجڻ ويندا هئاسون، هن تلاءُ جي تريءَ ۾ ڪي ٿورا کوهہ بہ هئا. هڪ ڏينهن ڇوڪرن شرط هنيو تہ پاڻي جي تلاءُ ۾ اونهائي ڪيئن ماپجي؟ تلاءُ پريل 14- کان 18- فوٽ پاڻي هو، مون چيو تہ اِهو سولو آهي، مون 14- فوٽ ڊگهو بانس پنهنجي آڱوڻن جي وچ ۾ جهلي هيٺ پاڻي ۾ لهي ويس، اتفاق سان هُتي ننڍو کوهہ هو، مان بانس سميت هيٺ ويس تہ محسوس ٿيو. بانس ڇڏي هڪدم مٿي هليو آيس،

چوڪرن اُبتو ڪيو، پاڻي ڪڍي نڪ وات صاف ڪيا، وڏي مشڪل سان بچي ويس، ترڻ بہ سنو ايندو هو، پر بينل پاڻي ۾ ترڻ مشڪل آهي.

3. چاڙهيار ڳوٺ ۾ وڏو جهولو

منهنجي ڳوٺ ۾ هڪ وڏي ڪنڊي هئي، تنهن ۾ هڪ جهولو رسي وارو هو، تنهن سان هڪ يا ٻہ ماڻهو لڏي سگهن ٿا، هن جهولي تي لُڏندي وڻ جي وڏي ٽاري مان پن پٽڻ ڏکيو هوندو هو. هڪ دفعو لُڏندي ٻئي رسين جا پاسا ٻغلن ۾ جهلي جهولو موٽڻ وقت وي ٽاري (شاخ) ۾ هٿ وڌا، اُها ٽاري شروعات ۾ ٽُٽي ۽ مون سان گڏ موٽي، مان وڻ جي ٿُڙ سان ٽڪرڻ جي بجاءِ پاسي کان ڪري ويس ۽ ٽاري اچي ڪنڍي جي ٿُڙ کي لڳي، ايئن بچي ويس. ڳوٺ وارا سڀ ڊوڙي آيا، قدرت مون کي ٽيون ڀيرو بچايو.

4. ڳئون چارڻ جو واقعو

هڪ دفعو وڏي ياءُ چيو تہ رات جو وچ ڏڳيون چارڻ، چو جو هن رات ٻيو ماڻهو ڪونہ هو. چانڊوڪي رات هئي، اٽڪل 4 وڳي اسر جو ڏڳين کي هيٺ ڏهر ۾ اُماڻيو ۽ آئون زمين تي اجرڪ ڏڪي سمهي رهيس، لانگ بوٽ پاتل هئا، پٽ واري زمين تي گاهہ نہ هو، ڪجهہ دير هڪ پاسي سُر سُر جو آواز آيو، اجرڪ منهن تان پري ڪري ڏٺم تہ هڪ وڏي بلا پريان اچي پئي، يڪدم اُٿي اجرڪ ڇڻي پاسن سان واري هيٺ وجهي مٿي هينان وجهي سڀ پاسا بند ڪيا، بلا منهنجي اجرڪ کي هڪ پاسي لڳي تہ مون واري اندران کان کسڪائي تہ بلا پرتي نڪتي، هڪ پاسي ڪڙڪي ۾ اک سان ڏٺو تہ بلا پري کان پئي وئي، خدا بلا کان بہ جان بچائي.

5. ڪاري نانگ جو مارڻ

هڪ دفعي جو ٽائيم مال جي وٿاڻ تي اسان ٻارن ڳوٺ روهڙ ڪيهڻ ۾ راند پئي ڪئي ته ڪارو نانگ اوچتو نڪتو، اسين سڀ ڊوڙي پري ٿياسين ته نانگ هڪ ٻر ۾ گهڙڻ لڳو، منهنجو ياءُ اڄٻو جو 14 سالن کن جو هو اسان کي چيو ته پري ٿيو لنيون ڪٽي اچو، ڊڄو نه، جيئن آئون ٻاهر رهيل پُڇ مان جهلي ڇڪيان جيترو ٽڪرو يا حصو نڪري چڱيءَ طرح ڪٽيو. اسان سيني ائين ڪيو، ائين ڪري نانگ کي ماري ڇڏيو، آهستي مٽي نڪتو جو ڇُري نه سگهيو، اُهو پورو ڪيو، اهڙي طرح نانگ کي ختم ڪيوسين.

6. گهوڙي تان ڪري زخمي ٿيڻ

هڪ دفعو رات جو گهوڙي تي سفر پئي ڪيم، 5 ڪلو ميٽر اچڻ وڃڻ جو رستو هو، چاندوڪي رات هئي، 2 ڪلو ميٽر سفر بعد هڪ وڏي ڪنديءَ جي وڻ جي هيٺ گذرڻ وقت وڻ تي وينل ٻه ڳجهون اُڏاميون ته گهوڙ ڇرڪ کائي ڀڳو ته پاسي ۾ وڻ جي ڇانو ۾ وينل هرڻ ڀڳا ته گهوڙي وڏو ٽپو ڏنو، آئون گهوڙي تان اڳيرو هڪ ڪرڙ جي وڻ ۾ ڪريس، جتان پوري جسم ۾ ڪنڊا لڳا، بچي ويس، رڙين تي پاسي واري ڳوٺ مان ڪجھ ماڻهو ڊوڙي آيا، مون کي وڏي مشڪل سان ڪڍيائون، گهوڙو اُتي ئي بيٺو هو، هنن همٿ ڪري ڪٽي ڳوٺ پهچايو. ڪنڊن نقصان ڪيو، باقي ٻيو وڏو ڏڪ يا هڏا ٽُٽڻ کان بچي ويا، اکيون وغيره سڀ سلامت رهيا.

اندر جو سنگيت

راٺو هڪ هيرو آهي، راٺو هڪ موتي داڻو آهي
اها هر ڪنهن ٻوليو آهي، راٺو مومل جي شان ۾

جهڙو نالو راڻي جو، تهڙي سوڀيا مومل جي
ستايل ڪي تو ساٿ ڏنو آهي ، جنهن تان تنهنجي هاڪ آهي،

راٺو هڪ هيرو آهي، راٺو هڪ موتي داڻو آهي
اها هر ڪنهن ٻوليو آهي، راٺو مومل جي شان ۾

گلڙن ڪي تو پاليو آهي، مومل وانگر لوڏيو آهي،
سيني ڪي تو ياليو آهي، هرڪو آهي پيار ۾

راٺو هڪ هيرو آهي، راٺو هڪ موتي داڻو آهي،
اها هر ڪنهن ٻوليو آهي، راٺو مومل جي شان ۾

گومن داس جي دل ۾ آس اها ئي آهي،
شوق رهي شوا ۾، راٺو مومل جي مان ۾

راٺو هڪ هيرو آهي، راٺو هڪ موتي داڻو آهي
اها هر ڪنهن ٻوليو آهي، راٺو مومل جي شان ۾

۷۸۶

قطعات

فسانہ نویسی میں ماہر تھا شگور
بیاں کیا ہو پھر قصۂ رانا راٹھوڑ
اشارہ میں بس آپ اتنا سمجھئے
صنم کی محبت نے دکھلایا زور

یہ رانا بھی ہیں اور راٹھوڑ بھی
ملنسار ہیں بہتر انسان بھی
کروں خوبیاں انکی کیا کیا بیاں
مہذب شریف اعلیٰ اخلاق بھی

کہاں جا رہے ہو ادھر بھی تو دیکھو
میری حالت زار کو بھی تو دیکھو
مریض غم ہجر کو بھی نہ جانا
عجب ڈاکٹر ہو مجھے بھی تو دیکھو

پیش کردہ :- محمد سعید مرزا ٹیچر گورنمنٹ سیکنڈری اسکول
بیلہ - ضلع لسبیلہ مورخہ ۲۱ اکتوبر ۱۹۶۸ء

(بزبان اردو [illegible])

یہ نظم جب [illegible] ڈاکٹر [illegible] سول ہسپتال [illegible] سے تبادلہ [illegible] [illegible] ہو کر [illegible] [illegible] [illegible]

تذکرہ ہے جناب رانا کا — اور کچھ گردش زمانہ کا

کام ہی جن کا دل دکھانا ہے — نت نئے ظلم ہم پہ ڈھانا ہے

خود تو ہنستی ہے مسکراتی ہے — اور ہمیں رات دن رلاتی ہے

اپنے محبوب ڈاکٹر رانا — میر لوہار میں ہے جنہیں جانا

خوش بیان خوش مزاج خوش گفتار — صاحب قول صاحب کردار

رنگ خاکہ میں کھینچ نہیں سکتا — ان کی تعریف کر نہیں سکتا

محبت والوں سے بدنصیبوں سے — چھڑا کیا اپنوں سے کیا غریبوں سے

جب کبھی ملتے تھے ہنس کے ملتے تھے — پھر ان کے ہنسنے سے پھول کھلتے تھے

دل میں ہمدردی کا خیال رکھتے تھے — ہر کسی کا خیال رکھتے تھے

جب وہ کیس آ گیا بلا لے گئے — اور پھر رات رات کو جاگے

چین کو ایک پل نہیں آیا — کچھ بھی مانگے پر بل نہیں آیا

رات دن صبح و شام رکھتے تھے — فیض دنیا پہ عام رکھتے تھے

جو بھی احسان یاد رکھیں گے — ان کے احسان یاد رکھیں گے

یہ تو خوش ہیں کہ جا رہے ہیں یہاں سے — ہم کو لیکن ملال ہے ہیں یہ

خواہ کھرا ہو خواہ ملتان ہو — ہر جگہ ان کا نام روشن ہو

رب العظیم ہر مقام سے بیشک — یہ مثال اور لاجواب ہیں

میر جہاں جائیں باز رہیں — دوستوں کی دعا ہے شاد رہیں

رضی الدین [illegible] بیم [illegible]

21-X-68

NO.Rev/4702

Thatta, dated 16/7/84

The Civil Surgeon
Civil Hospital Thatta.

Subject :- Visit of the Minister Health & Population Welfare Government of Sind to Civil Hospital Thatta on 8.7.1984.

The Minister, Health & Population Welfare Government of Sind on his visit to Civil Hospital, Thatta on 8.7.1984 was pleased to make the following observations.

> " The Minister expressed his satisfaction over his visit to Civil Hospital and frankly said that the administration, maintenance & upkeep of the Hospital was better than many of the Hospitals he had visited at Karachi.

I am directed to convey this to you and to request you to keep it that way.

16/7/84
for DEPUTY COMMISSIONER THATTA.

15/7/84

“سيٺ خوشي رام”
هڪ اُتم ۽ امر انسان

سيٺ خوشيرام ويهين صدي جي آخري ڏهاڪن ۾ شڪارپور جي سيٺ دريانو مل جي گهر جنم ورتو. خوشيرام صاحب پاڻ نهايت سلجهيل، روشن خيال ۽ ٻاجهاري طبيعت وارو شخص هجڻ سان گڏوگڏ هڪ وڏو ذميوار، اوچي ڪوٽي جو پرمارٿي ۽ ڌرماتما هو. هندو سماج ۾ ڪاهي پيل پيد پلو ۽ حقارت پريل روين سبب پنتي ڌڪيل ۽ جهالت جي ور چڙهيل ماڻهن ۾ تعليم جي ذريعي شعور پيدا ڪري، سجاڳي آڻي کين ترقي ڏياري مٿي آڻڻ لاءِ انهن 1946 - 02 - 18 ۾ سيٺ خوشي هريجن ٽرسٽ قائم ڪيو، انهيءَ لاءِ هن پنهنجو تن من ڌن ۽ سمورو جيون سمرپت ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي 312 ايڪڙ زرعي زمين ٽرسٽ جي حوالي ڪئي ته جيئن انهن جي اپت مان شيڊيولڊ ڪاسٽس برادرين جي ٻارن کي وظيفا ڏيئي منجهن تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شوق پيدا ڪيو وڃي، ان ڪانسواءِ سفر جي دوران پاڻ اڪين سان ڏٺائون ته نفرت ۽ حقارت سبب هريجن نارين کي پاڻي پرڻ لاءِ کوهن ۽ تلائن تي وڏي تڪليف مان گذرڻو ٿي پيو، سيٺ صاحب انهن حالتن کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هن ٿر ۾ کوهه کوٽائڻ ۽ بيراجي انيڪ ڳوٺن ۾ کوهيون کوٽائي ڏيڻ، ودوائن جي مالي سهڪار ڪرڻ، نياڻين جي ڏاج ۽ اکين جي آپريشن لاءِ ماڻهن کي عليحده دان ڏنو. سيٺ صاحب جن ڇوت ڇات کي سماجي برائي سمجهي انهيءَ جو هر هنڌ وروڌ ڪيو، هو جڏهن به ٻالميڪي ويڙهن ۾ ويندو هيو ته فرمائش ڪري انهن جي هٿن جي تيار ٿيل چانهه انهن جي ئي برتنن ۾ واپرائيندو هو. شروعاتي وقت ۾ انهيءَ ٽرسٽ ۾ تمام وڏن نالن وارا ماڻهو ميمبر هئا. آئون به 1952ع کان انهيءَ شيوا ۾ منسلڪ

ٿيس ۽ پوءِ 1960ع کان اڄ تائين انهيءَ ٽرسٽ جي شيوا ۾ بطور ميمبر شريڪ آهيان. سيٺ صاحب تاريخ ريگستان جي جڳ مشهور ليکڪ رائچند راٺوڙ کي گهڻو پائيندا هئا ۽ چيلهار ۾ گهڻو ڪري انهي وٽ ئي ترسندا هئا. سيٺ صاحب اٽڪل 80- ورهين جي ڄمار ۾ 1968ع ۾ سرير ڇڏيو، ڪين پٽ جو اولاد ڪونہ هو، انهيءَ ڪري بطور چيئرمين سيٺ هوندراج صاحب ٽرسٽ جي اڄ تائين سار سنڀار لهي رهيا آهن.

سيٺ هوندراج رشتي ۾ سيٺ خوشيرام جا ويجها عزيز آهن ۽ پاڻ جيڪب آباد جي نالي واري زميندار سيٺ آوتراءِ راڄپال جا سُپاترآهن. سيٺ هوندراج کي سي ايس ايس/ سي ايس پي ڪرڻ تي اعليٰ سرڪاري عهدي جي آڇ ٿي هئي، جيڪا هنن سويڪار ڪونہ ڪئي ٻي صورت ۾ هو صوبائي سيڪريٽري يا چيف سيڪريٽري جي عهدي کي رسي سگهيا ٿي. پاڻ سنڌ جي سڄي هندو پنچائت جيڪب آباد جا چيئرمين بہ رهيا. سندن سپاتر آمريڪا، آئرلينڊ ۽ نياٽي سنڌ ۾ ڊاڪٽر جي مسيحائي پيشي سان لاڳاپيل آهي. سيٺ صاحب پنهنجي هٿن سان ٽرسٽ جو ليکو اهڙو تہ صاف ۽ شفاف طريقي سان درج ڪندا آهن جو ڪابہ اسڪالر معلوم ڪرڻ لاءِ سمورو رڪارڊ هڪ منٽ اندر سامهون اچي ويندو آهي. پاڻ هر سال ٽرسٽ جي ڪاروبار جو ليکو چوکو آڊٽ ڪرائڻ بعد ٽرسٽ جي ميٽنگ سڏائي سيني ميمبرن جي معائني، اطمينان ۽ بحاليءَ لاءِ کولي رکندا آهن. ٽرسٽ مان ملندڙ اسڪالرشپ 10.5- ۽ 20- رپين کان شروع ٿي جيڪا هاڻي 1000، 1500 ۽ 10000- تائين ملي ٿي، اها اسڪالرشپ هر سال 2000- کان بہ وڌيڪ شاگرد حاصل ڪن ٿا، اها اسڪالرشپ واسطيدار شاگردن کي پنهنجي هٿن سان ڏيڻ لاءِ سيٺ هوندراج صاحب ڪجهہ ڏينهن لاءِ ٿر ۽ ٻين هنڌن جو دورو ڪندا آهن، انهيءَ سموري شيوا ۽ سفر ۾ ماستر سچانند ساڻن گڏ هوندا آهن. سيٺ صاحب جن جو چوڻ آهي تہ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر طريقيڪار جو پورائو ڪري گهڻي کان گهڻا شاگرد اچي انهيءَ ٽرسٽ مان

اسڪالرشپ وٺي پنهنجي تعليم جي حاصلات سان اعليٰ منزلون ماڻين.

ٽرسٽ جي زمين واري اُپت سهيڙڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي، انهيءَ لچ پچ لاءِ سفر ڪندي هڪ دفعو پاڻ اغوا ٿيا ۽ وڏا ڪشٽ سٺا. اي ڀڳوان! توهان جي پيار ۽ پاٻوهه وارن جذبن ۽ آشرواڌ سان ڀريل اهڙي اُتم ۽ نُسڪام شيوا جيڪا پرمارت ڪي قائم رکيو ٿي اچي، ان جي پيٽا ڪهڙن لفظن سان ڪجي.

تن سي، من سي او ڌن سي جو ڪري دوجون ڪا ڪليان
وهي هين سچي انسان، اس ڌرتي ڪي ڀڳوان.

ڊاڪٽر راڻا سي
رائوڙ

دوستن
جا
رايا

جاتيءَ سَنوارِ سُونهُون ۽ مِسڪينَنَ جو مَسيحا، ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ

اَمراڻي جي جُونجهار هاسي سوڍي جِي نگريءَ جو ڄائو ۽ چوڌين دُنيا جي پيڙهيلن جي پُڪار بڻجندڙ هڪ سنڌي مُفڪر پنهنجي قوم جي اجتماعي آسُودگيءَ جي تناظر ۾، پنهنجي مُبلغانہ مڪالمن ۾ تاحيات اِن ڳالهہ جي بہ ڀرپور پيروڪاري ڪندو هو تہ جيڪڏهن ڪو انسان پنهنجي ذات، برادري، پنچائت، پنگت يا قبيلي ڪميونٽيءَ لاءِ بہ ڪٽي، ڇڱائيءَ جا چار پير پري ٿو، پنهنجي طبقي جي مظلوم ماڻهن جي پر وني اُنهن جي بهتريءَ لاءِ ٺلهي لباڙ بدران عملي ڪوششون وني ٿو، تہ اهڙي شخصيت جو اهو عمل پُڻ قوم جي اجتماعي ڀلي واري عظيم ڪم ۾ حصو وجهڻ جي مُترادف آهي. سو سنڌ پرڳڻي جي انتهائي پُنتي پيل ضلعي ٿرپارڪر جي طويل تعلقي ڇاڇري جو ڪاهوڙي خمير ۽ ڳوٺ چڙهيار ڄائو ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ بہ اهڙن اَمُلهہ انسانن مان هڪ آهي، جيڪي پنهنجي جاتيءَ جي سَنوار سُڌار ۽ جٺادار ترقيءَ لاءِ عملي طور ڪوشان ۽ وِرچڻ ڪان ونئون ويندڙ وجُود هوندا آهن.

مسڪينن جو مسيحا بڻيل ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ اٺ ڏهاڪن جي اُورجا ڪي اُڪري، ڄمار جي نائين ڏهاڪي ۾ جيئندڙ اهو متحرڪ تن طبيب آهي، جنهن ڪي وارياسي ٿر جي محنتي ميگهواڙ جاتي جي پهرين ڊاڪٽر هئڻ جو صدري اعزاز حاصل آهي. ڊاڪٽر راٽا رانوڙ وِشال ٿر جي ڀلاري ڀومي تي 10-مئي 1934ع ڌاري جنم وني 1961ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري (هاٺوڪِي لمس) مان ڊاڪٽريءَ جي سند ماڻيءَ سُرخرو ٿيو، اُنهن اَيامن ۾ ڏاهلِي گَڏڙي (رامسنگهہ) ڇاڇري ۽ نُورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ابتدائي، پرائمري، مدل، ۽ سيڪنڊري يا ميٽرڪيوليشن تائين تعليم ماڻهن وارا ڪشالا ڪاٽي سڄي ٿر

جي سمورين پوئتي پيل جاتين جي شاگردن لاءِ هڪ اِنتهائي مثالي، ثابت قدم، اَوِرڊِ ۽ هدفي مُستقل مزاجيءَ سان همڪنار شاگرد جو زندهہ جاويد مثال بڻجي سامهون آيو. ڊاڪٽر راڻا سبنڌي حوالي سان رشتي ۾ ڪٽي منهنجو سڳو سنڌو ٿئي، ڇو تہ سندس سرڳواسڻ پتني مُومل منهنجي جيون ساٿياڻي لڇميءَ جي سڳي ڀيڻ هئي، پر حقيقت ۾ هو منهنجو سوشل مينٽر يا سماجي تربيت ڪار، مربي، مُحسن ۽ جيون اُتساهڪ اهڃاڻ آهي، مون سميت منهنجي جاتيءَ جا هزارين لکين ماڻهو جيڪي پنهنجي پنهنجي جيون ڪيترن ۾ پاڻ موکين پيا يا عزت ڀريو آسودو ۽ طمينان بخش جياپو ماڻين پيا، انهن جي اڪثريت ڊاڪٽر صاحب جي اخلاقي ۽ مالي سُنهپ جي ساکي آهي. ٿر جي پيڙهيل جاتين جي پاڙهو فردن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ، ڏاٽي کي ناٽي تي فوقيت ڏيڻ، غريب ڪُٽنبن جي ڪفالت جا ڪارج سِڌِ ڪرڻ ۽ تعليم جي هٿيار سان صدين جا ڏک دُور ڪرڻ وغيره وارن مقصدن واسطي هن رُوح راڻي جو يوڳدان ڳڻڻ کان گهڻو مٿي آهي. هُونئن بہ ضميري سڪونت لاءِ سرگردان رهندڙ جيوَ، گُپتَ (ڳجهي) کي ئي سُپت (سچو) ڪري سفر حيات کي سڦلو ڪندا آهن. پاڻ وڏائڻ ۽ پاڻ لڪائڻ وارا پينتر اهڙن گوشہ نشينن کي مُورڪونہ وڻندا آهن. ڊاڪٽر رانوڙ جي شخصيت بہ اهڙن گڻن جو مُجسم آهي.

پنهنجي پروفيشنل يا پيشيوَراڻين ذميوارين جي بَخوبي بَجا اوري طور ڊاڪٽر راڻا رانوڙ سنڌ ۽ بلوچستان جي جن اسپتالن ۽ ادارن ۾ معالج يا منتظم طور جنهن جنهن منصب تي مامور رهيو اُتي اُتي هن باقاعدي پنهنجي خدمتن جا اعترافي فوٽ پرنٽس ڇڏيا. ميرپورخاص، ننگرپارڪر، ڊگهڙي، ٽنڊي محمد خان، لس ٻيلي، لاڙڪاڻي، ٺٽي، سانگهڙ ۽ ويندي آخر ۾ حيدرآباد مان ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ جي عهدي تي رٽائرڊ ٿيڻ تائين سندس سرڪاري ملازمت ۽ عوامي خدمت جي هر مدت يادگار ۽ اطمينان بخش رهي. هن دُعائن جو ثمر

ساڻ ڪٽي هر جاءِ مسڪينن، مظلومن، لاچارن، بيواهن ۽ بيوسن جي واهر ڪئي، نہ ڪو عهدو هن جي غريب پروريءَ واري عزم کي ٽوڙي سگهيو ۽ نہ ڪا اوچي ڪُرسي ڪڏهن جي ڪمزوري بڻي، نہ هيءُ مايا جي موھہ ۾ ڦاٿو ۽ نہ ڪڏهن ڪنهن اَڊمبر هٿان هن پنهنجي تشخص ۽ نهنائيءَ کي ڇيهو رسائي ٻئي جي دلڙي رنجائي.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ، سيٺ خوشيرام هريجن ٽرسٽ جي پايي وجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري، اُن جي روح روان هُوندراج آوتراءِ راجپال سان سهڪاري ثابت قدم برقرار رکي، جنهن نموني ٽر جي شيڊيول ڪاسٽ جاتين جي غريب شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي هر ورهيہ وقتائتي مالي سهائتا (ڪيسي خرچي جيتري ئي سهي) ڪرائڻ ۾ جيڪو اهم ڪردار پي ادا ڪيو آهي، اُن عمل لکين معصومن جي مُک تي مُرڪن جا موتي وکيريا آهن، ڪنهن غريب شاگرد کي ملندڙ معمولي وظيفي مان جيڪڏهن اُن جي پڙهڻ کي تسلسل ملي پوي تہ اُهو بيشڪ آفرين جوڳو عمل آهي.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ صاحب ٽرديپ بورڊ جي ڊائريڪٽر توڙي مجلس عامہ جي ميمبر جي حيثيت سان اداري جي انتظامي ڪاروباري ۽ نگران سٽ کي هميشہ تجرباتي نچوڙ تي آڌاريل مُفيد مشورن ۽ ڏور رس قائدانہ تجويزن سان پي نوازيو آهي، جنهن لاءِ آئون ٽرديپ بورڊ طرفان هن صاحب جو ذاتي طور بيحد مشڪُور ۽ ممنون رهندس.

اهو ڄاڻي خوشي ٿي تہ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي جيون جاڳرتا واري عام اُتساهڪ ڪهاڻي کي ڪتابي صورت ۾ قلمبند ڪري ڇپائي پڌري ڪرڻ لاءِ سنبت ڪئي آهي. اها سوچ خوش آئند ئي ثابت ٿيندي ۽ ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي اَڻٿڪ جدوجهد، جاتيءَ سُڌار سوچ ۽ هر مسڪين مجبور جي حال سارُو حقيقي واهر واري ڪهاڻيءَ ڪان اڄ جون پيڙهيون نہ فقط پيرائتي نموني واقف ٿينديون پر اُن جذبي کي سمجهي ۽

هينئين سان هنڊائي سگهنديون، جنهن تحت 85- سالن جو هڪ ضعيف العمر معالج اَڄ بہ صرف سئو روپين جي معمولي ترين اُجوري (سو بہ لازمي نہ) بدلي هر روز بنا ناغي (مومل ميڊيڪل سينٽر ميرپورخاص) مسڪينن جي مسيحائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي، آئون ڊاڪٽر راڻا صاحب جي سُٺي صحت ۽ دلي خُوشيءَ لاءِ سدائين دعاگو رهندس.

ڊاڪٽرسونو کنگهاراڻي مٺي
0332600935

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ
انسانيت جو هڪ انمول هيرو

هن دنيا ۾ جيڪو انسان پيدا ٿئي ٿو اهو پنهنجي ڪرمن جي انوسار تحت پيدا ٿئي ٿو ۽ آخر زندگي جو سفر پورو ڪري هن دنيا کان هليو ٿو وڃي، پر پرماتما صاحب جو ڪنهن تي آشيرواد ته ڪنهن تي دوش هوندو آهي، هر انسان ۾ خود پرماتما صاحب جو واسو سمايل هوندو آهي، انسان کي هن دنيا ۾ ڏک ۽ سک ٻئي ملن ٿا، ڏک ملندو آهي ته انسان جون وڏيون دانهون ۽ ڪوڪون هونديون آهن، سک ملي ٿو ته هو مدهوش ٿي وڃي ٿو ۽ اهو سمجهي ٿوته مون کي ڪنهن جو غرض ناهي سڀ ڪجهه آئون ئي آهيان پر ڪنهن ۾ صبر ۽ تحمل جو مادو به هوندو آهي، جڏهن کان دنيا پيدا ٿي آهي انهي وقت کان ئي انسان ۾ شيطان جو گهڻو مادو سمايل آهي پر صبر جو حصو گهٽ هوندو آهي. انسان ته سڀ انسان جي روپ ۾ هوندا آهن، پر انسانيت اها آهي جنهن ۾ انسانيت جا گڻ هجن. هڪ انسان ڪنهن سان ظلم زيادتي ۽ ناانصافي ڪري ٿو ته ان کي گهڻي تڪليف ٿئي ٿي پر اهو سمجهڻ کپي ته اڳئين سان ڏاڍائي ٿئي ٿي اها خود مون سان ٿئي ته منهنجو ڪهڙو حال ٿئي. سچو انسان اهو آهي جنهن ۾ انسانيت جا گڻ هجن ۽ اهو انسانيت جا فرض نڀائي. انسانيت جا جن ۾ گڻ ناهن، اهو خالي انسان جو بوتو آهي. اهو صرف هن دنيا ۾ جوڻي پوري ڪرڻ لاءِ آيو ۽ ويو. انسان جو چولو وري 84 لک جوڻين کان پوءِ ملي ٿو ۽ اها وري ڪرمن جي انوسار تحت ملي ٿو. دنيا ۾ جيڪي به مذهب آهن. اها انسانيت جي طبقي جي سجاڳي لاءِ نهيا آهن ۽ انسانيت جو سبق سيکارين ٿا، جيڪي ماڻهو انسانيت جي اصولن تي نٿا عمل ڪن اهي گهڻو پڇتائين ٿا. دنيا ۾ سڀ کان وڏو مذهب انسانيت جو آهي. انسان دنيا ۾ آيو آهي ته ڪجهه نه

ڪجهه ڪري وجي، ڪو ظلم ۽ ڏاڍائي ۾ آهي ته ڪو ڀلائي ۾ آهي. ظلم جو ٿورو وقت آهي ۽ ڀلائي سدائين قائم رهندي آهي. ڪيل ڀلائي کي زمانو ياد ڪندو رهندو آهي. ڀلائي جي ڪانٽي ۾ تور ڪجي ته ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ جي نالي جو ذڪر ڪجي ته گهٽ ناهي، ڀلي اهڙيءَ ماءُ اهڙي انسان کي جنم ڏئي جو دنيا ۾ انسانذات سان پنهنجي زندگي ڀلائي ۾ گهاري.

ڊاڪٽرراڻا سي راٺوڙ ذات جو جوڳو ٽُڪ راٺوڙ اصل کتري خاندان سان تعلق رکندڙ آهي. سناتن ڌرم ۾ منور سمرتي قانون تحت اهو خاندان سنبت 1515ع ۾ وٺلا ٽي ميگهه ونس ۾ شامل ٿيو، اصل ڏاڏاي جو نالو جوڳو هو، جنهن پويان ذات جوڳو پئي. ايوڌيا جي آخري راجا سمتر جي دور ۾ ٽي ٽُڪون نهيون، راٺوڙ، ڪڇاوا ۽ گيهلوت جيڪا اڳتي شري رامچندر جي خاندان سان ملن ٿيون.

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ جنهن جو نالو ته مون اڳ ۾ ڏاڍو مشهور ٻڌو هو، پر منهنجو تعارف نه هو، بعد ۾ مون کي خبر پئي ته ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ ۽ اسان هڪ ئي خاندان جا آهيون، مون کي بچپن کان اهو شوق هوندو هو ته پنهنجي خاندان جي تاريخ لکندس. سال 2014ع ۾ هڪ ڏينهن صبح جو سوير سائين پورو مل جوڳو وٽ مني ۾ وينو هيس جتي مون پنهنجي خاندان جي تاريخ لکڻ لاءِ چيم جو انهيءَ وقت مون ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ جو فون نمبر شولال پوريلائي کان ورتو ۽ ڊاڪٽر صاحب کي مون فون ڪري پنهنجو تعارف ڪرائي وينتي ڪئي ته آئون پنهنجي خاندان جي تاريخ لکڻ چاهيان ٿو سات ڏيڻ جي اپيل آهي، جنهن تي ڊاڪٽر صاحب کي وڏي خوشي ٿي ۽ چيو ته هي ڪم ڀلي ڪر آئون گڏ آهيان، جتي چوندا اتي پهچي ويندس. پوءِ آئون ته جوڳو برادري جي تاريخ لکڻ لاءِ ڪافي ڳوٺن ۾ نڪري پيس ڪٿي پيادو، ڪٿي موٽر سائيڪل تي، ڪٿي ڪرائي جي جيپن ۾ ته ڪٿي بسن جي ڇتن تي چڙهي تاريخ لکي، انهيءَ دوران ڊاڪٽر صاحب کان ٽائيم ورتو. ميرپورخاص ۾ منهنجي ڏهيسر راٺوڙ سان گڏ ملاقات ٿي.

سندس بنگلي جي گيٽ تي انتظار ۾ بيٺل هئا، ۽ ڊاڪٽر جواهر صاحب جو ننڍو پٽ سڌير پڻ گڏ هو. اسان بنگلي جي مٿين منزل تي وياسون، جتي حال احوال کان اڳ ۾ ننڍڙي سڌير ڊاڪٽر صاحب کي ياڪر پاتي ۽ مون کي ڊاڪٽر صاحب چيو ته هي منهنجو پوٽو ڊاڪٽر جواهر جو پٽ آهي. مون ڏسي اهو چيو ته اڄ پوٽي کي ڏاڏو پيارو ٿو لڳي پر انسان جي زندگي ڪانپوءِ پڙ پوٽن کي کهڙي خبر ته اسان جو ڏاڏو به ڪو هڪ وڏو مهان هستي هو، جو نه پلا ڪتاب ۾ پهرين صفحي تي توهان جو ڦوٽو ۽ ٻي صفحي تي منهنجو ڦوٽو هجن ۽ اسان جي سڄي ذات جوڳو سامهون 100 سالن لاءِ تاريخ ۾ بيٺل هجي، جنهن تي ڊاڪٽر صاحب وڏي خوشي مان جلدي اٿي، ڪمري ۾ لڳل پنهنجو ڦوٽو ڏيکاري چيو ته هي ڦوٽو لڳايون. مون چيو ته اجان آئون ٻيو چاهيان ٿو، جنهن تي چيو ته ٻيو ڇا؟ مون چيو ته اهو ڦوٽو هن وقت جو وڏي عمر وارو آهي. مون کي توهان جي جوڀن وارو ڦوٽو کپي ٿو جڏهن توهان ڊاڪٽر ٿيا هئا، جو مون کي سال 1962ع وارو ڦوٽو ڏنو، پوءِ اسان ويهي هڪ ٻئي سان حال احوال ڪيوسون ۽ ڊاڪٽر صاحب مون کي پنهنجي زندگي جي سڄي سفر نامي کان آڳاهه ڪيو. اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي.

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ هڪ مون کي ڏاڍي مزي واري ڳالهه ٻڌائي ته جڏهن آئون پهريون دفعو نئون ڊاڪٽر ٿي ننگر پارڪر ويس ان وقت چوتچات پيلن، ميگهواڙن، ڪولهين ۽ ٻين ذاتين ۾ تمام گهڻي هوندي هئي. ننگر پارڪر جي ماڻهن اهو ٻڌو ته هڪ ميگهواڙ ڊاڪٽر اسپتال ۾ آيو آهي. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته مريضن جي لاءِ هڪ وڏي ڪيمپ لڳائي ويئي، جنهن ۾ خاص ڪري ڪولهي برادري جون عورتون گهڻيون آيون، ايڏي ته رش ٿي، جو ڪولهي عورتن زور سان اهو چيو ته پري ٿيو اسان ميگهواڙ ڊاڪٽر کي ڏسڻ آيون آهيون، جو اهي عورتون رش ۾ اڳتي وڌي ۽ مون کي ڏسي وڏي آواز سان چوڻ لڳيون ته "اي تو ڊاڪٽر ميگهواڙ نتي سي اي تو روپاڙو سي"

جو انهن کي وڏي خوشي ٿي مون دل ۽ جان سان اتي جي ماڻهن جو علاج ڪري خدمت ڪئي.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ سان ملاقات بعد اسان هڪ ٻئي جي خيالن کان چڱي طرح مطمئين ٿياسون، مون کي ڪتاب لکڻ لاءِ بروقت هڪ لفافو پئسن وارو ڏنو ۽ چيو ته ميٽنگ جي تياري لاءِ وجي خرچ ڪر. مون لفافو وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيوته پوليس جا ماڻهو ته پئسن وارو لفافو جلد وٺندا آهن، پر مون کي هن وقت هي لفافو نه کپي ۽ مون کي صرف آشيرواڌ جي ضرورت آهي، زور پرڻ سان به لفافو نه ورتو. مورخه 2014 - 10 - 12 تي مني شهر ۾ جوڳو برادري جي هڪ وڏي ميٽنگ ڪوٺائي جنهن ۾ ڪافي تعداد ۾ ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جو ٻُڌي ڦانگاريي تائين سامهون گاڏين ۾ ويا ۽ ڪيس گڏ ويلڪم ڪري ميٽنگ ۾ پروفيسر راڌو مل جي جاءِ تي آيا. اتي آيل برادر سيني جو تعارف ڪرايو. سچ پچ ته ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي نالي ۽ ان جي آدرشن لاءِ وڏي ذوق ۽ شوق سان ماڻهو آيا.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ ۽ سڄي برادري ڪتاب جوڳو ونس اتهاس لکڻ لاءِ مون تي اعتماد ڪيو، جو مون ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي مُک ڪردار ۽ حوصلا فزائي تي 600- صفحن تي مشتمل جوڳو ونس اتهاس ڪتاب لکيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب منهنجي مالي مدد ڪئي.

جوڳو ونس اتهاس ڪتاب جي مهورتي تقريب مورخه 16- 01 - 10 تي ڪارونجهر هال مني ۾ ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي سهڪار سان ڪافي ماڻهن شرڪت ڪئي. ان وقت ڊاڪٽر صاحب انهي تقريب جي صدارت ڪئي ۽ ڊاڪٽر صاحب کي اهڙي ته خوشي ٿي جڻ وچ سمنڊ ۾ ڦاٿل ٻيڙي اکري پار ٿي آهي.

انهي کان اڳ ڪافي وقت ڊاڪٽر صاحب پنهنجي خاندان جي ماستر ڪرمچند ڳوٺ ٻجاڙو کي پنهنجي خاندان جي تاريخ لکڻ لاءِ سات ڏنو هو، پر ماستر ڪرمچند انهي

دوران دنيا مان هليو ويو. اها خواهش ڊاڪٽر صاحب جي جوڳو ونس اتهاس ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ سان پوري ٿي.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي زندگي جو سفر نامو لکڻ لاءِ مون کي چيو جو مون پنهنجو ڪتاب جوڳو ونس اتهاس پورو ڪرڻ بعد نوڪري ۾ ٽائيم تمام گهٽ ملندو هو پر ان هوندي به منهنجي وقت بوقت ڊاڪٽر صاحب سان ڳالهه ٿيندي هئي، جو محترم غلام محمد لغاري ۽ قائم سولنگي وارن وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪري مون کي مواد گڏ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، جو ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي سفر نامي جو هي ڪتاب مڪمل ڪري توهان جي اڳيان پيش آهي.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ ۾ مون هڪ وڏي خاصيت اها ڏٺي ته وڏا مهمان نواز آهن، وڏي سان وڏا ۽ ننڍي سان ننڍو، خوش طبيعت رهندا آهن. سال 2014ع کان ڪڏهن ڪڏهن منهنجو پڻ ڊاڪٽر صاحب وٽ وڃڻ ٿيندو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي عمر 85- سال آهي، ليڪن وقت جا پابند آهن، صبح جو سوير 5- وڳي اُٿي يوگا ڪندا آهن ۽ گهر ۾ مندر نهيل آهي، اُتي ڀڳوان جي شيوا پڻ ڪندا آهن، جيڪي به مهمان ايندا آهن، انهن کي پنهنجي هٿن سان ماني، پاڻي ۽ چانهه وغيره ڏيندا آهن. آئون حيران ٿيندو آهيان ته هن عمر ۾ خود پنهنجي هٿن سان مهمانن جي ڪئين خدمت ڪري سگهن ٿا. اسپتال ۾ پڻ وڏي انگ ۾ مريض ايندا آهن، ته انهن جي به خدمت ڪندا آهن، انهن سيني اصولن کي ڏسي پرکجي ته ڊاڪٽر صاحب هن دنيا ۾ هڪ ديوتا سمان آهن، جيڪي پيدا ئي انسان ذات جي خدمت لاءِ ٿيا آهن.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي زندگي جو سفر نامو ڏسجي ته انتها ڏکن مرحلن مان گذريو آهي. هڪ ته ڪشالا ڪري ٻُک ۽ اُڃ تي پڙهائي کي عروج تي پهچايو، ٻيو ته سندس گهر واري جواني ۾ اڪيلو ڪري دنيا مان هلي وئي، ٽيو ته سندس پٽ ڊاڪٽر سردار مغز جي بيماري ۾ سال 2015ع کان بيمار هئڻ ڪري ڪروڙين رپيا آمريڪا تائين خرچ ڪرڻ سان به صحتيابي

نہ ملي اها تہ ڳاتي ٿوڙ صدمو آهي، پر هن انسان همت نہ هاري ۽ جئين زندگي جو سفر رهيو، انهي رفتار ۾ آهي. ڊاڪٽر راڻاسي رائوڙ جي شروعاتي تعليم جي دور ۾ ميگهواڙ ونس ۾ تمام گهٽ تعليم هوندي هئي، پري پري پڙهڻ لاءِ وڃڻو پوندو هو. ذريعا نہ هوندا هئا، تعليم پرائڻ تمام ڏکيو ڪم هو. سندس وڏي ڀاءُ ماستر پريولال جي همت افزائي سان تعليم حاصل ڪري عروج ماڻيو. زندگي جي سفر ۾ هن جو خاص ڌيان غريبن جي ٻارن کي تعليم ۽ بيمار ماڻهن جو علاج ڪرڻ تي آهي. سندن انسانذات سان پلايون ڪڏهن بہ وساري نٿيون سگهجن ۽ سندس انساني دوستي کي جيڪڏهن عبدالستار ايڌي سان ڀيٽ ڪجي تہ بہ گهٽ ناهي..

کرنا هي وه کر لو ري، پهر نهين پچهتانہ ري
رات اندهيري چهائي ري، آنکهہ کهول کر ديکهو ري
کرني ايسي کر کي جائو ري، ساري دنيا روئي ري
جب کوئي بات آوي ري، رانا تيري کهاني گائي جاوي ري

انسپيڪٽر گومن مل تيجارام رائوڙ
ڳوٺ هريار، حال مٺي انچارج ليگل ايس پي آفيس مٺي
فون: 0333 - 2504423

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ
ميگھواڙ جاتي جو تعليم سنوار

تاريخ ۾ جيڪي بہ وڏا ۽ املھہ ماڻھو پيدا ٿيا آھن، اهي اڪثر مظلوم پيڙهيل طبقي سان نروار ٿيا آھن. ٿر جي اڏول انسان ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي جرئت ڪي آديش، جو هي ڪيسي خالي نڪري حيدرآباد اچي ٽيوشنون پڑهائي، اسڪالرشپون ماڻي، پنھنجي محنت ۽ ذهانت سان ميگھواڙ برادري جو پھريون ڊاڪٽر ٿيو. قدر آور شخصيت جنھن جي ڪردار جي سچائي، اوکي ۾ گھرجائن جي مدد ڪندڙ، 50- سالن کان مسلسل بيمار مخلوق جو مسيحا ۽ آسرو ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي بي لوث خدمت ۽ اتهاس سندس پٽن، پوٽن توڙي سندس رهنمائي ۽ نگراني ۾ پريڪٽس ڪندڙن لاءِ شناختي ڪارڊ جي حيثيت رکي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جو وجود ميگھواڙ خاندان لاءِ اميدن ۽ خوشين جي رکشا ڪرڻ ۽ شيِ پاونائون آڇيندڙ رهيو آھي. هر وقت چست رلڻو ملڻو، با اصول هن شيوڪ انسان جي مزاج ۾ ڪاوڙ ۽ نھڪار ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ نہ آئي.

اسپتال ۾ ايندڙ جنھن بہ اگھي سان مليو تہ ان کي پنھنجو گرو ديو بنائي ڇڏيائين. پاڻ سانگھڙ ۽ ٺٽي ضلعي ۾ الائي ڪڏهن سول سرجن رهيو، پر اتان جا ماڻھو اڄ بہ علاج لاءِ ڊاڪٽر راڻو راڻو ڪندا وٽس ميرپورخاص مومل ميڊيڪل سينٽر سيٽلائيٽ ٽائون پھچن ٿا. سڄو ڏينھن مريضن جي وچ ۾ رهڻ جي باوجود پاڻ سوشل سرگرمين ۾ حصو وٺڻ، سارڪ ملڪن جو سير سفر ڪرڻ ۽ انهن يادن کي بہ ڊائري ۾ محفوظ ڪرڻ جيڪو اعليٰ ذوق آھي. ڊاڪٽر راڻا رانوڙ پنھنجي ڪيريئر جو آغاز ميڊيڪل آفيسر ميرپورخاص، ٽنڊو محمد خان، ڊگھڙي، لاڙڪاڻو، بلوچستان جي شھر بيلا ۽ گھڻو وقت سول سرجن

سانگهڙ ۾ نٽو رهيو ۽ آخر ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ 20- هين گريڊ ۾ رٽائر ٿيو.

کبيرا جب سنسار ۾ آئي، جڳ هنسي تم روئي

ايسي ڪرني ڪر چلو، تم هنسو جڳ روئي (ڪبير ڀڳت)

ڊاڪٽر راٽا رانوڙ جي پڙهائي خود ٿر جي شاگردن لاءِ اتساهه جو سبب بڻي، هن پسماندهه برادرين ۾ تعليم وڌائڻ لاءِ ايجوڪيشنل سوسائٽيون ناهيون، ٿر ۾ دورا ڪري پرچار ڪيو. هينئر به 84 سالن جي ڄمار ۾ سجاڳي جي سڏن ۾ شموليت، فلاحي ڪمن ۾ سهائتا ۽ سرواٽي ڪندو رهي ٿو. هن بافضليت ۽ باڪردار انسان جو وجود هن ڌرتي تي باعث ٻلائي آهي. آرين هند ۾ سنڌ ۾ اچڻ شرط رنگ ۽ نسل جو بنياد وڌو، پر ميگهواڙ قبيلو آرين کان اڳ سنڌو تهذيب جو رکوالو آهي. شاهان گجر ۾ ايس صادق علوي، رقم طراز آهي ته هي اصل راجپوتانا جا آهن، جو پوءِ گجرات ۽ ڪڇ کان ٿر تائين ۽ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا. هينئر جيڪي سنڌ ۾ ميگهواڙ زياده رهن ٿا. انهن جي ٽن نسلن تيزي سان علم حاصل ڪري پاڻ کي تعليم جي حسن سان قابل احترام ڪيو آهي. هن ڪميونٽي ۾ ايڏيون ته مهان شخصيتون موجود آهن، جن کي آئيڊيل وٺي سنڌ برادرين نسل سڌارڻ شروع ڪيا، جن ۾ پرائيڊ آف پرفارمنس ڊاڪٽر سونو مل ڪنگهاراٽي، استاد ساجن داس، وڪيل ارجن داس (پنو عاقل)، سگالچند (ننگرپارڪر) ٻيجل مل لنجار (رڻ ڪڇ) ڊاڪٽر جوڌو مل (عمرڪوٽ) صحافت ۾ معصوم ٿري (جهڏو) ڊاڪٽر جئه مل ڏناٽي سياستڪارن ۾ ڊاڪٽر ڪٽو مل جيوڻ (جيڪو ميگهواڙ ڪميونٽي لاءِ نيلسن منڊيلا ثابت ٿيو آهي)، سينيئر انجنيئر گيانچند (ڏيپلو) موسيقار استاد تاراچند (پٽ شاهه) ڊاڪٽر چيلارام (چور ٿيپري) ڪستور چند چيلاٽي (راجوڙو) مهراڻ مل بانبنيا (عمرڪوٽ) رتنا ٻائي (ٽنڊو محمد خان) ۽ ٻيا هر فيلڊ ۾ موجود آهن جن کي ڪميونٽي جو هر فرد قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو. ڪن محققن جي راءِ آهي ته ميگهواڙن جي

هڪ نک مان وطن جي محبت جي علامت مارئي هئي ۽ حوالي طور لطيف جو بيت ته ”ماڙيچي ماڙين ۾ مورئون ڪيم رهي“ ۽ اهڙيون ٻيون سٽون به گواهي طور پيش ڪن ٿا ته مارئي، ميگهواڙن جي ماڙيچا نک مان هئي. اهڙي طرح انديا جي شهر مليار ۾ مينگو انٽرنيشنل نمائش لڳي ان ۾ هڪ ميگهواڙ آبادگار هڪ انب جي جنس تي پنهنجي ڌرم پتني جي ياد ۾ نالو ”سندري“ رکيو، جنهن انب جا قلم ۽ پٽا بعد ۾ سنڌ ۾ ميرپورخاص هارٽيڪلچر سينٽر پهتا، جن جي پيوندڪاري ڪري چڪيون تيار ڪري زميندارن کي ڏنيون ويون. خان صاحب دين محمد جوٽيجي اهي چڪيون لڳائي جيڪي انب تيار ڪيا، انهن تي نالو پنهنجي ڳوٺ سنڌڙي جي نسبت سان رکيائين، اهڙو حوالو انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ۾ موجود آهي. ”سولنگي قبيلي جي تاريخ کان علاوه آئينهٔ قديم سنڌ، دائره معارف اسلام، ميگھه ونس اتهاس، جنت السنڌ ۽ هندو ڌرم جي ٻين ويدن ۾ پڻ ميگهواڙن بابت حوالا موجود آهن. ”ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا“ ۾ رانوڙن جي تيرهن شاخن جو شمار راجپوتن جي ڇٽيهه خاندانن ۾ ٿئي ٿو، راجا قنوج رانوڙ جنهن ”قنوج“ جو شهر ٻڌايو هو. سورج ونسي ڪل ۽ سام بن نوح جي هڪ پٽ ”ٻڌا“ جي نک دراوڙ جيڪي اڳ هنگلاج ٻت خان جي ديوي جا پوڄاري به هئا. تڏهن دراوڙن لس ٻيلي، لاڙ ۽ ٿر ۾ به حڪومت ڪئي ۽ باقاعده رانوڙ ڊائنا سٽي سڏبي هئي، پراچين زماني کان رانوڙ مان ”جوڳو“ ونس آهي. ڊاڪٽر راٺا رانوڙ جوڳو ذات جو آهي. سندس وڏا ڪن حالتن جي ڪري اتر قنوج مان لڏپلاڻ ڪري جيسلمير کان سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ عمرڪوٽ تائين پهتا. جتان پوءِ هريار ٿر ۾ ڪجهه وقت رهڻ لڳا ۽ هتي اڇي مالهڻ ديوي جا پوڄاري ٿيا. اٽڪل 16- هين صدي ۾ جاڳن جو ڪو خون ٿيو، جنهن بعد اتان لڏي عيسب فقير جي درگاهه (چور) ۾ پناهه ورتائون ۽ سندس اولاد عيسب فقير جو به مريد ٿيو، شجري ۽ نکن موجب ڪيترائي ڳوٺ نهيا، جن ۾ ڪيمي جو پار،

چاڙهيار، پاڏاسندا، پاڏاري، ڪينسر، ڊيڀوڙي، ڪياڙو، ڏانياريو، پاڀوويرو، جوڳلار ۽ ٻيا مشهور آهن. ڊاڪٽر راڻا راٺوڙ جو ڏاڏو هيمون ۽ پڙ ڏاڏو ڪيسو راٺوڙ ڳوٺ چاڙهيار ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڪافي راڄ 1965ع ۽ پوءِ 1971ع جي جنگ ڪانپوءِ هندستان هليا ويا. ڊاڪٽر راڻا صاحب جو جنم 10- مئي 1934ع ۾ ٿيو، پاڻ 5 پائرن ۾ ننڍي ۾ ننڍو آهي. سندس اسڪول ۾ داخلا 1940ع ۾ ٿي، ليڪن اسڪول پري هئڻ ڪري 2- سال پڙهائي کان محروم رهيو ۽ پوءِ 1945ع ۾ ڊبل پروموشن ڪري پڙهيو ۽ ايئن 27- ڪلو ميٽر پري اسڪول گدڙو سٽي ۾ پڙهڻ لڳو ۽ مڊل چاچرو اسڪول مان 1950ع ڏاري پاس ڪيائين. علم جو سفر جاري رکندي 1952ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ 1953ع جي بئنچ ۾ مئٽرڪ ۽ ڊي جي ڪاليج مان انٽر فرسٽ ڪلاس پاس ڪري پوءِ ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان 1961ع ڌاري پاس ڪري ملازمت ۾ آيو ۽ عمر جا 60 سال پورا ڪري 20- هين گريڊ ۾ رٽائر ٿيو. ڊاڪٽر راڻا ولد چانپارام راٺوڙ جنهن جي ماءُ شريمتي باري ٻائي جي ذات ڪڏيچا ۽ نک پرمار آهي، ڊاڪٽر راڻا کي 5 پٽ جن ۾ وڏو ڊاڪٽر سرجن جواهر لال، ڊاڪٽر گوهر راٺوڙ، ڊاڪٽر سردار راٺوڙ، انجنيئر نريندر راٺوڙ ۽ فنانس آفيسر جتندر راٺوڙ آهن. اهو به اهم نڪتو آهي ته، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي گهر واري جي ڏکوئيندڙ سانحي کان پوءِ ٻي شادي نه ڪئي.

پاڻ 1952ع کان خوشيرام هريجن ٽرسٽ سان به وابسته رهي سيٺ هوندراج آوتراءِ راجپال سان سڄي سنڌ ۾ خاص طور ٿر ۾ اسڪالرشپ ورهائي ٿو. ٿرديپ جهڙي مصروف اين جي او ۾ جنرل باڊي جو ميمبر پڻ آهي. ان کانسواءِ نوڪري دوران 20 سال مختلف ضلعن ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جو صدر رهيو ۽ ڪيترين ئي ميڊڪل ڪئمپون لڳايون. هندو ميٿالاجي موجب 50 کان 75 سالن تائين ماڻهوءَ کي برهم چاري ٿي رهڻو آهي، جنهن ۾ خير خيراتون، ست سنگ، پوڄا پاٺ،

رياضتون ڪرڻ وغيره. ان ڪانپوءِ ڪيس سنياس ۾ وجھو آهي، پر ڊاڪٽر راڻا صاحب پاڻ کي پوڙھو سمجھي ئي نٿو. پاڻ خوش پوشاڪ، خوش اخلاق، خوش طبيعت ۽ توڪل تي ياڙيندڙ انسان آهي، پنهنجي مسيحائي پيشي سان ناتو نڀائيندي اڄ به ميرپورخاص سيٽلائيٽ ٽائون ۾ سندس "مومل ميڊيڪل سينٽر" غريبن لاءِ هڪ سهارو آهي. سچ پچ ته ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ ميگھواڙ جاتي لاءِ هڪ تعليم سنوار آهي.

قائم سولنگي، ميرپورخاص
030773343200

ڊاڪٽر راڻا رانوڙ
جي گڻوان شخصيت

انسان پنهنجي سياڻُ جي وس تي ڪم ڪري ٿو هو پنهنجي ئي فطرت جي ڪري ڪو ڪم ڪرڻ ڪانسواءِ رهي ٻہ ڪونہ ٿو سگهي. اهو منش جڏهن بنا ڪنهن لالچ جي نشڪام ٿي ڪري انسان ذات جي سک ۽ ڪلياڻ لاءِ ايئن خدمت سرانجام ڏي ٿو، اهڙو ماڻهو سک، نفعي نقصان ۽ هار جيت جي فڪر کان بالاتر ٿي ڪري جڏهن اهو ڪم ڪري ٿو بلڪہ هو ايئن ڪندو رهي ٿو يقينن اهو ماڻهو هن زماني ۾ وڇوڙي ٿيڻ ڪانپوءِ بہ سدائين لاءِ محفوظ رهي ٿو. ڊاڪٽر راڻا جي واڪاڻ ۽ سندس نالي جي مشهوري مون کي آڳاٽو سڌ هئي ۽ دل ئي دل ۾ اها ڳالهہ وراڪا ڪائيندي ٿي رهي تہ ڊاڪٽر صاحب جا درشن ڪجن، سو مون بنا ڪنهن ڏيٺ ويٺ جي هڪڙو خط آر ايم سول اسپتال ميرپورخاص جي ائڊريس تي اُماڻيو تہ ان جي جواب ۾ ساڳئي هفتي ڊاڪٽر صاحب جي هٿن جو لکيل خط اچي مليو، انهيءَ سان منهنجي دل ۾ ڊاڪٽر صاحب لاءِ ويتر احترام ۽ سڪ ۾ اضافو ٿيو هو ۽ پوءِ هڪ تہ سندس مٿي ذڪر ڪيل رهائشگاهہ تي شيڊيولڊ ڪاسٽ ايجوڪيشنل ڪميٽي جي ميٽنگ ڪوٺايل هئي، انهي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مون کي بہ سڏ ڏنو ويو هو اهو منهنجو ميرپورخاص لاءِ پهريون سفر هو، ڊاڪٽر صاحب مون (جونيئر ڪلرڪ) جهڙي ادنيٰ ماڻهو کي ميٽنگ ۾ شامل ڪيو جتي ڏيپلو مان مينارام، مٺي مان ساجن داس چنداڻي، اسلام ڪوٽ مان منگل داس نگارام، سامارو مان ديال داس، ڇاڇرو مان وڪيل پمرلال، عمرڪوٽ مان ڊاڪٽر جوڌو مل ۽ ڇمبڙ مان وسند داس صاحبن بطور ميمبر شريڪ ٿيل هئا. مون انهيءَ ميٽنگ جي ڪارروائي مان ڪجهہ پرايو. ميٽنگ جي پڄاڻي تي سيني مون کي ڪيڪار پليڪار ڇئي اتر

سنڌ ۾ تعليم جي سلسلي ۾ احوال ورتا ۽ مون کي پنهنجي پيار ۽ اُمنگن سان مان ڏنو، اهي لمحا مون کي پنهنجي زندگي ۾ اثاثي طور ياد آهن ۽ ياد رهندا، انهيءَ رات ڊاڪٽر صاحب مون کي پاڻ وٽ ترسايو ٻي ڏينهن سندس اسپتال ۽ شام جو پرائيويٽ ڪلينڪ تي وٺي هليو جتي جهان خان ڪوسو ، ڊاڪٽر صاحب سان ملڻ آيو هو. ڊاڪٽر صاحب ڪوسي صاحب سان تعارف ڪرائيندي چيوته هي ارجن داس اتر سنڌ کان آيو آهي خدمت ڪرڻ جو جذبو رکي ٿو، انهيءَ تي مسڪين اٿي مون کي ڀاڪر پاتو ۽ انهيءَ سفر ۾ حوصلو نه هارڻ، دل ڪچي نه ڪرڻ ۽ بهانا ڳاهي ڀڄي نه وڃڻ کان روڪڻ جي تلقين ڪندي آخر ۾ چيائين ته ڏٺي توهان کي ڪڏهن به مياري نه ڪندو. ڊاڪٽر صاحب جي قرب جي ڪشش هئي جو سندس ڊگهڙي، ٽنڊو محمد خان، ٺٽو ۽ سانگهڙ جي اسپتالن ۾ مقرري جي موقعن تي به آئون وٽس ويندو رهيو هئس. 1971ع ۾ ڊاڪٽر پنهنجي شادي جو سڏ ڏنو ته لانڊي ڪوٽ ميرس ۾ سندس ڪاڄ ۾ وڃي شريڪ ٿيس ۽ سندس چچ سان ڀوريلو به ويس، اتي ٻي ڏينهن تي صبح تي ساجن داس چنڊاٽي مون کي جيپ تي کڻي چاچرو وٺي هليو، چاچري جي هڪ برهمڻ چات چوت جي مت ڀيد کي هوا ڏيڻ لاءِ هڪ ڪتاب لکيو هو مون کي انهي برهمڻ سان موضوع تي بحث ڪرڻ جو وڏو شوق هو، پر ان ڏينهن هو چاچرو کان ٻاهر ويل هو. 1975ع ڏاري ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي لاڙڪاڻي بدلي ٿي ۽ هو ٻارن سميت لاڙڪاڻي آيل هو ته مون به پنهنجي شريڪ حيات کي تيار ڪري وڃي لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر راٽا جي رهائشگاهه ڳولي لڌي، پاڻ ته خوش ٿيو پر مون کي اهو فڪر رهيو ته جي عورتن هڪ ٻي جي ٻولي کي نه سمجهيو ته ٻي مزي رهنديون ليڪن بعد ۾ منهنجي مالڪياڻي اچي ٻڌايو، اسان هڪ ٻي جي ٻولي سمجهي ورتي آهي ۽ اسان هڪ ٻي جون ڀينر بڻجي ويون آهيون، اهو ڀاڄائي مومل جو تدبر هو ورنه اسان ته سادا لوڪ هئاسين. ان وقت موهن ۽ منوهر اسان

سان گڏ هئا ۽ ڊاڪٽر صاحب کي ٻه ٻه ننڍڙا پٽ هئا، ان بعد منهنجا ٻار ڊگهڙي، سانگهڙ، ٽنڊي ٻه هليا هئا. ٽنڊي ۾ پاڄائي مومل سنڌس منهن ٻولي پيڻ منهنجي گهر واري کي پنهنجي دلي تمنا ٻڌائي ته پيڻ پڳوان پاڻ ٻنهي کي پنج پنج پٽ ڏنا آهن، باقي تو وانگر هڪ نياڻي ڏي پر بندي جي من ۾ هڪ ته صاحب جي من ۾ ٻي، پاڄائي مومل جي اها آس پوري نه ٿي ۽ پاڻ ٻيڙي ۾ سوار ٿي پنهنجي ڏيهه هلي ويئي. پروفيسر پريم ۽ ڊاڪٽر جواهر صاحب جي گهر مهمان خاني ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ مثالي سات ڏنو. شڪتي رام ٻه ڊاڪٽر صاحب کي پيارو لڳندو هو جو کيس پڙهائي لاءِ تيار ڪيو هئائين، جنهن ريلوي ڊپارٽمينٽ مان رٽائر ڪيو آهي. شڪتي رام، پرفيسر پريم، ڊاڪٽر جواهر، ڊاڪٽر گوهر، ڊاڪٽر سردار، انجنيئر نريندر ۽ جيتندر مون کي پنهنجي ننڍڙن پائرن ۽ اولاد جيئن پيارا لڳندا آهن، مون ڊاڪٽر صاحب کي هر هنڌ هڪ جهڙو ڏنو، اسپتالن جي صفائي، سنائي، پارڪ، رستن رهائشي جاين جي مرمت جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ هن ڪابه ڪثر ڪونه ڇڏي هئي. مريضن خواهه سماج ۾ سنڌس لاءِ وڏو احترام رهيو آهي. وزيراعظم محمد خان جوڻيجو وٽ هڪ ماڻهو ڊاڪٽر صاحب کي بدلي ڪرائي سانگهڙ مان ٻي دخل ڪرڻ ٿي چاهيو جو ڊاڪٽر صاحب انهيءَ جي هڪ غير قانوني غلط فرمائش پوري ڪونه ڪئي هئي. جوڻيجو صاحب پنهنجي انهيءَ هجائتي ماڻهو کي چيو ته ڊاڪٽر راٽا جو متبادل ٻڌايو، ته ڪم ۾ ڪا غلطي ٻڌايو، باقي توهانجي غلط ڪم جي پورائي نه ٿيڻ جي ڪري آئون ڊاڪٽر صاحب جي بدلي ڪونه ڪرڻ ڏيندس، هرويرو توهان ٻه پنهنجي پير تي ڪهاڙي هڻي پنهنجي اسپتال مان اهڙي ماڻهو کي ڪيرائڻ واري نياڳ کي سڏ نه ڏيو. ڊاڪٽر صاحب شگر ۽ ٻين عارضن هوندي ٻه باقاعده يوگا ۽ ورزش سان پاڻ کي فٽ ۽ اورچ رکيو تو اڇي. سماج جي اصلاح لاءِ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ، رهنمائي ڪرڻ، مالي خرچ ۾ هٿ ونڊائڻ شاگردن

جي مشڪلاتن ۾ سندن هٿ وندائيندو ۽ ٻانهن ٻيلي ٿيندو رهيو آهي. ڊاڪٽر راٽا رانوڙ جي شخصيت تي لکڻ لاءِ (مون سمجهو چڙهيا سيرتي) ڪتاب ۾ ٻه ڪجهه لکيو آهي ته جيڪو هتي دهرائڻ ڪونه ٿو گهران. بس آئون پنهنجي وڏي ڀاتي سڄڻ جي نظرن سان ڏسندو ۽ سدائين سندس احترام ۾ رهڻ جو متمني آهيان. زندگي ڪيترو ساٿ ڏيندي پر ڊاڪٽر صاحب سان گڏ گهاريل گهڙيون صرف حڪايت صاف ۽ اصول وارين ڳالهين ڪي پنهنجي رهنمائي ۽ شعار بنائڻ جو سدائين خواهشمند رهڻ گهران ٿو.

وڪيل ارجن داس امر وير لڏارام
استيشن روڊ پنو عاقل ضلع سکر
03323839970

ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ
هڪ آدرش انسان

جب تم آئي سنسار ۾ جڳ هنسا تم روئي
اب ايسي ڪرني ڪر چلو تم هنسو جگ روئي.

منش جو درجو هن پوري سنسار ساگر ۾ مهان آهي، جنهن ڪي پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ سچائي، عدل، ۽ انصاف، سخاوت، قرباني ۽ سعادت جي ڏاڪن تان چڙهي پنهنجي اوچائي بي منزل ڪي رسي ٿو ۽ آتمڪ، پرڪاش ۽ روحاني راحت جو ڀرپور مظاهرو نصيب ٿئي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ ڪي آنند پراپت ٿئي ٿو. انسان صحيح مهانتا جو درجو تڏهين ماڻي سگهندو جڏهين منجهس جدوجهد، محنت، همت، خدمت خلق ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جو گڻ موجود هجي، سچائي ئي هن سنسار جي مها ساگر ۾ انسان جو پهريون ڏاڪو آهي، جيڪو منش ڪي اُتم پدوي تي پهچائي ٿو، انسان جڏهن هن پرٿوي جي ستايل، بڪايل، مسڪينن، غريبن ۽ ابوجهه انسانن جي بنا ڪنهن لالچ، لوڀ، نفرت، ذات پات، مت ڀيد ۽ بنا ڪنهن امتياز بي سواءِ خدمت ڪري ٿو،تڏهين اُن ڪي ديو ديوتا ڪان بہ اُچو درجو پراپت ٿئي ٿو. اهوئي اوچ درجو ماڻيندڙ ۽ مهان پدوي پراپت ڪندڙ آدرش انسان جيڪو ساگر ڪان وڌيڪ گهرو، آسمان ڪان اوچو وڌيڪ وسيع دل رکندڙ ۽ چندرما ڪان وڌيڪ ماٺار جهڙي گڻن سان ڀريل مهان پُرش شري ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ بہ هڪ آهي. جيڪو ڇاڇري تعلقہ جي ڳوٺ ڇاڙهيار جي هڪ غريب هاري شري چانپارام جوڳو ۽ شريمتي پاري نک ڪڏيچو جي گهر تاريخ 10- مئي 1934ع تي جنم ورتو.

ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ جن پنهنجي پنجن ڀائرن ۾ سيني ڪان ننڍو آهي. ڊاڪٽر صاحب مڊل تائين تعليم ڇاڇرو مان حاصل ڪيائين، بعد ۾ هيري وانگر جلڪندڙ ۽ انمول

شخص راڻا صاحب کي سلام آهي جو هڪ غريب ۽ مسڪين ماڻهو ۽ جيب خالي گهران نڪري پنهنجي تقدير آزمائڻ لاءِ حيدرآباد جو رُخ ڪيو، جتي ٽيوشن پڙهائي، اسڪالرشپون ماڻي پنهنجي لگن ۽ محنت ۽ ذهانت سان پڙهائي جاري رکي.

تاريخ تي نظر ڦيرائبي ته معلوم ٿيندو ته دنيا ۾ جيڪي به وڏا ۽ املهه ماڻهو پيدا ٿيا آهن، اُهي گهڻو ڪري پيڙهيل طبقي مان نسري نروار ٿيا آهن. اهڙي طرح ميگهواڙ جاتي جو هڪ غريب سال 1961ع ۾ پهريون ميگهواڙ برادري جو ڊاڪٽر ٿيو ۽ پنهنجي قوم جو ڳاٽ هماليه جبل کان اوچو بنائي تاريخ جي سونهري ورڪرز ۾ لکرايو. راڻا سي راٺو صاحب پنهنجي ڪئريئر جو آغاز ميڊيڪل آفيسر طور ميرپورخاص کان شروعات ڪئي، پوءِ ٽنڊو محمد خان، ڊگهڙي، لاڙڪاڻو ۽ بلوچستان جي شهر بيلا ۾ نوڪري ڪئي، ۽ گهڻو وقت سول سرجن طور سانگهڙ ۽ ٺٽي ۾ سروس ڪئي. آخر ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ 20- گريڊ ۾ رٽائرڊ ٿيو.

راڻا سي راٺوڙ هڪ انسان دوست ۽ آدرش انسان آهي، ۽ منجهس ڪوبه مذهبي مڊپيد نه آهي، هي هڪ مسيحا، هڪ مهان ڪردار، حوصلي جي بي پناهه سگهه ۽ پختي ارادي جي علامت ۽ نيمڪ انسان اهي، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زندگي ۾ ڪيترائي، ڏک ۽ ڏولاوا ڏٺا، سخت محنت ۽ پورهيو ڪري لاچار، بي سهارا بيمار ماڻهن جو علاج ڪري هيٺن کي همت ۽ حوصلو ڏنو. هن جي دلي تمنا آهي ته ماروئڙن جي ديس جا ماڻهو عزت آبرو ۽ پريم رنگ ۾ اچي لال ٿيئن. سندس ماهرانه ۽ طبي، صلاحتن ۽ تجربن جي پوري ملڪ کي اعتراف آهي. راڻا سي راٺوڙ پنهنجي جيون جو سمورو وقت هڪ صحت مند معاشرو ڏسڻ لاءِ پاڻ کي وقف ڪيو. هن صاحب پنهنجي ميگهواڙ برادري جي نوجوانن کي علم جي روشني سان منور ڪيو ۽ دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته ميگهواڙ جاتي ڪنهن کان گهٽ نه آهي. هن صاحب بنا ڪنهن لالچ جي وڏي خدمت ڪئي ۽ ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي وڏو نه سمجهائين، جيئن سنت

ڪبير جو هڪ دوهو آهي.

بڙو بڙائي نہ ڪري، بڙا نہ بولي بول
هيرو مُک نہ کهي، لاک ميرا مول.

ڊاڪٽر صاحب جي مزاج ۾ ڪاوڙ، تعصب ڪاوڙ، غرور، لوڀ، ۽ لالچ ۽ اهنڪار ڪڏهن بہ نظر نہ آيو، پاڻ سير ۽ سفر جو شوقين رهيو، ڪيترن ئي مُلڪن جو سفر ڪيو ۽ پنهنجون يادون دائري ۾ محفوظ ڪرڻ جو شوقين رهيو. ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي ڌرم پتني ”مومل“ جي دکدائڪ سانحي کان پوءِ ڪافي ڏُکي رهيو ۽ توڙ تائين ٻئي شادي ڪونہ ڪئي. پنهنجي ٻچن کي ماءُ جي مامتا ڏيئي پالي وڏو ڪيو. ڪيس پنج پٽ آهن، جن کي پڙهائي وڏيون نوڪريون ڏياريون، جن ۾ وڏي ۾ وڏو پٽ ڊاڪٽر جواهر رانوڙ سرجن، ڊاڪٽر گوهر رانوڙ، ڊاڪٽر سردار رانوڙ، انجنيئر نريندر رانوڙ ۽ فنانس آفيسر جيتندر رانوڙ اهن.

ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ غريب شاگردن جي پڙهائي ۾ هزان وڙان مدد ڪئي، ڳوٺ ڳوٺ جا دورا ڪري ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ پرچار ڪيائين تہ علم ڪانسواءِ اوندهہ آهي، اوهان اندر ۾ علم جا ديپ روشن ڪريو ۽ پٽ تي پيل غريبن جي تعليم وڌائڻ لاءِ ايجوڪيشن سوسائٽيون قائم ڪيون، اڄ بہ 85 سالن جي عمر ۾ بہ فلاحي ڪمن ۾ سهائتا ۽ اڳواٽي ڪندو آهي.

ڊاڪٽر صاحب آل سنڌ شيڊيول ڪاسٽ ايسوسيئيشن جو صدر ٿي رهيو ۽ اُن کان علاوه سيٺ خوشيرام طرفان ناهيل هريجن ٽرسٽ جو ميمبر بہ ٿي رهيو ۽ سيٺ هوندراج آوتراءِ راجپال سان گڏجي ٿر جي ڏوراهن ڳوٺن ۾ وڃي اسڪول شاگردن ۾ اسڪالرشپون ورهايائين. نوڪري دوران مختلف ضلعن ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جو صدر رهيو ۽ ڪيتريون ئي ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي بيمار ماڻهن کي صحتياب ڪيو. ٽرديپ جهڙي معروف اين جي او جي جنرل باڊي جو ميمبر پڻ آهي، نئي ريڊ ڪراس ۽ ٿي بي ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري ٿي رهيو. 9- سال

سانگهڙ ۾ پي ايم اي جو لڳاتار صدر ٿي رهيو.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جا ڪيترائي دوست هئا ۽ ڪجهه زنده آهن، خاص ڪري مير رسول بخش ٽالپر، مير علي بخش ٽالپر، مير علي احمد ٽالپر، ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ، مير امام بخش ٽالپر، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، جهان خان ڪوسو، سگاڙ چند سيجو ۽ ٻيا ڪافي وڏيون هستيون سندس دوست ٿي رهيا.

ڊاڪٽر صاحب تي سڄي ميگهواڙ برادري وارن مٿن فخر آهي ته هن صاحب پنهنجي پيشي وراڻه لياقت سان پنهنجي وطن ۽ قوم جي هميشه خدمت ڪئي آهي. گڏوگڏ برادري جي سماجي ڪمن ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندو رهيو آهي. سندس هٿ ۾ قدرت ايڏي ته شفا ڏني آهي جو ٿر ۽ سنڌ جي ٻين علائقن مان مريض وٽني ميرپورخاص پهچن ٿا ۽ صحتياب ٿي ويندا آهن. ڊاڪٽر صاحب ڪڏهين ٻه پارٽي بازي يا سياست جي ور نه چڙهيو، فقط پنهنجي پيشي سان سچو ۽ پيار رکندو هو.

ڊاڪٽر صاحب اڄ ٻه 85- سالن جي عمر کي رسيو آهي، پر هو پاڻ کي پوڙهو سمجهي ڪونه ٿو. هر وقت چاڪ چوبند رهي ٿو، پاڻ خوش پوشاڪ، خوش اخلاق ۽ خوش طبيعت ۽ توڪل تي ڀاڙڻ وارو انسان آهي. پنهنجي مسيحائي پيشي سان ناتو نڀائيندي اڄ ٻه ميرپورخاص سيٽلائيٽ ٽائون ۾ سندس ڌرم پتني جي ياد ۾ ”مومل ميڊيڪل سينٽر“ غريبن لاءِ اڄ ٻه هڪ سهارو بڻيل آهي.

سومجي ڌاراڻي لڌارام، ڏيپلو
03333945672

هڪ تاريخ ساز شخصيت
ڊڪٽر راڻا سي راٺوڙ

ٿر جو علائقو سورن جو ساڙيل ۽ سڪن ڪان وانجهيل رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪڏهن ترقي پذير ۽ تهذيب يافته رهيو هجي، ان جا ڪجهه قصا ۽ ڪهاڻيون، دوها ۽ ڳاهون ثبوت طور ملن ٿا، نه ته هڪ اڌ سُڪار ڪانپوءِ ڏڪار هن علائقي جو مقدر بڻجي چڪو آهي، هن خطي جي ترقي ۽ عروج واري دور جي تاريخ به هوندي، ڪي ڪوي ۽ چارڻ ئي ان دور ۾ هوندا، جن وقت جي حاڪمن ۽ راڻن ڪي ڳايو آهي. اتي وري ڏڪاري حالتن ۾ سخي مرد رامي ٻوچيئي جي پياريل رب ڪي گهڻن ماڻهن ڪي ياد آهي، ته وري روپلي ڪولهي جهڙن ڪونڌرن ڪي به ياد رکندا پيا اچون. جن پنهنجون حياتيون ڌنيون پر ڌرتي جو ويساهه نه وڃايو آهي.

ٿر ڌرتي هر دور ۾ املهه ماڻڪ ۽ موتي پيدا ڪندي رهي آهي، جن پنهنجو ڪردار اهڙي اعليٰ نموني سان نڀايو آهي، جو اهو ايندڙ نسلن لاءِ آدرش ٿي ڪم اچي ٿو. انگريزن جي دور ۾ ڪجهه تعليمي ترقي آئي ۽ سماج ۾ تبديلي جا اهڃاڻ اُسري پيا، انهن جو سڌو سنئون اثر اسان جي پوئتي پيل سماج تي به پيو. تعليم پکڙي، انسانيت ڪنڌ مٿي ڪنيو، مجبور، مسڪين محڪوم ۽ مظلوم جاتين ۾ سجاڳي آئي، ڏکن ۽ سورن ڪي منهن ڏيندڙ اهي ماڻهن جن رڳو پورهيو ڪري پنهنجن ٻچن جو پيٽ پئي پاريو ۽ سماج جو خدمتون پئي ڪيون، انهن ڪي هر دور ۾ پنتي اڇلايو ٿي ويو، پر منجهن تعليم جي لاٽ ٻري پئي، ميگهواڙ جاتي جيڪا ان وقت پنهنجي بقاءَ جي جنگ وڙهڻ جي شروعات ڪري چڪي هئي، ان ڪي ڪيترائي مسئلا سامهون هئا. ”پنڻ وچان پڙهڻ ياد ڪونهي“ ويلي تي ماني پور ملڻ مشڪل، مٿان وري وڏن ماڻهن جون طبقاتي ورڇ واريون سوچون ۽ پڙهائي

جو خرچ، مطلب تہ وڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ کانپوءِ اهي ترقي جون منزلون طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مثال ڇڏي ويا. هڪ غريب هاري چانپارام جي گهر ۾ 1934 - 05 - 10 تي موجوده دور جي تاريخ جو هڪ عظيم ڪردار ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ ٿر جي ڪاڻڙ واري علائقي جي ڳوٺ چاڙهيار ۾ ڄائو، پاڻ پنجن ئي ڀائرن ۾ ننڍو هو. سندس وڏو ڀاءُ پرڀولال هڪ استاد هو، جنهن جي ڪوشش ۽ مائٽن جي دعائن کيس اڳتي اچڻ ۾ مدد ڪئي، جن ڏکن ۽ ڏاکڙن سان هن پنهنجي شروعاتي تعليم پرائي، اهي تڪليفون ۽ مشڪلاتون هن دور جي ٻار جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر آهن. پرائمري تعليم پنهنجي هوشياري ۽ قابليت سان حاصل ڪندي، جڏهن انگريزي تعليم لاءِ ڇاڇري مڊل اسڪول ۾ داخل ٿيو تہ اتي سندس واسطو هڪ هم ڪلاسي پرڀولال ٺيڪماڻي سان پيو، جنهن جو خاندان ان دور ۾ سلجهيل ۽ سنن خيالن وارو هو. تعليمي اوسر ۽ واڌ ويجهہ لاءِ اهڙي ماحول جو ملڻ بہ سندس خوش نصيبي هئي، جنهن جي ڪري هن ٻالڪ جي پرورش ۽ سنڀال بهتر نموني سان ٿي. جڏهن حالتون ڪجهہ قدر صحيح ٿيو وڃن تہ ذهني سوچ ۽ سمجهہ ۾ بہ ڦيرو اچيو وڃي. سنن خيالن جي پيدائش کيس اڳيرو ٿيڻ لاءِ همٿايو، نتيجي ۾ پاڻ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ پاس ڪئي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ اڳتي ڪاليج جي تعليم حاصل ڪرڻ سندس وس کان ٻاهر هئي، پر پاڻ همت نہ هاري، ڏک سور سهندي، بکون ڪاٽيندي، پٽ تي سمهندي، هتان هُتان پنهنجن پراون کان مدد وٺندي فرسٽ پوزيشن سان انٽر سائنس ڪري ورتو، نتيجي ۾ کيس پهرين ميگهواڙ شاگرد جي حيثيت ۾ ايم بي بي ايس ۾ داخلا ملي. ان وقت ميگهواڙ جاتي جا ڪيترائي پڙهيل لکيل ماڻهو استاد جي حيثيت سان مختلف هنڌن تي نوڪري ڪري رهيا هئا. انهن پنهنجي جاتي جي هن عظيم فرزند جي هر طرح سان مدد ڪئي، تہ جيئن پاڻ ايم بي بي ايس ڪري هن مسڪين جاتي جو

مسيحا بڻجي سگهي. ميڊيڪل جي پڙهائي ۽ ڳاتي پيڳا خرچ سنڌس وس کان ٻاهر هئا، پر ان وقت جي پرائمري ماسترن جيڪي ٽريننگ ڪاليج ۾ زير تربيت هوندا هئا، انهن پنهنجي فراخدلي ۽ قوم پرستي جي جذبي هيٺ ساڻس هر قسم جو سهڪار ڪيو. انسان جي پنهنجي نيت صاف هجي، اندر ۾ امنگ ۽ اتساهه هجي ته ڪوبه ڪم مشڪل ڪونهي. آخرڪار ڪوششون ڪامياب ٿيون ۽ پاڻ 1961 - 09 - 23 تي ميرپورخاص ۾ پهريون ميڊيڪل آفيسر مقرر ٿيا. ميگهواڙ جاتي جي تاريخ جو اهو هڪ اهم ڏينهن هو. اتي سروس ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس ننگرپارڪر جو آرڊر مليو. ننگرپارڪر ۾ رهي حقيقت ۾ پاڻ ٿر جي واري جو قرض لاتو، جو اڄ به انهيءَ علائقي جا پيرسن هينئر به ڳالهيون ڪندي جيڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر جو مسيحا جي حيثيت ۾ نالو کڻن ٿا، ته اهو ڊاڪٽر راٺا کانسواءِ ڪوبه ٻيو ڪونهي. پاڻ پڙهيو ته ٻين لاءِ علم جا دروازا کولڻ ۾ پمرلال ڊي نٿواڻي وڪيل سان گڏجي جدوجهد ڪندي نه صرف سيٺ خوشيرام، سيٺ دريانو مل هريجن ٽرسٽ جي سهڪار سان غريب ۽ مستحق شاگردن کي اسڪالرشپون ڏياريون، پر ميگهواڙ جاتي جي بهتري ۽ بهبودي جي مختلف پروگرامن ۾ هميشه سيني کان سرس سنڌس ئي خدمتون رهيون. وچ ۾ ڪجهه عرصي لاءِ کيس بلوچستان ۾ به نوڪري ڪرڻي پئي، اتي به پنهنجين ڪوششن ۽ ڪاوشن کي ايترو ته اجاگر ڪيو، جو جڏهن اتان سنڌس سنڌ ڏانهن واپسي ٿي ته اتي جا رهواسي سنڌس بهترين خدمتن خلق جي جذبي جي ساراهه مان نٿي ڊاپيا. واپسي ۾ وري اچي پنهنجن سان گڏ پڪڙا اڏيائين ۽ لڳاتار ڇهن سالن تائين ٿرپارڪر ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر ميرپورخاص ۾ آر ايم او سول اسپتال جي حيثيت سان تر جي عوام جي دل و وجان سان خدمت ڪندي، انهن جون دعائون ڪٽيندي پنهنجو نالو روشن ڪيائين. شاگردن ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ ناهيل سنڌ شيڊيولڊ ڪاسٽس ايسوسيئيشن جي نالي هيٺ جماعت جي

صدارت جو عهدو سنڀاليندي پنتي پيل قومن جي تعليمي ۽ سماجي سڌارن لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. 4- فيبروري 1971ع تي سندس شادي مامي ڪيتارام رامواڻي (پوريلو) جي ڌي مومل سان ٿي. جيڪو حقيقت ۾ قدرت طرفان هڪ انوکو ميلاپ هو. سندس شادي جي تقريب ميگهواڙ جاتي جو وڏو ڪاج هو. اوکي ۽ اڙانگي سفر هئڻ باوجود اتر سنڌ ۽ بلوچستان کان وٺي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مهمان پهتا هئا. ڪاڻ مڙهي جي گادي نشين ٻاوي پورڻ ناٿ ۽ مير علي بخش ڪانسواءِ ڪيترين ئي مهان هستيون ڪاج ۾ شريڪ ٿيون. پوريلي ويندي سندس ڄڄ کي چيلهار ۾ ماستر ڀانو مل ميگهو مل سرتاڻي چانھ پارٽي ڏني هئي. هند و پاڪ جنگ دوران سندس بدلي ٽنڊو محمد خان ٿي، جتي ٻہ پاڻ انسانيت جي جيڪا خدمت ڪئي، ان جي شاهدي تر جا ماڻهو ڏيندا رهن ٿا. ان وقت جنگ جي ڪري ميگهواڙ ملازمن کي ٿر مان بئراج ايريا ڏانهن بدلي ڪيو ويو هو، اهي پنهنجا موڪلن وارا ڏينهن ٽنڊو محمد خان ۾ گذاريندا هئا. شاباس آهي ٻائي مومل کي جنهن انهن ماڻهن جي ايڏي تہ خدمت ڪئي جو انهيءَ مومل راڻي واري جوڙي جو مثال اڄ ڏينهن تائين وري ڳوليو نٿو ملي، يڪدم کين سول سرجن ٿي مقرر ڪيو ويو، جيڪو علائقو ٻہ ان وقت تمام پنتي پيل هو، پاڻ هتي ٻہ دل و جان سان غريب توڙي امير جي بنا ڪنهن فرق جي خدمت کان وسان ڪين گهٽايو. اتي ئي ادي مومل جي قتل جو ڏکدائڪ واقعو شادي کان صرف ڏھ سال پوءِ 19- ڊسمبر 1981ع تي پيش آيو. ليڪن هڪدم ايڏي وڏي صدمي کي سهي پاڻ کي سنڀالي پنهنجن پنجن معصوم ٻاندون جي سنڀال لاءِ همت ٻڌي، ٻي شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. حالانڪ کيس ٻي شادي لاءِ ڪافي زور ڀريو ويو پر پاڻ پرڻو ۽ مرڻو هڪ دفعو واري اصول تي قائم رهي پنهنجي زندگي اڳي وانگر ٻين لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هن مهان شخصيت کي ڏکن جي ڪري لٽل ۽ سکن جي ڪري ڇڙهيل منهن سان ڪنهن ڪونہ ڏٺو هوندو،

جڏهن به ڏس‌بو ڪٽي ته سدائين مرڪ منهن تي رکي، ٻين کي کلي کيڪاريندو رهي ٿو. ڇا ٻار ڇا ٻڍا، ڇا پوڙها، ڇا جوان مطلب ته سمورا سندس انهي رويي جي جتي ڪٽي واکاڻ ڪندا رهن ٿا. مريض جي اڌ بيماري ڊاڪٽر راڻا جي اهڙي ورتاءُ جي ڪري ختم ٿيو وڃي ۽ باقي مسيحائي واري شفا سندس هٿ ۾ هجڻ ڪري مشڪل سان ڪو مريض وٽس آيو هجي ۽ صحتياب ٿي کلندو ڪڏندو گهر نه پهتو هجي. ٿنو مان ڪيس بدلي ڪري سول سرجن سانگهڙ مقرر ڪيو ويو جتي پاڻ پنهنجي ديوٽي ايمانداري ۽ سچائي سان ڪندي، اتي جي مريضن کي پنهنجي من موهڻي مرڪ سان نوازي ڪين صحت جي سُتي پياريندا رهيا. ان وقت جي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو ڪيس خاص طور تي پنهنجي ضلعي سانگهڙ جي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ سول سرجن مقرر ڪرايو ۽ پاڻ به انهيءَ ڪسوٽي تي پورا لٿا. ڪين هڪ سال لاءِ وري به ڊي ايڇ او ٿنو مقرر ڪيو ويو، جتان وري ڇئن سالن تائين واپس سانگهڙ ۾ سول سرجن ٿي ڪم ڪيائون. ٻائي مومل جي وچوڙي کانپوءِ ڊاڪٽر صاحب وڪري چڪو هو، پر شاباس آهي سندس پائٽي سرڳواسي پروفيسر پريم ڪمار کي، جنهن معصوم ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ پنهنجي وسان ڪين گهٽايو. ان سان گڏوگڏ سندس ڌرم پتني جنهن بهترين نموني سان انهن ٻارڙن جي پرورش ڪئي، انهيءَ ذري گهٽ ماءُ جي پالنا واري خال جي پورائي ڪري ورتي هئي، نتيجي ۾ پنج ئي پانڊو بهترين تعليم ۽ تربيت حاصل ڪندي پنهنجي منزل مقصود تي پهتا آهن. رٽائرمينٽ کان ڪجهه اڳ ۾ ڪين پروموشن ڏيئي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ حيدرآباد مقرر ڪيو ويو، 1994 - 6 - 9 تائين پنهنجي سروس دوران جيتري هن ماڻهو غريب غربي جي خدمت ڪئي، اها ڪو به ماڻهو من تان ميساري نٿو سگهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ۾ ٻائي مومل جي نالي سان ميڊيڪل سينٽر کولي پنهنجي خدمت کي جاري رکيو.

ٽنڊو جان محمد کي پاڻ پنھنجو ٻيو گھر سڏيندو آھي، اتي پنھنجي سئوٽ ماستر ساھو مل نگاڻي ۽ پنھنجي ڀاڄائي دادي لالي ٻائي جي سھڻين صلاحن ۽ رھبري لاءِ ھميشہ پيرو ڪندو رھندو ھو ۽ ڪڏھن گھوئي ڪين گسايائين، اڄ بہ پاڻ تہ ٺھيو پر سندس اولاد انھي ناتي کي برقرار رکيو اچي.

جن معصوم ٻارن کي ماءُ جي محبت ۽ پيءُ جو پيار ڏيئي پاڻ جيڪا سندن پرورش ڪئي، انھن مان سندس پٽ ڊاڪٽر سردار جي بيماري کيس ذھني طور تي لوڏي ڇڏيو آھي جوان پٽ مسلسل آءِ سي يو ۾ ھجي، ان پيرسن پيءُ جي پيڙا کي لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگھجي، پر پاڻ بہ اڃا تائين ٻين جي مسيحائي ڪندو ٿو رھي.

زندگي جي سماجي فرضن کان فارغ ٿي بہ پاڻ اڃا تائين سماجي خدمتن کان ڪناره ڪش نہ ٿيا آھن، اڄ بہ ساڳي جوش ۽ جذبي سان نہ صرف پنھنجي جاتي پر پوري انسانيت جي جيڪا خدمت ڪري رھيا آھن، ان لاءِ ھي لفظ چوڻا تا پون.

محنت منھنجو مقصد، محنت منھنجي زندگي
ڪريان خدمت ٻين جي، مون لاءِ اھائي بندگي.

امولڪ ٽري ساھو مل
ٽنڊو جان محمد

ڊاڪٽر راٺا سي رانوڙ ۽ سيٺ خوشيرام هريجن ٽرسٽ

ڊاڪٽر راٺا صاحب سان 1973ع ۾ ڏگهڙي اسپتال ۾ ملاقات ٿي نالو ته اڳ ۾ ئي ٻڌو هو جڏهن ته خط لکيم ته سائين جو جواب سدائين سني ۽ تفصيلي موڊ سان ملندو هو. انهن جوابن جي انداز سان متاثر ٿي سوچيندو هوس ته شل موقعو ملي ته درشن ڪيان، ٿيو ٻه ايئن ئي آئون فرسٽ ييئر ۾ پڙهندو هوس ته منهنجي مامي جي وڏي پٽ سڳني چند جي خيرپور ۾ پي ٽي آءِ جي ٽريننگ لڳي. ميرپورخاص وڃڻ ٿيو ۽ رات وچي ڏگهڙي ڊاڪٽر صاحب سان تعلقي هاسپيٽل ۾ رهي اسين. سائين جن جو مزاج، خدمت، تعاون ۽ پنهنجي برادري جي ڀلائي لاءِ جيڪو جذبو ڏٺو اهو اڃا تائين ساڳيو يا اڃان ٻه وڌيڪ پيو ڏسان. شاگردي جي زماني ۾ استاد ئي صحيح نه ڳالهائيندا هئا ليڪن هڪ سينيئر ڊاڪٽر جو فرسٽ ايئر جي اسٽوڊنٽ سان همدردي ۽ خلوص وارو ورتاءُ آئون زندگي ڀر ياد رکندو پيو اچان. رات جي ڏگهي ڪچهري ۾ اها معلومات ملي ته سائين جن سيٺ خوشيرام دريانو مل هريجن ٽرسٽ جا ميمبر ٻه آهن، جيڪا ٽرسٽ شيڊولڊڪاسٽ ڪي معاشري ۾ جائز مقام ڏيارڻ لاءِ انهن جي ٻارن کي تعليمي ميدان ۾ اڳتي آڻڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏيندي پئي اچي، اها واحد ٽرسٽ ئي آهي سنڌ ۾، جيڪا 1946ع کان اڃان تائين غريب جاتين جي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ ۾ پئي پتوڙي هن ٽرسٽ مان ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته پاڻ ٻه اسڪالرشپ وٺي پڙهيو ۽ ڪافي وڏن عهدن تي آيل ميگهواڙ، ڪولهي ۽ ٻين برادري جي استادن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن، پروفيسرن ۽ ٻين انيڪ شعبن ۾ ڪم ڪندڙن جا نالا ٻڌايا، جن پڻ اها اسڪالرشپ ورتي ۽ ٻيا وٺن پيا. بعد ۾ ڊاڪٽر صاحب کي جيڪب آباد جي ايڊريس وٺي موجوده چيئرمين هوندراج اي راجپال کي

درخواست ڪاليج جي پرنسپال کان تصديق ڪرائي موڪلي ته مون کي به ٽرسٽ جي چيئرمين سيٺ هوندراج بي ايس سي تائين اسڪالرشپ ڏني ۽ پوءِ وري منهنجي اولاد کي به ملي. ان کان پوءِ وري دل ۾ اتساهه رهندو پئي آيو ته شل ڪڏهن ديوان هوندراج اي راجپال جو درشن نصيب ٿئي. جن ديوان هئڻ جو ثبوت ڏيندي غريب ذاتي جي سچي شيوا پئي ڪئي، جنهن جو درس اسان جو ڌرم ڏئي ٿو. سائين جن جو 1980ع ۾ جيڪب آباد ۾ درشن ٿيو اُتي آئون حميديه هاءِ اسڪول ۾ سائنس ٽيچر ٿي ويو هئس ۽ پوءِ شوق پيدا ٿيو ته اهڙيءَ مهان پرش ۽ ٽرسٽ جي باني جو ڪو ڏهاڙو ملهائڻ گهرجي، ڇو ته اسان جي مردن ۽ عورتن ته، ديوتائن، پيرن ۽ ساڌن جي مورتين تي ڌوپ، اگربتيون ۽ پرساد چاڙهي ورهيه گذاري ڇڏيا اٿن، پر انهن اهڙو انقلاب اسان جي قوم ۾ ڪونه آندو. ڊاڪٽر صاحب ۽ وڪيل ارجن داس آف پنو عاقل جي همت افزائي سان نيٺ پهريون پيرو ٽرسٽ جي باني امر سيٺ خوشيرام جو ڏهاڙو 1986ع ۾ ڳوٺ بوزدار وڏا ضلع خيرپور ميرس ۾ ملهايوسون، جنهن ۾ خاص مهمان سيٺ هوندراج موجوده چيئرمين ٽرسٽ ۽ ڊاڪٽر راڻا صاحب وڪيل ارجن داس سان گڏ سائين ساجنداس مٺي وارو ۽ ٻيا ڪافي پري پري کان آيل پنچائتن جي مکين ۽ نوجوانن ٽرسٽ تي روشني وڌي. ان کانپوءِ 1995ع ۾ امر سيٺ خوشيرام جو ڏهاڙو عمرڪوٽ ۾ ملهايو ويو، جنهن ۾ پڻ ڊاڪٽر صاحب جو هٿ هو، سندس ٻيا ساٿي انجنيئر ڪانجي مل ميمبر ٽرسٽ (سابقه ڊائريڪٽر ٽيليفون) سيٺ آڏو مل، نهال چاڳلاڻي، ڊاڪٽر جوڌو مل ۽ قائم سولنگي هئا. بهترين پروگرام ٿيو، سائين هوندراج ٽرسٽ تي گهڻي روشني وڌي ۽ ٽرسٽ کي ساراهيو، ڪنهن دوست جا لفظ اڄ به ياد اچن ٿا ته خاص ڪري ميگهواڙ برادري جي جيڪا هن وقت سڌريل پوزيشن آهي، اها ان ٽرسٽ جي ئي ڪري آهي نه ته ٻين پنتي پيل قومن جهڙا هجون ها. ان پروگرام ۾ راڳ جي محفل به هئي ته سووينئر به

ڪڍيو ويو هو. ڪافي اخبارن ۾ آرٽيڪل بہ ڇپيا هئا، سيٺ هوندراج کي بہ ڏاڍي خوشي محسوس ٿي هئي. ڊاڪٽر راٽا صاحب سان جڏهن بہ ملاقات ٿيندي آهي تہ سدائين سماجي ترقي ۽ ٽرسٽ جي بهتري لاءِ تجويزون پيا ڏيندا آهن، ڊاڪٽر راٽا صاحب جو چوڻ آهي تہ 1952ع کان وٺي 1960ع تائين سنڌ سڄي جو ٽوئر ڪرائيندو هو، هر شهر اپر سنڌ توڙي ٿر ۾ تعلقہ ليول يا وڏن شهرن ۾ گڏ هلندو هو، وئڪئشن ۾ ڪنڊڪوٽ کان خانپور ۾ رهي زمين جي حساب ڪتاب ۾ مدد ڪندو هو پوءِ سرڪاري نوڪري ۾ لڳڻ ڪري نڪرڻ مشڪل ٿي ويو. سيٺ هوندراج صاحب سان گڏ بہ عمرڪوٽ ڇاڇرو شهر مٺي ڇيلهار ڏيپلو ۽ اسلام ڪوٽ هنڌن تي بہ ٿي سال ڪم ڪيو ۽ پوءِ هڪ تعليم سڌارڪ جي جذبي سان اڄ تائين جاري رکيو پيو اچي. ڪافي عرصي کان سيٺ شري هوندراج صاحب مون غريب کي بہ ٿر ۾ اسڪالرشپ ورهائڻ لاءِ گڏ وٺي ويندا آهن، ڇو جو ڪم گهڻو هوندو آهي، ڪافي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ۽ گهڻن ٻارن ۾ اسڪالرشپ ورهائڻ ۾ هٿ ونڊائڻو هوندو آهي. ڊاڪٽر صاحب چوندو آهي تہ سيٺ هوندراج جو خاص خيال رکجان، هڪ ديوتا جي نسل مان اٿئي ۽ واقعي ئي سيٺ صاحب ايترو تہ اسڪالرشپ ورهائڻ ۾ سخت آهي جو ڪوبہ ميمبر غلط سفارش ڪرڻ جي همت نہ ڪري سگهندو آهي. ديوان صاحب جي اهائي ڪوشش هوندي آهي تہ لائق شاگردن کي وظيفو ملي (Improver, Repeater, Failure, Irregular) کي نہ ڏبي. يا غلطي کان ڪوبہ ديوان جو ٻار نہ وٺي وڃي، ڇو تہ امر سيٺ خوشيرام جو حڪم هو تہ هي ٽرسٽ صرف هريجن جاتين جي لاءِ آهي، ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ جي هن ٽرسٽ سان شروع کان اڄ تائين وابستگي رهي آهي، ۽ شايد سندس روح ۽ جسم ۾ شيوا ۽ قومي جاڳرتا جو جذبو بہ ان ئي ٽرسٽ جي مالڪ خوشيرام جي ڪردار کي ڏسي ڪري ئي وڌو هوندو. خوشيرام جي شخصيت تي روشني وجهندي ڊاڪٽر راٽا جذباتي ٿي ويندو آهي. چوندو آهي تہ سائين

خوشيرام وڏي عمر وارو، شگر جو مريض، جيرو بہ گهٽ ڪم ڪريس ۽ پروسٽيٽ جو مريض پر پوءِ بہ ٽٽل چپل جي تري کي اڳڙين سان پيرن کي ٻڌي اونهاري جي تيز، گرم لڪ ۾ ديوانن (چرين) وانگر ٿر جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ غريبن جي شاگردن کي ڳولي ڳولي وظيفو ڏيندو هو. ڪڏهن پنڌ تہ ڪڏهن ڪيڪڙن تي چڙهي بہ سيلاني سيٺ اهڙي اتساهہ سان وڃي انهن مستحقين سان ايءُن ملندو هو جڻ پنهنجا وڇڙيل ٻچا هجن ۽ اسڪالرشپ ايئن ڏيندو هو جڻ انهن جو قرض هجي، ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو تہ سائين خوشيرام جي هڪڙي ئي ڌي هئي. شريمتي ديوي ٻائي جيڪا پنهنجي ڇئن پٽن سان گڏ ورهاست ڪانپوءِ انديا هلي وئي جن مان بہ پٽ ماتا ديوي ٻائي کي بہ ڇڏي وري آمريڪا هليا ويا پر سائين خوشيرام چيو تہ منهنجا ٻچا شيڊيولڊڪاسٽ وارا آهن، جن کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ، عزت ڀرئي روزگار سان لڳائڻ سندس اولين فرض آهي، انڪري سنڌ ۾ آخر ڪنهن جي سهاري ڇڏيان، ڇا اهڙو ڌرماتما يا سماج شيوڪ خوشيرام سائين ڪان اڳ ۽ پوءِ سنڌ ڌرتي پيدا نہ ڪيو آهي؟ اهڙي مها پرش کي وارون وار نمسڪار آهي. سائين هوندراج ٻڌايو آهي تہ هي ٽرسٽ خوشيرام 1946ع ۾ قائم ڪئي، جنهن ۾ 500- جريب زرعي زمين ۽ هڪ لک رپيا روڪ دان ڏئي قائم ڪئي. ان سيٺ خوشيرام درياڏنو مل هريجن ٽرسٽ جي مئنيجنگ ڪميٽي جا ميمبر ان وقت جا عظيم انسان رکيا ويا.

1. سيٺ خوشيرام دريانو مل راجپال خانپور شڪارپور چيئرمين
2. جمشيد نسروانجي اڳوٽو ميئر ڪراچي ميمبر
3. دادا جيرامداس دولترام اڳوٽو ايم پي اي، اڳوٽو گورنر آسام ايند بيهار حيدرآباد. ميمبر
4. پروفيسر گهنشام داس شوداساڻي 1937ع اڳوٽو ايم پي اي سنڌ ڪراچي ميمبر
5. سيٺ ماڌو داس ايسرداس شڪارپور ميمبر

6. نارائڻ داس رتن مل حيدرآباد، ميمبر
7. مانوارو سوامي ڪرشانند ڪراچي، (جنهن راڻا چندرسنگهه جي پتا راڻا ارجن سنگهه ڪي هارايو هو. 1946ع ۾) ميمبر.
8. شيوڪ رام ڪرمچند سکر، ميمبر
9. لڪشمي داس سري ڪانتا ممبئي، ميمبر
10. سيٺ مولشنڪر چيئرمين هندو پئنچائت ڇاڇرو، ميمبر

اهڙن تاريخ ساز ميمبرن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سائين خوشيرام ڪيڏو نه عظيم پر اپڪاري انسان هوندو، انهن ميمبرن ڪانپوءِ به ڪيترائي ٻيا اهڙا پرش ٽرسٽ جا ميمبر ٿيا ۽ ڪافي تاريخي ڪتابن ۾ انهن جو ذڪر ملي ٿو. هڪ اهڙي ٽرسٽ جيڪا ڪيترائي جوڪم سهي ڪشالا ڪدي اڄ به غريب شاگردن جي خدمت ڪري رهي آهي. هر سال 12-لک رپين تائين اسڪالرشپ ورهائي ويندي آهي. ڊاڪٽر صاحب اڄ به چوندو آهي ته ياد اهڙي مهان پرش جو هر سال جنم ڏڻ ملهائڻ ۽ ٽرسٽ جي ڪارڪردگي تي ڪتاب لکڻ اسان تي فرض آهي. ليڪن ڇا ڪريون عمر وڏي ٿي وئي آهي. وري به ڪوشش ڪبي، نه ته ايندڙ نسل تي اهو قرض آس اٿم ته من ڪو مانجهي لاهي سگهي ۽ مالڪ در ارداس آهي ته اهڙي عظيم سماج شيوڪ ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي وڏي حياتي هجي ته اڄان به اسان سندس رهنمائي حاصل ڪندا رهون.

پروفيسر سچانند پنوآريا
خيرپور ميرس سنڌ

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ
جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي!

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ نهايت جهانديد ۽ فقير صفت

انسان آهي، تاريخ عالم پڙهڻ سان هڪ نڪتو ملي ٿو ته جيڪي به هستيون سماجي ڪيتر ۾ چانيل جمهوريت ۾ ترتلو آٽي هڪ نئون رستو سنواريو انهن انسانن پنهنجي گيان و گيان سان عملي دنيا ۾ پنهنجي همت تدبير ۽ بردباري سان پنهنجي برادري جو رخ موڙي ڇڏيا. ڊاڪٽر صاحب بلاشبہ اهڙين شخصيتن ۾ ڳڻيو ويندو جن پنهنجي طويل جدوجهد جو بنياد سچائي ۽ اورچائي ۽ جهد مسلسل تي رکيو ۽ پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ ڪڏهن به ٿڪو ناهي، اهو ئي سبب آهي جو هندو جاتين جا پڙهيل اڪثر نوجوان سندس آئيڊيل آهن، پاڻ سنڌ جي ان نسل جا نمائندا آهن، جنهن جو هن وٽ ۾ پڪو ويساهہ آهي ته، جيستائين ذهن، جسم، ۽ قلم ساٿ ڏيندا رهن، اوستائين پنهنجي ذميواري هن سماج ۾ نباهڻ گهرجي.

مون محترم ڊاڪٽر راٽا سي رانوڙ صاحب سان پهرين ملاقات ۾ ڪيس حقيقت پسند آدرش وادي ۽ پُر اميد انسان جي محبتي ڊائري ۾ داخل ٿيو آهيان، مٿئين اقتباس مان معلوم ٿيندو ته سندس قوم جي ٻچن جي مستقبل جو ڪيڏو اونو آهي، ۽ هو نهايت اٿاهہ پيار ڪنڌڙ مهان ماڻهو آهي، جيڪو پيار انسان ڪي جستجو لاءِ محترڪ رکندو آهي. هن سدوري انسان ڪي خدمتن تي داد تحسين ڏيڻ جڻڪ امڙ سنڌ سان محبت ڪرڻ جي برابر آهي، ڪيس آئون ڏنيواد ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر راٽا صاحب جي حياتي سنڌ ۾ رهندڙ ميگهواڙ جاتي جي نسلن ۽ نوجوانن لاءِ محنت ۽ سچائي جو هڪ بهترين پيغام آهي.

منهنجي ڊاڪٽر صاحب سان پهرين ملاقات جو اتفاق هيئن 1970ع ۾ ٿيو جو آئون ڪانئس ان وقت هڪ تعليمي فارم تصديق ڪرائڻ ويس جڏهن پاڻ ميرپورخاص سول اسپتال ۾ آر ايم او آفيسر هئا، پاڻ آپريشن ٿيٽر مان ٻاهر نڪرندي ئي فارم کي اٽيسٽيڊ ڪيائين ۽ مختصر تعارف ڪرايو هيم، هن مثالي انسان جي سموري زندگي جي جاکوڙ ۾ هڪ يگاني لوچ آهي،

هڪ عجيب قسم جي تڙپ آهي، تہ اجان بہ ڪجھہ شيوا ڪجي هن جي اکين ۾ هميشہ تر ۽ تر واسين لاءِ حسين خواب رهيو آهي. سندس جمار پٺائي جي سٺ ڪڙڪٽائي لاهي سُک نہ سُتا ڪڍهن جي تشريح ٻٽجي وئي آهي. هن جي سارونٽين تي سهڙيل ڪتاب ٻين ڪي اتساهہ ڏياريندو، ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ صاحب جي منفرد حيثيت تي مون ڪي فارسي شاعر فرخي سيستانيءَ جو هيءُ شعر نهڪندڙ ٿو محسوس ٿئي.

توڙي چنڊ ڪڪرن جي اوٽ ۾ ڪين ڪان اوجهل ٿي وجي
تڏهن بہ اونداهون تہ نہ ٿيندو آهي، روشن ئي رهندو آهي
آخر ۾ صلاح ڏيندس تہ ڊاڪٽر رانا رانوڙ صاحب ڪي سندس حياتيءَ ۾ مجتا ڏيڻ لاءِ سيئي ساجاهہ وند گڏجي شاندار ميڙاڪو منعقد ڪن، جنهن ۾ سندس يادگار ليڪچر ٻڌجي ۽ ڪيس بي لوٿ طويل خدمتن تي لائيف اچيومينٽ ايوارڊ پيش ڪجي.

خير انديش
ڊاڪٽر تيرٿداس
ڊينٽل سرجن ميرپورخاص

تاريخ، سچ ۽ هڪ راڻو
ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ هڪ جستجو جو نالو آهي، جيڪا سچي جستجو هڪ تاريخ جوڙي ٿي، جيڪا تاريخ سچ، ساجهہ ۽ سُرت جا پيچرا ڏسي ٿي.مشڪلاتن کي منهن ڪئين ڏجي، پوڳنائن سان مهاڏو ڪيئن اٽڪائجي، سورن لاءِ کهڙي سُتي ونجي؟ معاشري کي پاڻ وهيٽو ۽ صحت مند ڪئين بڻائي سگهجي ٿو؟ جيئن معاشرو، امن، شائستگي، سرت ۽ ساجهہ جو گهوار بنجي وڃي، انهي لاءِ غور و فڪر جا گس ڊاڪٽر راڻا جي زندگي جي سفر مان ڳولي سگهجن ٿا، ڪنهن بہ شخصيت کي پرکڻ لاءِ ان جي سموري پٽ کوهہ جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻو پوي ٿو، جنهن کي مختصر، سادي ۽ سلوڻي نموني سان پيش ڪيو آهي، پر ان جو جديد سائنسي بنيادن تي پرکي مطالعو ڪرڻ سان ڪيتريون ئي اهڃيون هڙون حاصل ڪري سگهجن ٿيون، جيڪي سنڌ جي تاريخ کي جديد بنيادن تي جوڙڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن، يا خواهشمند آهن، مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر راڻا جي زندگي جيڪا جستجو آهي، اُها روايتي ۽ لڪيل تاريخ کان هٽيل آهي، ڪنهن درٻاري جي تاريخ ناهي، هي ڪنهن عام رواجي واقعن جو مجموعو ناهي، هي هڪ پورهيت جي پٽ جي اُها آتم ڪٿا آهي، جيڪا سماج کي ڏوڏڻ، ڏاڍ ۽ جبر کي لوڻ وارن نسخن مان ڪارائتو نسخو آهي، جيڪو صرف جياپي لاءِ ناهي پر جياپي کي جٽادار بڻائڻ، ٻين ۾ حوصلو ۽ همت پيدا ڪرڻ وارو هڪ نادر نسخو آهي، اها سٽ تہ هو هتان جي ميگهواڙ جاتي مان پهريون ڊاڪٽر (ايم بي بي ايس) آهي، لکڻ، چوڻ ۽ مان ڪرڻ ۾ هڪ عام فهم سادو ۽ سولو جملو آهي، پر تاريخ جي پاڙهوئن لاءِ هڪ وڏي اهميت ۽ افاديت جو حامل آهي، جيڪي سنڌ ۽ خاص طور تي ميگهواڙ جاتي جي تاريخ کان واقف آهن.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ هڪ اهڙي ماحول ۾ اک پٽي ٿو، جتي سندس ڪٽنب، قبيلي، جاتي کي زندگي جي هر موڙ تي ڌڪاريو وڃي ٿو، انهن جي احساسن، امنگن، خدمتن کي جنم ڏيڻ بہ نٿو ڏنو وڃي، هو ڏسي ٿو تہ سندس آسپاس سندن جاتي انساني

اڻ برابري واري اڏي تي لچندي رهي ٿر پر هي شخص ڪاتي هينيان ڪنڌ، پوءِ بہ نعراءِ نينهن جا هٽي ميدان عمل ۾ نڪري ٿو. هن جو حوصلو هن جي همت، هن جا جذبا پالا ۽ ترڇيون بڻجي ميدان مارينديءَ مورچا سر ڪندي پنهنجي منزل طرف روان ۽ دوان رهي ٿو. هو ڪئين پڙهيو ۽ ڪڙهيو. هن ڪئين ڪشالا ڪڍيا، هن مسيحا بڻجڻ ڪانپوءِ چا چا پوڳيون. اهائي تہ اسان جي تاريخ آهي، جيڪا درٻاري تاريخ جون ڏچيون اڏائي ٿي سگهي. راڻي مينڊري جي مومل تہ دل برداشتہ ٿي، غلط فهمين جي ٻلي تي چڙهي پر هن راڻي جي مومل تہ حوصلي ۽ همت سان جيئندي رات جي اونداهي ۾ بزدل ۽ پنهنجن قاتلن جي هٿن گولين جو ڪاچ بڻجي پر هي راڻو ڪنهن جو درٻاري ٿيڻ بدران وري ساڳي حوصلي ۽ همت سان ڪيرپاڪ پٽ سميت باقي معصوم پٽرن ڪي پتا واري شفقت سان گڏ ماتا واري ممتا سان پالي نپائي علم جي زيور سان آراستہ ڪري پنهنجي مشن ڪي جاري رکڻ لاءِ پيچرا ناهي ڏي ٿو. وار وار نمسڪار آهي، ان عظيم انسان ڪي جنهن ماڻهپي ڪي مان ڏنو، جيڪو بي سهارن لاءِ سهارو بڻيو، جيڪو درد مندن جو درمان بڻيو، جنهن اسان ڪي اهو سبق سيکاريو تہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ارپڻو ٿو پوي. هن اهو سولي سمجهايو تہ علم ڪانسواءِ انسان جهالت جي جهنگ ۾ جانورن جو ڪاچ ٿو بڻجي.

معصوم ٿري، جهڏو

نند نہ سُتا ناڪنوان
ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ صاحب جي پسمانده علائقي ڪاٺوڙ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ چاڙهيار ۾ اک کولي جتي هر طرف پسماندگيءَ غربت معاشرتي ۽ مذهبي اڻ برابري موجود هئي، جتي تعليم جو حصول هڪ شيڊيولڊ ڪاسٽ سان واسطو رکندڙ جاتي لاءِ مکڻ مان سيخ پچائڻ جي برابر هو، سندس وڏي ڀاءُ سرڳواسي ماستر پريو لال جي رهنمائي سان پرائمري ۽ مڊل تائين تعليم ڳوٺ ۽ چاڇرو ۾ حاصل ڪئي، ڳوٺ کان چاڇرو تائين به سواري جو ڪوبه جوڳو بندوبست نه هو، مطلب ته هو هر طرف مشڪلاتون ئي مشڪلاتون هيون.

ڳُرڪڻا لاهي سک نه سُتا ناڪنوان
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

مشڪلاتن سندس عزم کي وڌيڪ چٽو ڪيو ۽ پاڻ باقي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي، اهڙيءَ طرح ميگهواڙ جاتي جو هي پهريون فرد هو، جنهن جي سليڪشن ايم بي بي ايس ۾ ٿي.

ڊاڪٽر صاحب ايم بي بي ايس جي تعليم مڪمل ڪري 1961ع ۾ سول اسپتال ميرپورخاص ۾ آر ايم مقرر ٿيو، جتي هن پنهنجي سچائي نوڪري ڪئي ۽ ضلعي ٿرپارڪر جنهن ۾ ميرپورخاص ضلعي هيڊ ڪوارٽر هو ۽ علاج جون بهترين سهولتون موجود هئڻ سبب ٿر جي دور دراز علائقن جا ماڻهو علاج لاءِ ايندا هئا، انهن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو انتظام به پاڻ ڪندا هئا.

وه انسان کيا جو کيسي کي کام نهين آئي
سمندر سي ته نديان بهلي جو سب کي پياس اجهائي

ڊاڪٽر راڻا صاحب جي ناماچاري ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي ۽ ويتر پاڻ ۾ خلق خدا جي خدمت جو جذبو به پروان چڙهڻ لڳو ۽ هاڻي هڪ خيال ڪيس ستائڻ لڳو ته پنهنجي جاتي قوم جا نوجوان تعليم جي ميدان ۾ پوئتي آهن ۽ ان جو اهم سبب ئي مشڪلاتون آهن، تڏهن هن هڪ تنظيم جو وجود رکيو جنهن ۾ شيڊيولڊڪاسٽ جي شاگردن جي مالي مدد ڪرڻ سميت ٻين مشڪلاتن جي حل لاءِ هڪ تنظيم جو وجود عمل ۾ آندو، جنهن جو نالو سنڌ شيڊيولڊڪاسٽ ايجوڪيشنل ايسوسيئيشن رکيائون، ان تحت ڪيئي شاگرد اڳتي تعليم پرائي پنهنجي منزل تي پهتا.

ڊاڪٽر صاحب جي رٽائرمينٽ 1994ع ۾ ٿي، آخري سندن عهدو سنڌ ليول جو هو "ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ" پاڻ ريٽائرمينٽ کي به هڪ وک سمجهي پورو ٿيڻ تي به وکون اڳتي وڌائيندي پنهنجي مشن کي طب جي ميدان ۾ پنهنجو ميڊيڪل سينٽر "مومل ميڊيڪل سينٽر" ميرپورخاص ۾ کوليو، جنهن ۾ غريب ماڻهن کي سهارو پڻ مليو.

پاڻ سماجي ڪمن سان گڏ ميگهواڙ برادري کي به سياسي دڳ ڏنائون، جڏهن 1993ع ۾ اقليتن جي الڳ چونڊن جي نظام تحت مٺي ۾ منعقد هڪ ڪٺ ۾ ميگهواڙ برادري جي رهبر جي حيثيت ۾ وقتائتو ۽ ڏاهپ ڀريو فيصلو ڪيو، ان اليڪشن ۾ ڪافي اميدوار هڪ ئي جاتي جي آمهون سامهون هئا، پر پاڻ "ون سيٽ ون ڪئنڊي ڊيٽ" جي اصول کي نظر ۾ رکندي ايم پي اي سنڌ جي لاءِ انجنيئر گيانچند ۽ نيشنل اسيمبليءَ لاءِ ڊاڪٽر کٿو مل جيوڻ جي نالي جو اعلان ڪيو ۽ قوم به ان فيصلي کي تسليم ڪندي پنهنجي اميدوارن کي ووٽ ڪيا ۽ اهي ڪامياب ٿي پارليامينٽري سسٽم جو حصو ٿيا، اهي هڪ ڀرين ڪوشش هئي، جيڪا اڄ تائين 1993ع فارمولي تحت موجود آهي، جنهن کي نالو ڪندي اڄ جي حالتن ۾ اسان جا سياستدان عمل ڪندا ته ڪياب ويندا، سريندر ولاسائي مخصوص

سيٺ ايم پي اي چوندجي آيو آهي اهو بہ ان فارمولي جو نتيجو آهي. اسان جون ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ صاحب لاءِ دعائون آهن تہ ان جي شروع ڪيل مشن تي اسان جا نوجوان عمل ڪن ۽ خدمت جي جذبي سان اڳتي وڌن تہ هوند ڪافي مشڪلاتون گهٽجي سگهن ٿيون.

پاڙي ويچ هئام مون مور نہ پڇيا
ڏيئي ڏنپ ڏڏن مون ڏيل ڏڪويو (شاهہ)

جيرام داس ابوجهو
ڳوٺ رگهو رانوڙ، 12- ميل ميرپورخاص
03333312706

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ
هڪ ڪليل ڪتاب

ڪي ماڻهو هڪ هوندي به هڪ ادارو هوندا آهن، انهن جي آڏت ۾ آسرو، همت ۽ حوصلو ٻين لاءِ هڪ راهه هوندي آهي. اهڙن انسانن ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر ۽ ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ هڪ مثال آهن. جن جو مشن ۽ مشغلو هيٺن جي همدردي ۽ سماج جي ستايلن جي لاءِ ڪم ڪرڻ هو ۽ آهي. هندو سماج ۾ اوچ نيچ ۽ ٻين انسان سوز حالتن تحت، انهن پڻتي پيل ذاتين کي تعليم ۽ ٻين ڪمن ۾ اڳتي آڻڻ لاءِ جدوجهد ۽ ڪاوش جي نتيجي ۾ اڄ هيٺين طبقي جون جاتيون تعليم ۽ جاڳرتا ۾ وک وڌائي رهيون آهن.

ڊاڪٽر امبيڊڪر جو جنم اوڻهوين صدي جي آخر ۾ 1891ع ۾ ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ جو جنم ويهين صدي جي شروعات 1934ع ۾ سنڌ جي ٿرپارڪر جي تعلقي ڇاڇرو جي ڳوٺ ڇاڙهيار ۾ ٿيو ٿر جي تتل واري سان ڳڏ اوچ ذاتي جا ذهين ۽ رويا به هيٺين ذاتين لاءِ گرم هوندا هئا. انهيءَ ماحول ۾ ميگهه ونس گهراڻي ۾ اک کولي، ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ جي پتني مومل جو 1981ع ۾ ننڍي ۾ اوچتو وڇوڙو ٿيو، ته ڊاڪٽر صاحب کي وڏو صدمو رسيو، پر پوءِ به پاڻ سنڀاليندي گهر ٻار ۽ سماج جي ڀلائي جا ڪم جاري رکيائين. هندو سماج چئن طبقن ۾ ورهايل سان ڳڏوڳڏ ڪئين ٻيون به اوڻايون هونديون هيون. هيٺيون جاتي اڇوتپڻي ڪانسواءِ بک ۽ بيمارين جي ڪري گنديءَ ۽ گاهه لاءِ به لاچار هونديون هيون. اوچ طبقي جا رويا سماج ۾ بغير ڪنهن معاشي ۽ معاشرتي نقصان رسائڻ جي تعليم، روزگار ۽ سماجي مرتبو ماڻڻ جي ڪوشش تي ڪئي ته اهو اوچ ذاتين لاءِ ناقابل برداشت هو ۽ هيٺين جاتين کي زندگي جي هرڪار وهنوار ۾ پوئتي رکڻ لاءِ هر حربو استعمال ڪيو ويندو

هو، جنهن ۾ نيچ جاتي جي جان ٻہ جوکي ۾ هوندي هئي. ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي وڏي ڀاءُ سرڳواسي ماستر پريو لال هڪ دفعي مون سان ويچار ونديندي ٻڌايو تہ اسان کي پرائمري پڙهڻ لاءِ ڳوٺ چاڙهيار کان ڏاهلي لاءِ چار ميل پيادل پنڌ ڪري وڃڻو پوندو هو، انهيءَ اسڪول جي واٽ تي هڪ سگهارو نوجوان بيٺو هو، جنهن اسان کان پڇيو تہ ڪير آهيو تہ اسان پنهنجي ذاتي ٻڌائي تہ هو بدمست ڪاوڙ ۾ اچي اسان کي پڪڙي کوھ ۾ اڇلائڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو اوهان نيچ علم ٿا پڙهو، اسان ننڍا ٻارن دانهون ۽ رڙيون ڪيون پر هن وحشي هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ اسان کي ٽنگن کان گهلي کوھ اندر اڇلائڻ وارو هو تہ سندس پوڙهي ماءُ پوتي جو پلاند وجهندي چيو تہ غريب معصومن کي نہ مار ۽ ڪافي ايلازو ڪري اسان جي جان بچائي. سرڳواسي پريو لال ٻڌايو تہ گهر اچڻ شرط مون کي بخار اچي ويو ۽اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنو، پر قدرت سان انهيءَ سگهاري جوان کي مهيني اندر نانگ ڏنگي وڌو ۽ هو مري ويو، انهيءَ ڪانپوءِ اسڪول وڃڻ لڳاسون، پر اهو واقعو مون کي زندگي ڀر نٿو وسري. (سور نہ ڏي ڏوڻ آئون اڳيئي ڪاهلي)

هي اهو زمانو هو جڏهن انسان حياتي مان حاصلات ڪري مزا ماڻي رهيو هو تہ اڇوت ڪميونٽي جيئڻ جا جتن ڪري رهي هئي. هي اهو زمانو هو جتي اڇوت کي پاٺشالا يا اسڪول ۾ ٻين شاگردن سان گڏ بينچ تي ويهڻ نہ ڏنو ويندو هو. اهي ٻاهر اس ۾ زمين تي ويهي پڙهندا هئا. ڏنيواد آهي ڊاڪٽر رانوڙ کي جن اهڙين حالتن ۾ بہ دل نہ لاتي ۽ همت ۽ حوصلہ سان سڀئي مصيبتون سهندي تعليم جاري رکيائون ۽ نمايان پوزيشنون ماڻيندي سنڌ ۾ ميگهواڙ ڪميونٽي جا پهريان ڊاڪٽر بڻيا. ڊاڪٽر صاحب ننگرپارڪر ميڊيڪل آفيسر مقرر ٿيا تہ انهيءَ دور ۾ سواري جو ذريعو وهٽ هوندا هئا. پاڻ ننگرپارڪر ۾ رهندي آڌي مانجهي اٺن گهوڙن تي ننگرپارڪر شهر ۽ ڀراڙي جي ڳوٺن ۾ انسانيت جي خدمت بغير ڪنهن

مت پيد جي جاري رکي، خوب نالو ڪمايو. انهيءَ ڪانسواءِ غريب جاتين کي تعليم ۾ پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات جاکوڙيندا رهيا ۽ غريب شاگردن جي مدد لاءِ هڙان وڙان ڪين گهٽايو، فلاحي تنظيمون ناهيون ۽ جنهن ۾ غريبن جي مدد ۽ ڀين ڀلائي جي ڪمن خاص شيواڪار رهيو آهي. آتم ڪٿا يا آپ بيتي هڪ تمام ڏکيو ڪم آهي. ڊاڪٽر صاحب محنت ڪري روزانو جيڪا ڊائري لکندا اچن، انهيءَ آڌار جيون ڪٿا لکي اندر آرسي ڪيو اٿن، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي سيرت پسي سگهجي ٿي. ڊاڪٽر صاحب هڪ ڪليل ڪتاب ۽ تاريخ آهي.

ڪانجي مل چوهاڻ
ميرپورخاص (سنڌ)
03322802423

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ
ميگھواڙ جاتي جو هڪ روشن ستارو

ماڻهو سپ نہ سهڻا، پڪي سپ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج ناهي، نہ ئي سندس ڪنهن تفصيلي ذڪر جي ضرورت آهي، ڇو تہ انسپيڪٽر گومن مل رانوڙ جي لکيل ڪتاب "جوڳو ونس اتهاس" ۾ سندس زندگي جو سمورو ذڪر سمايل آهي. آئون ڊاڪٽر صاحب جي حقيقي ڪردارن جو اهو ذڪر ڪري سگهان ٿو. هي انهن انسانن مان آهي، جن ماڻهن ۾ انقلاب آندو، نئون اتهاس جوڙيو، جيئڻ جو جذبو پيدا ڪيو. اڻٿڪ محنت ڪري انسان ذات جي ڏکن سکن جو سهارو ٿيا. ڊاڪٽر صاحب بچپن ۾ پڪو پهہ ڪري اهڙي ماحول ۾ معاشري مان نڪري رات ڏينهن اڻ ٿڪ ۽ اڻ ورچ محنت ڪري پنهنجي منزل مقصود تي پهچي پنهنجن فرضن کي پائہ تڪميل تي پهچايو. ڊاڪٽر صاحب غربت ۾ پڙهي هيڏو وڏو مقام ماڻيو. ڊاڪٽر صاحب نيلس منڊيلا وانگر اپر ڪلاس سامراجيت سان جنگ جوٽي پنهنجو پاڻ مجرائي اسان سڀني لاءِ راهہ روشن ڪئي. ڊاڪٽر صاحب ڀائيچاري، ٻڌي، گيان، پنهنجو پاڻ مڃائڻ، پريم، نيڪي ۽ هر ڪنهن جو ڀلو ڪرڻ جهڙا گڻ سيکاريا. ڊاڪٽر صاحب ننڍپڻ کان هن عمر تائين ساڳئي موج ۽ مستي ۾ رهيا آهن. سدائين نارمل نموني سان داس ٿي رهندا آهن. سدائين مذورجن سان ڳالهائيندا آهن. هميشہ سچ جو ساٿ ڏنو. غم اهڙو مرض آهي جيڪو ماڻهو کي ڪائي ڪوڪلو ڪندو آهي پر ڊاڪٽر صاحب غم کي بہ ڪائي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي، ڊاڪٽر صاحب هري ڀڳتي ۾ ايترا تہ مگن آهن، جو منجهن ڪڏهن بہ ايمان يا

وڏائي نہ ڏني سين. منش جي لاءِ وشيون قابو ڪرڻ ڏاڍو ڪنن ڪم آهي، پر ڊاڪٽر صاحب پنهنجن اندرين کي قابو ۾ رکي آشا ترشنا کي ختم ڪري پلائي ڪندا پيا اچن، جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي تہ ڊاڪٽر صاحب هڪ سچو انسان فرض شناس ڪنهن سان دوکو يا ٺڳي نہ ڪئي آهي.

ڊاڪٽر راٽا صاحب اهو انسان آهي جيڪو اسان جي ٿر علائقي مان ميگهواڙ جاتي مان پهريون ڊاڪٽر، جنهن پنهنجي خدمتن جي ڪري ماڻهن جون دلون خريد ڪري اسان جي سماج مان نفرتون ختم ڪرايون ۽ تعليم پرائڻ جو رستو ڏيکاريو.

ننگرپارڪر جي ڪافي علائقن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي وڏي ساک آهي، انهي ڪري جو اهڙي وقت اتي ويا جنهن وقت ننگرپارڪر ۾ جهالت، غربت، ظلم، نفرتن جو راڄ هو. جي ڊاڪٽر صاحب رات هجي يا ڏينهن، صبح هجي يا شام، سردي هجي يا گرمي، سواري هجي يا پنڌ پر ڊاڪٽر صاحب انهن ڏکويلن سان سڏ ۾ گڏ هوندا هئا. ڪافي ڪوهن جي پنڌ تي پيادا وڃي مريضن جو علاج ڪندا هئا. سماجي پلائي وارن ڪمن ۾ تہ سائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن، پوءِ اها خوشي رامِ ٽرسٽ هجي يا غريب شاگرد هجن، ڊاڪٽرن جو تنظيمي اين جي اوز سرگرميون هجن جا غريبن جي علاج لاءِ هميشہ سرگرم رهيا آهن.

ڊاڪٽر سيتل سوجو مل مني
03332506158

سنديش

ڊاڪٽر راڻا رانوڙ صاحب جوڳو ونس ميرپورخاص نواسي، پنهنجي حياتي جي يادگار لمحن کي ”فوٽو گراف البم“ ۾ سوهي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي هر هڪ ڏسندڙ خوشي محسوس ڪري ٿو ۽ خود ڊاڪٽر راڻا صاحب لاءِ تہ خوشين ۽ يادگيرين جو انمول خزانو آهي. ڊاڪٽر راڻا صاحب ميگهہ ونس جاتي ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ نوجوانن کي تمام گهڻو اتساهو ۽ مالي سهڪار سان پڻ نوازيو. سندس شي ڪاوشون، ميگهواڙ جاتي لاءِ اڻ وسرندڙ آهن. بيشڪ ڊاڪٽر راڻا صاحب بيحد جس جو ڀاڳي آهي، ۽ ميگهواڙ جاتي طرفان سندس عمر درازي لاءِ هر وقت دعائون ڏنيون وڃن ٿيون. ڊاڪٽر راڻا صاحب جهڙن انمول هيرن تي ميگهواڙ جاتي کي وڏو فخر آهي.

شب ڪامنائن سان
تيرٿ داس اميداڻي
(ر) پرنسپال، چمبڙ
03138856667

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ
خدمت خلق جو علمبردار

ڊاڪٽر راڻا ولد چانپارام ميگھواڙ وينل ڳوٺ چاڙھيار تعلقو ڇاڇرو ٿرپارڪر 1934ع ۾ سون جو سڪو منهن ۾ پيل پيدا ٿيو. مڊل ڇاڇرو ۾ پاس ڪئي، ميٽرڪ ۽ ايم بي بي ايس حيدرآباد ۾ پاس ڪيائين، سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏنائين، ڊاڪٽر صاحب جو ڪردار ٻين ڊاڪٽرن ۽ بيورو ڪريسي کان مختلف رهيو. ڊاڪٽر کان ڊائريڪٽر جي عهدي تائين سرڪاري اسپتالن جي بجيٽ جي رقم نه پاڻ ذاتي استعمال ڪئي نه وري ڪنهن سينئر آفيسرن کي رشوت ڏنائين، غريبن جي علاج تي خرچ ڪيائين، پنهنجي ڊيوٽي کي عضمت جو فرائض سمجهي 24- ڪلاڪ خدمت خلق غريبن جي علاج ۾ مصروف هوندو هو، طب، جي دنيا ۾ هٿ ۾ اهڙي ته شفاع هوندي هئي جو مريض فيضاب ٿيندا هئا، ان جو مثال ٺٽي ضلعي ۾ سول سرجن جي پوسٽنگ دوران غريب مريضن جي ڪيل علاج ۽ حُب ۽ پيار سان پيش اچڻ، سانگھڙ ۾ سول اسپتال ۾ سول سرجن جي پوسٽنگ دوران ٺٽو ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن جي غريب عوام علاج لاءِ اسپتال سانگھڙ ۾ ايندا هئا، مريضن کي هر دوا مفت ۾ ملندي هئي، غريبن کي نوڪريون به ميرٽ تي ڏنائين، اهو عمل قابل تعريف آهي. ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي روزگار سان گڏ سماجي ڪمن ۾ مشغول رهيو، 1962ع ۾ شيڊيول ڪاسٽ کي متحريڪ ڪري يڪ راءِ سان گھمنسگنھ پيل کي صدر مقرر ڪرايو، انهي عمل شرط ٿر جي ڳوٺن ۾ اسڪول کوليا، 2 سيٺ خوشيرام ٽرسٽ جي ميمبر تاحيات مقرر ٿيل آهي، جو غريبن جو اولاد پڙهي وڏن عهدن تي پهتو، شاگردي دوران غريبن شاگردن کي مفت ۾ پڙهائيندو هو، ڊاڪٽر صاحب سان پوسٽنگ دوران زيردست،

سينيئر توڙي عوام خوش باش هئا، بدلي دوران عوام گلن جي ورکا ڪندي هئي. ڊاڪٽر صاحب هڪ بهترين انسان، ايماندار آفيسر جون خوبيون سمايل آهن. گرهستي پڳتي ۾ پريوار جي ڪيل خدمتن جو قابل ذڪر آهي. 85- سال جي عمر هوندي به صحتياب ، فٽ فاٽ ۽ معاشري ۾ عزت يابي مالڪ بخشي آهي، طب جي شعبي ۾ ايماندار آفيسر ۽ سماجي ڪمن ۾ سٺن ڪردارن جي ڪري عوام جي دلين ۾ محبت موجود آهي، منهنجي مالڪ در پرارٿنا آهي ته صحتيابي، خوشيون ۽ معاشري ۾ عزت فرمائي،

دعاڳو
تنيراج گهمنسنگهه پيل،
رٽائرڊ سب انسپيڪٽر ڪراچي پوليس
ڳوٺ ڪاٺوءِ، تعلقو ننگرپارڪر
03462029126

ڊاڪٽر راٺا سي رانوڙ
غريبن جو هڏ ڏوکي

سال 1960ع واري وقت ۾ آءُ پرائمري جو شاگرد هئس ۽ کيکڙا ڳاڏيون ننگرپارکر تائين هلنديون هُيون، ۽ ڊاڪٽر صاحب اسلام ڪوٽ کان ننگرپارڪر ايندي ويندي ڪجهه وقت لاءِ ڳاڏي بيهڻ تائين اتي لهندا هئا ته سوين ماڻهو درشن ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا ۽ آءُ ڪڏهن ڪڏهن ديدار لاءِ ويندو هئس. ننگرپارڪر ۾ شيڊيول ڪاسٽ طبقن کي هڪ ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر صاحب جو وڏو رول هو. انهي وقت ۾ ڪولهي، ڀيل، ميگهواڙ جاتيون پنهنجا ويچا وساري نظر ايندون هيون، ۽ ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجو اثر رسوخ ظاهر ڪنديون هيون. اهو سلسلو پوري ضلعي ۾ عروج تي پهتو، ۽ پوءِ ڊاڪٽر جيئن اڳتي سنڌ طرف ويا ته پنهنجون يادگيريون ڇڏيندا ويا ۽ هو سيٺ خوشي رام جي هريجن ٽرسٽ جا ٽرسٽي به هئا، ۽ سوين، هزارين شيڊيول ڪاسٽ جي شاگردن کي اسڪالر شپون ڏيئي اڳتي وڌايو. ڊاڪٽر نه رڳو ٻين ٽرسٽن خواهه سيٺين کان مددون وٺي شيڊيول ڪاسٽ جي شاگردن کي پڙهايو، پر هن ذاتيات کان هٽي انيڪ ماڻهن جي ڪم آيا، هن صاحب پوري زندگي سول سرجن جي حيثيت ۾ غريبن ، مسڪينن، ابوجهن جي بنان ڪنهن لالچ جي آپريشنون ڪري راحت ڏنائون، اڄ به سندس ميرپورخاص شهر ۾ ڊاڪٽر صاحب کي هڪ مسيحا سمجهيو وڃي ٿو. ميرپورخاص شهر ۾ اڄ به غريب جاتين جو ڪو مسيحا اهي ته اهو صرف ڊاڪٽر صاحب ئي آهي ۽ سندس پريوار جا ڊاڪٽر جواهر ۽ سندس ٻيا پٽ به پيءُ جي هلت جي پوئيواري ڪري رهيا آهن ۽ اهڙائي سپوت آهن، جهڙو سائين پاڻ. ڊاڪٽر صاحب کي پاڪستان ۾ جيڪڏهن شيڊيول ڪاسٽ جاتين جو مسيحا چئجي ته به گهٽ آهي، هو جيترو عملي ڪم ڪري ٿو، اوترو ئي

سندس محنت اڄ هن 84 سال جي عمر ۾ اڃان تائين حوصلي سان پيش اچڻ ۽ هر ڳالهہ جو اونو رکڻ تہ اسان ڪٿي پهتا آهيون؟ ۽ غريب جاتيون ڪٿي پهتيون آهن، نہ رڳو آءُ پر پورو سماج توهان جي محنت ۽ توهان جي ديا دليري تي سلام پيش ڪري ٿو.

وڪيل پورو مل ڪولهي، مٺي

ڊاڪٽر راٺا سي رانوڙ
هڪ گُلاب جو گُل

ڊاڪٽر راٺا سي رانوڙ هڪ ارڏو انسان آهي، جنهن جي بچپن جي زندگي تمام ڏکن ۽ ڏاجهيل ماحول ۾ وقت مان اُڪري پار ٿي پنهنجي منزل مخصوص تي پهتو ڊاڪٽر صاحب ڏکويل ماحول ۾ هيسايل قوم جو واحد فرد آهي، جنهن پنهنجي محنت ۽ اورچائي سان اندهيري ماحول مان سفر ڪندي روشن ماحول ۾ داخل ٿيو. ڊاڪٽر راٺا سي رانوڙ سان منهنجي پهرين ملاقات سال 1985ع ۾ سانگهڙ ۾ ٿي. منهنجي تہ پيدائش آڪٽومبر 1950ع ۾ شهر سانگهڙ ۾ ٿي منهنجو والد حاجي قائم دين آبپاشي کاتي ۾ ڪئنال جي عهدي تي فائز رهيو. اسانجا وڏا ميرپور ماٿيلي ويجهو ڳوٺ داد لغاري جا هئا اتي جون ٻنيون وڪرو ڪري سانگهڙ ضلعي ۾ ورتيون. منهنجي والده صاحبہ کي فالج ٿيو جو ڊاڪٽر صاحب وٽ علاج لاءِ ويندا هئاسون جو ان وقت جي لحاظ کان ڊاڪٽر راٺا صاحب جي وڏي هاڪ هوندي هئي. ماڻهو علاج لاءِ پري پري کان ڪافي تعداد ۾ ايندا هئا جن کي وڏا فائندا ٿيندا هئا. اسان ڊاڪٽر صاحب جي نوڙت ۽ رمز ڏسي تمام ويجها ٿي وياسون جو ايتري قدر اسانجي خاندان مان ڪو نيڪ نہ هوندو هو تہ اسان جو علاج فيملي ڊاڪٽر طور ڊاڪٽر صاحب ڪندا هئا. سال 1992ع ۾ اسان سانگهڙ کان ميرپورخاص رهائش پذير ٿياسون هتي پڻ ڊاڪٽر صاحب سان ڀائرن وانگر گهڻي محبت هڪ ٻئي کي ڏيندا هئاسون. اسان اڪثر شام جو هڪ ٻئي سان ملاقات ڪري هوٽل يا گهر ۾ چانهہ پيئندا آهيون اڪثر اسين ٻئي ڄڻا هم خيال رهياسون پاڻ ۾ ويهي صلاح مشورو ڪندا هئاسين ۽ سوچيندا هئاسين تہ زندگي ۾ ڪائڻ پيئڻ کان وڌيڪ دنيا جي مختلف حصن کي ڏسڻ ۽ مختلف انسانن جي رهڻي ڪهڻي ريت رواج ۽ زندگي جي

طور طريقي کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ بهتر آهي. انکري اسان مختلف ملڪن جي دوري بابت سوچيو جو اسان ملائيشيا، سريلنڪا ۽ نيپال جو سفر ڪيو.

2010ع ۾ اسان ٻئي ڄڻا ملائيشيا وياسون. جتي اسان مختلف جايون ۽ مختلف شهر گهُميا، الاهي لطف اندوز ٿياسين ۽ دل کي سڪون مليو ملائيشيا جي سفر اسان کي متاثر ڪري ڇڏيو ۽ وري اسان ٻئي ڪنهن ملڪ گهُمڻ جي خواهش ڪئي. سوچڻ بعد سريلنڪا گهُمڻ جو فيصلو ڪيو

سال 2013ع ۾ سريلنڪا گڏجي وياسين جتي اسان کي ڪيترائي تاريخي ماڳ گهُمڻ لاءِ مليا جهڙوڪ: ماتا سيتا کي راوڻ جنهن اشوڪ واتڪا باغ ۾ بند ڪيو هو اُتي وياسين ۽ ٻين مختلف شهرن جا دورا ڪيا جتي ڪافي تاريخي جايون ۽ شيون ڏٺيون.

سريلنڪا جي شهر بارووالا ۾ مسجد الابرار آهي. هي مسجد سريلنڪا جي سڀ کان پهرين ٺهنڌڙ مسجد آهي جيڪا اٺين صدي ۾ سريلنڪا ايندڙ مسلمان واپارين ٺهرائي هئي. ۽ ٻيا ڪيترائي مندر ۽ قديم آثار ڏٺاسين. سريلنڪا جي سفر مان اسان کي ججهي ڄاڻ ملي ۽ گهڻو ڪجهه سفر مان پرايو.

سريلنڪا جي سفر بعد اسان کي نيپال جهڙي مشهور ملڪ گهمڻ جو شوق ٿيو 2015ع ۾ اسان ٻئي ڄڻا دوست نيپال ڏانهن روانا ٿياسين. جتي پڻ اسان ڪيترائي تاريخي ۽ قديم آثار گهُميا مختلف ماڻهن دوستن سان گڏجاڻيون ڪيون سفر مان ڏاڍي خوشي ۽ روح کي راحت ملي.

اسان جي زندگي ۾ اهي ٽئي سفر تمام خاص ۽ بي مثال رهيا دنيا جي ٻين ملڪن جي باري ۾ ڄاڻ ملي مختلف ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ريت رواج کي سمجهيوسين ۽ ڪيترائي قديم آثار تاريخي ماڳ ڏسڻ تي دلي سڪون ۽ راحت ملي سفر وارو وقت اسان کي تمام اهم ۽ قيمتي محسوس ٿيو.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ ۽ آئون اجان تائين گڏجي ڪچهريون ڪندا آهيون هڪ ٻئي سان سوچ جي ڏي وٺ ڪندا آهيون .

اسان جو جوڙ هميشہ ڪان سڀڳي ياءِ ۽ ويجهي رشتي ڪان متي ۽ مضبوط رهيو آهي مونکي ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي طبيعت، سوچ ۽ سادگي هڪ گلاب جي گُل جي خوشبوءِ جيان موهيندي آهي

فقط

غلام محمد حاجي قائم الدين لغاري

حال ميرپورخاص

03456966656

انمول انسان جي ڪهاڻي

هن ڪائنات جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ نظر وجهون ته ڪيترائي انمول انسانن جا مثال ملندا. هن سماج ۾ ٻن طريقن سان انسان پنهنجو نالو ڪمائن ٿا. هڪڙا اُهي جيڪي پنهنجي زنگي ۾ انسانذات جي خدمت ۽ ڀلائي ڪندا آهن ۽ پنهنجو نالو تاريخ جي پنن تي صاف شفاف هيري وانگر چمڪائيندا آهن. ۽ ٻيا ڪي وري تايخ ناهڻ يا پنهنجو نالو دنيا ۾ ڇڏڻ لاءِ ظلم ۽ دهشت جو سهارو وٺندا آهن ۽ ڏاڍايون ڪندا آهن. ڪيترائي اهڙا ظالم انسان آهن جيڪي صدين ڪان تاريخ جي پنن تي اُڪريل آهن، پر اُهي ماڻهو انسانيت جو مثال ناهن.

انسانيت جو مثال اُهي قائم ڪندا آهن جيڪي چڱائي، همدردي ۽ نيڪ دلي جا مثال ڇڏي ويندا آهن اهي ماڻهو تاريخ ۾ صدين تائين زنده رهندا آهن ۽ مستقبل ۾ ايندڙ هر ڪنهن جي لاءِ هڪ سُنائي جو درس هوندا آهن هر انسان جي دلين تي راڄ ڪندا آهن. تاريخ ۾ هر انسان مثال پيش ڪندو آهي.

اڄ آئون انهن سٽن تي ان انمول شخص جو ذڪر ڪري رهيو آهيان جنهن پنهنجي زندگي هميشه هيري وانگر چمڪندي ۽ غريب ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندي گُذاري. آئون ان شخص جو ذڪر ڪريان پيو جيڪو هڪ نيڪ دل، محنت ڪش ۽ اسان جي ميگهواڙ قوم جو پهريون سرجن ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ صاحب جي بائيوگرافي توهان ڪي انهي ڪتاب جي پنن تي ملي ويندي، پر منهنجون اُهي ڪُجهه سٽون لکڻ جو صرف مقصد اُهو آحي ته ڊاڪٽر صاحب جي عظمت، محنت جُرئت ۽ جذبي ڪي پنهنجي قلم سان هن ڪتاب جي پنن تي پيش ڪيان.

هن دنيا ۾ چند انسان هوندا آهن. جيڪي ڪيترين ئي تڪليفن، پريشانين ۽ پراڻي وقت جي مُشڪلاتن ڪي منهن

ڏيئي ڪنهن منزل تي پهچي پاڻ مڃائيندا آهن . انهن چند ماڻهن مان ڊاڪٽر راڻا صاحب بہ هڪ آهن. جنهن پنهنجي زندگي ۾ وڏن وڏن طوفانن کي منهن ڏيئي انهن کي پار ڪري پنهنجي منزل ماڻي

ڊاڪٽر راڻا صاحب جي زندگي جو ڏکئي ۾ ڏکيو ڏينهن اهو هو جڏهن سندس اهليہ مومل جو راڻا سان وڇوڙو تي ويو ۽ پاڻ اڪيلا ٿي ويا . پنج معصوم پُٽن جي ذميداري هئي پاڻ ڪڏهن بہ همت نہ هارايائين ۽ نہ ئي ڪڏهن ٻي شادي جي باري ۾ سوچ ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب همت ۽ بردباري سان پُٽن جي پرورش ڪرڻ لڳا. بنا ماءُ جي ننڊين ٻارن کي سنڀالڻ تمام ڏکيو هوندو آهي. پر پاڻ ڪڏهن بہ همت نہ هاريائون اهڙي ريت پنهنجي اولاد جي پرووش ڪيائون. جو وڏا تي سڀ ڊاڪٽر، انجنيئر ٿيڻ سان گڏوگڏ خوش اخلاق ۽ سنجيده ٿي ويا. ڊاڪٽر صاحب جا سيئي پُٽ هميشہ پنهنجي بابا صاحب جي اصولن ۽ نقشِ قدم تي هليا آهن.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جو وڏو پُٽ ڊاڪٽر جواهر لال رانوڙ جيڪا هڪ مشهور سرجن آهي. پاڻ خوش اخلاق ۽ مانيٽي طبيعت جو ماڻهو آهي. جيڪا هن وقت پنهنجي امڙ جي ياد ۾ نهيل اسپتال "مومل ميموريل هيلٿ سينٽر" ۾ پاڻ پنهنجي بابا سان گڏجي ڪيترن ئي مريضن جو علاج ڪري رهيو آهي. غريبن ۽ مسڪينن ماڻهن جو مفت ۾ علاج ڪيو ويندو آهي. ڊاڪٽر جواهر لال سرجري جو اسپيشل ڊاڪٽر آهي مختلف اسپتالن ۾ سرجري يا آپريشن لاءِ اسپيشل گهُرايو ويندو آهي.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي زندگي جو ٻيو مشڪل وقت تڏهن آيو جڏهن پنهنجي نوجوان پُٽ ڊاڪٽر سردار رانوڙ جي طبيعت ناساز ٿي ۽ مغز جي بيماري ٿي پيئي. ڪيترين ئي مُشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيو آهي.

آمريڪا مان علاج ڪرايو ،پر اجا تائين طبيعت ۾ ڪا خاص بهتري نہ آهي. مالڪ در دُعا آهي جلد ئي صحتياب ٿئي.

ڊاڪٽر راڻا صاحب جي عمر لڳ ڀڳ 85 سال آهي ۽ هينئر پنهنجي زندگي جا پل پنهنجن پوٽن سان گهر ۾ گذاري رهيا آهن.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زندگي ۾ ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪيا ۽ پنهنجي سفر کي يادگار بنائڻ لاءِ ڊائريون لکيائون. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زندگي جي سفر کي تاريخ جي پنن تي ورجائڻ چاهيو پنهنجي زندگي جا هر سفر ۽ واقعا هن ڪتاب ۾ بند ڪري سماج آڏو پيش ڪيا.

هن ڪتاب جو سهڙيندڙ منهنجو بابا صاحب (پي ڊي ايس پي) گومن مل راٺوڙ آهي. جنهن پنهجي ڪُٽنب ۽ قبيلي جي تاريخ کي زنده رکڻ لاءِ شجري جو ڪتاب جوڳو ونس اتهاس لکيو آهي

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ ۽ بابا صاحب جا ويچار ۽ سوچ ملندڙ جلندڙ آهي تنهنڪري ڊاڪٽر صاحب اهو ڪتاب پورو ڪرڻ لاءِ بابا صاحب کي سونپيو.

هن ڪتاب ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ مون ۽ منهنجي ياءُ دليپ ڪمار پاڻ ۾ صلاح ڪئي، جو مون اهو ڪالم لکيو، ۽ منهنجي ياءُ دليپ ڪتاب ۾ فوٽو آڊٽنگ ڪئي. اُميد آهي تہ اها ڪتاب ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مثال هوندو ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ڪارنامن ۽ ڪاميابي جي خوشبوءِ صدين تائين مهڪندي رهندي ۽ مستقبل ۾ انسانذات کي اُجاگر ڪندي تاريخ هميشہ اهڙن انمول انسانن جي گواه رهندي.

پاران

سوشالاجسٽ اوم پرڪاش راٺوڙ

ولد گومن مل راٺوڙ

ڳوٺ هريار، حال مٺي

03330290031

ٿر جو هيرو
ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ

ڊاڪٽر راڻا جو جنم 1934- 05 - 10 تي ڳوٺ چاڙهيار تعلقي ڇاڇري ۾ ڇانپارام ذات جوڳو رانوڙ جي گهر ۾ ٿيو، سندس جيجل امڙ جو نالو شريمتي ٻاري ٻائي هو. راڻا پنجن ڀائرن جو ننڍو ڀاءُ هو. ماستر پرڀو لال، ڀيو اجمو مل، ٽيون منو مل، چوٿون ڏيارام سندس وڏا ڀائر جڏهن ته ٻي سوهدران سندس اڪيلي ڀيڻ هئي.

غريب هاري جي گهر جنم وٺندڙ راڻا کي پڙهڻ ۽ پڙهي ڪري وڏو ماڻهو ٿيڻ جو وڏو شوق هو. هن پرائمري تعليم گڊڙو سٽي اسڪول، مڊل ڇاڇرو، مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ انٽر ڊي جي ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪري ايم بي بي ايس ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان 1961ع ۾ پاس ڪري ميگهواڙ جاتي جو پهريون ميڊيڪل آفيسر مقرر ٿيو، پوءِ ته راڻا سي رانوڙ جي نالي ۽ ناماچاريءَ جو ڏونڪو وڄي ويو.

ڊاڪٽر راڻا جي جرئت کي جس جو هو ڪيسي خالي ٿر مان نڪري حيدرآباد ۾ اچي ٽيوشنون پڙهائي، اسڪالرون ماڻي، محنت ۽ ذهانت سان پنهنجا سمورا امتحان نمايان پوزيشن ۽ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيا.

ڊاڪٽر راڻا جي شائستا، مهذب انداز، صاف سٿرو، آدرشي رهن سهن، ملنسار طبيعت، محنتي، جفاڪش، اورچ پرڪشش شخصيت سان گڏوگڏ مٺر گفتار، پيشوارانا صلاحيتن ۽ ايمانداريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ رهيو آهي. هو سموري زندگي دکي انسانيت جو همدرد، منجهيل ماڻهن جو سيهوڳي، تعليم جي حاصلات لاءِ اڳتي وڌندڙ جو پرجهلو، سڄڻ، ڪمزور ۽ ڪريل ماڻهن کي مٿي کڻڻ، بيڪار کي ڪارگر ۽ محتاج کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لائق بنائڻ ۾ سيني کان اڳيرو هوندو

هو.

ڊاڪٽر راٽا کي 1971ع ۾ مومل مليءَ انهيءَ سنگ ناميارو سرجن ڊاڪٽر جواهر، ڊاڪٽر گوهر، ڊاڪٽر سردار، انجنيئر نريندر ۽ جيتيندر جهڙا روشن ڏيئا سندس گهر ۾ جنم وٺي آيا، جيڪي سڀ ڊاڪٽر راٽا وانگر هر قسم جي نشي، برائي، بري صحبت، جوا، ويڇا، رشوت ۽ ڪنهن جي برائيءَ کان هر طرح ۽ هر لحاظ کان بچيل آهن. دولت، شهرت، مهمان نوازي جهڙن گڻن ۽ سکن سان ڀريل هن جي جيون ۾ اچانڪ هڪ حادثو پيش آيو جو مومل راٽي جي جوڙي ٽٽي پئي ۽ پوءِ جيون ساٿي جي ساٿ بنا الوٽي، بي مزي ۽ ذهني تڙپ واري زندگي گذارڻي پيئي، پر سورن سان چڪناچور ٿيل راٽا پنهنجي جيون کي پاڻ سنڀالي ورتو، ننڍڙن ٻچڙن کي پيءُ سان گڏ ماءُ وارو پيار ڏنائين، جس آهي جواهر کي جيڪو ڊاڪٽر راٽا جو سهارو بڻيو، ڀائرن جي پرورش ۽ تعليم ۾ اڳڀرائي ونرائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. راٽا جي جيون کي مان پرمارٿ جي علامت چوان ته ان ۾ ڪو مبالغو ڪونه ٿيندو جو: 1- راٽا ٺر جي ماڻهن لاءِ مثال بڻجي ڏيکاريو ته هو به هٿين خالي شهرن ۾ وڃي تعليم پرائي زندگي جي معيار کي اعليٰ بڻائي سگهن ٿا. 2- هن پٽن جي شادي ۾ فقط 20- کان 22- ڄاڃي وٺي وڃي نهايت مانائتي نموني سان سندن شاديون رچايون. 3- ته پياري ڀائٽي پروفيسر پريم جي ٻارس بلڪل ٽن ڏينهن ۾ ڪئي. 4- نياڻين جي شاديءَ ۾ فقط ويجها مائٽ تيڙايا ۽ 5- فلاحي ڪمن ۾ هن زبردست سهائتا ۽ سرواڻي ڪئي ته جيئن سماج جي عام ماڻهن لاءِ سهڻا مثال قائم ٿين، ڪين سولا ۽ ممڪن ڏگ نهي ملن ته جيئن هو انهن ڳالهين مان لاڀ حاصل ڪري پنهنجا جيون سکيا ۽ ستابا ماڻي سگهن. معمول مطابق ڊاڪٽر صاحب روزانو صبح جو پنج وڳي ڌاري اٿي هڪ ڪلاڪ تائين يوگا ۽ ٻي ورزش ڪري پاڻ کي زندگي جي چوراسيهين ڏاڪي ۾ جسماني طور فٽ رکيو ٿو هلي. سندس البيلي پٽ ڊاڪٽر سردار جي نهايت پيچيده بيماري ڪيس گهڻو منجهائي ڇڏيو آهي پوءِ به هو مالڪ جي رضا سربچشم

رکي ڪري بدستور پنهنجي ذميوارين کي نڀائي رهيو آهي پر ڏنو ڪونہ آهي. ڊاڪٽر صاحب جو نالو ٿر واسين ۽ ميگهواڙ سماج لاءِ حوصلي، آٿت ۽ اثاثي مثل مڃيو وڃي ٿو، پوءِ ڪيس ڪنهن ڏٺو ڪونہ هوندو تہ بہ نالو ضرور ٻڌو هوندس ۽ متعرف ٿي ڊاڪٽر صاحب جا جس ڳائي ۽ سندس لاءِ دعاڳو ضرور هوندو، چو جو لوڪ پريہ شخصيت هجڻ ڪري سڀ ماڻهو سندس جس ۽ ڪيرتي جي ڪشش سبب سندس واکاڻ ڪندا ۽ دعائن سان نوازيندا رهندا آهن. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي حسرتن جي تڪميل، مشاهدو ماڻڻ ۽ فطرت جو اپياس ڪرڻ لاءِ پنهنجي پياري دوست غلام محمد لغاري سان گڏ ملائيشيا، سريلنڪا ۽ نيپال جو سير بہ ڪري چڪو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت جي عظمت خاطر ڪيس امر وير لڌارام پاران ميگهواڙ برادري پاران مڃتا طور (Life Time Achievement) جو اعزازي ايوارڊ پڻ پيش ڪيل آهي. گهر واري جي سانحي بعد هن ٻي شادي ڪونہ ڪئي. سيٺ خوشي رام هريجن ٽرسٽ سان سندس وابستگي ۽ خدمت جو سلسلو 1952ع کان هلندڙ آهي. سندس جيءُ سان جڙيل مومل جي نالي ان سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ۾ قائم ڪيل مومل ميڊيڪل فائونڊيشن، نادار، مريضن لاءِ سهارو بڻيل آهي. ڊاڪٽر صاحب جنهن سڄ ڏج سان صحت کاتي ۾ نوڪري ڪئي، صحت کاتي وارا ان جا گواهہ ۽ معترف آهن. هو 17- گريڊ ۾ ميڊيڪل آفيسر ٿيو ۽ ملازمت ڪئي، ڄمار جا 60- سال پورا ڪري ايڊيشنل ڊائريڪٽر جي حيثيت سان گريڊ 20- هين تان 1994ع ۾ رٽائر ٿيو. سچ پچ تہ ڊاڪٽر اسان جي ٿر جو هيرو آهي.

تپيدار ديال ٺانورداس
ڳوٺ ميمڻ تڙحال سامارو
03342636298

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



زندگي جا پنڌ ۽ پيچرا

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ

ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ 1958ع ۾ ڳوٺ چاڙهيار ۾ جنم ورتو. اهو اُهي
مهاڀاري لڙاين جي وچ وارو زمانو هو. سموري دنيا افراتفري ۾ هئي. صحت جي ميدان ۾
سڄي دنيا ۾ جتي مسيحائن جي کهڙ هئي. ڪنهن جي ۾ وهم گمان ۾ نه هو ته هڪڙي
غريب گهر ۾ جنم وٺندڙ راڻو اڳتي هلي نه رڳو راڻا سي راٺوڙ جي نالي سان پر ڪٿين
پتر تي سڃاتو ويندو. ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ ڳڙهي، چاچري ۽ نور محمد هاءِ اسڪول
مان تعليم پرائي. انٽر جي امتحان ڊي جي ڪاليج مان پاس ڪيو. هوشيار هجڻ ڪري طب
جي تعليم لاءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هو سڳهواڙ ٿيلي جو پهريون شاگرد
هو جنهن کي اهو اعزاز حاصل ٿيو. هو سال 1982ع ۾ پهرين مقرري سول اسپتال
ميرپورخاص ۽ بعد ۾ ڪيس ننگرپارڪر، سانگهڙ ننس، بلوچستان ۽ ٻين هنڌن تي طب جي
شعبي ۾ ماڻهن جي خدمت ڪئي. اڪيڪ ماڻهو پڙهن ٿا. نوڪريون ڪن ٿا ۽ وقت گذاري
هليا وڃن ٿا پر ڊاڪٽر راڻا جنهن وڃن نياه سان پنهنجي علم کي انسان جي زخمن تي
مرهم رکڻ لاءِ ڪم آندو تنهن سنڌس ڪم ڪار کي ٻين لاءِ مثال ناهي جڏهو ته هڪ غريب
نه رڳو پڙهي اڳتي وڌي سگهي ٿو پر پنهنجي خدمت واري جذبي ۽ اعليٰ اخلاق وسيلي
هو هڪڙي روشن راهه تروار ڪري وڃي ٿو جنهن تي پيا هلي پون ٿا. ڊاڪٽر راڻا جي طبي
۽ سماجي شعبي ۾ بيمثال خدمتن پرپان شاهد سنڌس والدين، وڏي پاءُ ۽ لکين مريضن جون
دعائون آهن جن کي هن شفا جي ننڍي. سان سرفراز ڪيو. سنڌس جيون ساٿياڻي مرحلي
جي وڇوڙي کان پوءِ نوجوان پٽ ڊاڪٽر سردار جي بيماري تائين ڊاڪٽر راڻا جي وجود
مان جيڪو گذريو آهي ان درد کي هو پاڻ ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. ان جي باوجود
هن سدائين مٺهن تي مرڪ سجائي ڏکي انسان جي خدمت ۾ زندگي گذاري آهي. انسانيت
جي خدمتگاري، جو اهو ڪم هن عمر ۾ جاري آهي جنهن سچ لکڻ ۾ وهي لڙيو آهي. اها
پاڪ جي ڳالهه آهي نه ڏاتي تعالي جنهن کي ۽ انسانيت جي اهڙن ايڏان کي ٿور ڪرڻ جي
ديوتي سرنيبي ٿو ان کي اهڙي همٿاڻي هٿ ۽ عطا ڪري ٿو. ڊاڪٽر راڻا جي اثر ڪتا
سفر نامي ۽ دوستن پاران اظهاريل جذبن تي مشتمل هي ڪتاب هڪ اهڙي دستاويزي آهي
جيڪا ايندڙ نسلن جي رهنمائي ۽ رهبري ۾ وات جو ڏيئو ثابت ٿيندي

نور احمد جنجهي
مٺي ٿرپارڪر

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
143